خالق جون
سائنسي ڪاريگريون

عزيزالله "عزيز" بروهي

سنڌي بوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد-سنڌ

سنڌي بوليءَ جي بااختيار اداري پاران سائنسي ڪتابن جي اشاعت
جي سلسلي جو ستون ڪتاب

خالق جون سائنسي ڪاريگريون

مصنف
عزيز الله 'عزيز' بروهي

سنڌي بوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد سنڌ
١٤١٤/ ١٩٩٤ع

سنڌي ٻوليءَ جي باختيار اداري جا حق ۽ واسطا قائم

چاپو پهريون : ۱۹۸۱ع
چاپو ٻيو : ڊسمبر ۱۹۹۴ع
تعداد : هڪ هزار

قيمت : =/ ۳۵ رپيا

ملڻ جو هنڌ :
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
نزد سنڌ صوبائي ميوزيم - نيشنل هاءِ وي
حيدرآباد، سنڌ

۽
ڪتاب گهر نمبر ۱۶
نسيم شاپنگ سينٽر قاسم آباد
حيدرآباد، سنڌ
پاڪستان

هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيو ۽ اداري پاران اشاعتي نگران امين لغاري ايڊيوڪيشنل پريس ڪراچي مان چپائي اداري مان پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پهربن ڇاپي جو مهاڳ

انسان کي خوابن جي دنيا مان کڍي حقي ۽ عملي زندگي بخشي ڪيس پائيپي ۽ اخوت جي جذبي سان سرشار ڪرڻ جو ٻيو نالو سائنس آهي، سائنسدانن جو يقين هوندو آهي ته مذهبي اختلافن کان مٿاهون ٿي ، ذات پات کي وساري هر انسان اهڙو ڪو ڪارنامو ڪري جنهن سان انسان ذات کي فائدو پهچي سگهي. قدرت اسان جو مذهب ۽ فطرت بنايا ئي اهڙي نموني آهن، جو هڪ ٻئي سان گڏجي باهمي صلاحيتن ۽ خاصيتن جو مجموعي فائدو وٺڻ لاءِ مجبور آهيون. اسلام ته اجتماعيت ۽ عالمگيريءَ تي خاص زور ڀري ٿو. جيئن هڪڙو معمولي کان معمولي فرد به هر نعمت کان مستفيد ٿي سگهي، سائنسدانن قدرت جي اهڙي منشا کي عملي صورت ڏيئي، خدا جي خوشنودي حاصل ڪرڻ ۾ ڪين گهٽايو آهي. انسان ته ٻيو پکي پکڻ، جيت جٽيو، مطلب ته هر جسم ۾ ڪا نه ڪا اهڙي ئي خاصيت رکيل آهي، پيٽر لين هين نالي سائنسدان موجوده قسم جي واڇ ايجاد ڪئي جنهن کي انسان استعمال ڪري رهيو آهي. مارڪونيءَ ريڊيو ايجاد ڪيو، جيڪو هر ڪنهن جي ڪم اچي ٿو. ايڊيسن بلب ايجاد ڪيو جنهن سان سڄي دنيا منور آهي. هي ته هڪا نموني طور سائنسدانن جي نيڪ نيتي جا ٿورا مثال، اهڙن مثالن سان ڪيئي ڪتاب لکجي وڃن. سائنس جو مقصد سڀ جي ڀُولها ۽ انسان ذات جي ڀلائي آهي، اسلام سراسر حڪمت آهي، حڪمت،علم کان سواءِ سمجهڻ مشڪل آهي، اهو علم جيڪو غلط عقيدن، وهمن ۽ اٽپوري جاڻ کان پاڪ ۽ مٿاهون هجي ۽

ڪائنات جي ترتيبوار ڳولها ڪري، تنهن کي سائنس چئبو آهي. علم حقيقت کي ظاهر ڪري ٿو بي يقيني ۽ خوف کان چوٽڪارو ڏياري ٿو. هڪ مفڪر D. Mercier سائنس جي تشريح ڪندي چوي ٿو، "واقعات جا قانون جوڙي، تجربي هيٺ آيل شين جي نوعيت معلوم ڪرڻ ۾ مخلوق جي فطرت پروڙڻ جو ٻيو نالو سائنس آهي".

غور ڪري ڏسو ته هيءَ ڪائنات جي عقلمندن لاءِ هڪ آئينو آهي جنهن ۾ قدرت جمال منظر عام تي عيان آهي، يعني جملي مخلوق خالق واحد جي جمال با ڪمال جو هڪ صاف آئينو آهي ۽ صاحب فڪر انسان ڪنهن ۾ شيءِ کي تڪيندو ته منجهس حسين و جميل تصوير نظر ايندي. اول ته انسان ئي عالم صغير ۽ خدا جي جمال جو آئينو آهي، ڇا مجال جو سندس خاصيت کي سماوات و ستارا، شجر و حجر پهچي سگهن. سندس ادراڪ ۽ دل درد مند جيڪا سوز و گداز الاهيءَ جو خزانو آهي، امانت مقدس يعني قرآن پاڪ جو بار کنيو جنهن جو تاب سهڻ جي همت ٻئي ڪنهن ۾ مخلوق کي نه ٿي. المقصد ته عظيم سائنسدان خود خدا ۾ آهي جنهن پراسرار ڪائنات جي هر ڪنهن شيءِ جي بناوت سائنسي طور تي ڪئي آهي، فڪر ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته هر ڪا شيءِ سائنسي اصول موجب زندگي گذارڻ تي مجبور آهي، جنهن جو تفصيلي احوال هن ڪتاب ۾ ڏجي ٿو، منجهس جيترا ۾ مثال ڏنا ويا آهن، انهن سيني مان ظاهر آهي ته سائنس فطري اصولن سان مطابقت رکي ٿي ۽ خالق حقي جي هر تخليق ۾ ڪونہ ڪو سائنسي سبب نظر ايندو، هن

ڪتاب جي تفصيلي مطالعي سان ثابت ٿيندو تہ موجوده ترقي يافتہ جديد سائنس بہ ايزدي سائنسي ڪاريگرين جو نتيجو آهي، جيڪي مخلوق ۾ واضح نموني ڏيکاريل آهن. گهٽا ڪٽر ماڻهو جيڪي خدا جي وجود جا منکر هئا، سي بہ سائنسي مشاهدن بعد سندس وحدانيت جا قائل ٿي رهيا آهن، اهڙيءَ طرح سائنس، علم اليقين کي عين اليقين بنائي اسلام جي بہ خدمت ڪئي آهي. اسلام جي ظهور کان پوءِ هن علم کي وڏي تقويت ملي آهي.

گهٽي وقت کان آرزو هئي تہ سنڌيءَ ۾ اهڙي نوعيت جا گهٽي کان گهٽا ڪتاب لکي سنڌ جي عام ماڻهن کي هن قسم جي معلومات کان باخبر ڪجي پر معاشي مجبورين اجازت نہ، پٽي ڏني، انهن ئي مجبورين سبب هن ڪتاب کي مختصر ڪري لکيو اٿم. سنڌي پائرن جيڪڏهن ڪتاب خريد ڪري همٿ افزائي ڪئي تہ نہ صرف هن ڪتاب جو ٻيو چاپو وڌيڪ خوبصورت، مفصل ۽ با تصوير هوندو پر هن سان گڏو گڏ پنهنجن ٻين ٻن ڪتابن "اسلام ۽ سائنس" ۽ "خدا، سائنس ۽ اسلام جي نظر ۾" جي چپرائڻ ۾ بہ مدد ملي سگهندي، جن جي تڪميل لاءِ اڃان بہ ڪن ڪتابن جو مطالعو ڪرڻو آهي. اميد تہ اسان جا پائر هن تحفي جي قدر داني ڪندا.

عزيز الله 'عزيز' بروهي

ٻئي چاپي جو مهاڳ

هزارين لکين تعريفون ان واحد الوجود لاءِ جڳائين، جنهن اجسام ممڪنات کي وحدت هيولاجي باوجود مختلف صورتون بخشيون. حمد بيحد واسطي ان خالق جي جنهن نوع انسان کي سموري مخلوقات تي فضيلت ڏني. انسان کي ڪهڙي طاقت جو سندس نعمتن جي شڪراني جو احاطو لفظن ۾ بيان ڪري لکي سگهي. ارشاد رباني آهي تہ لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْ اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ يعني "انسان کي اسان نهايت سهڻو ڪري پيدا ڪيو"، نہ صرف ايترو بلڪ هي ساري ڪائنات انساني ضرورتن خاطر حڪمت سان مالا مال ڪري خلقي ويئي آهي، جيئن فڪر ۽ فهم وسيلي ان ۾ پوشيده حقيقتون معلوم ڪري قادر جي قدرت جو احساس پائي مالڪ حقي جو راضپو ماڻي سگهون.

جڏهن مسلمانن جي علم و حڪمت جو دور هو، ۽ جيڪڏهن اها رفتار برقرار هجي ها تہ اڄوڪي سائنس کان اسين گهڻو اڳتي هجون ها. مشهور مغربي مفڪر ديما قديطس جيتوڻيڪ مذهب جو مخالف هو پوءِ بہ چوي ٿو تہ "ذهني خوشي، تهذيب، نفس سان ميسر ٿئي ٿي." تخليق جي هڙ ذرڙي تي فڪر ڪري پاڻ کي سڃاڻي حقيقت تي حاجت رکڻ ئي حقي فلسفو ۽ علم آهي، سڀني پيغمبرن اها ئي تعليم ڏني ۽ ان جي تڪميل حضور سرور ڪائنات صہ جن ڪئي.

جيڪب آباد — عزيز الله 'عزيز' بروهي

٦- جنوري ١٩٩٤ع

مهاڳ

الله تعاليٰ جي هيءَ ڪائنات نهايت ئي سهڻي ۽ دلڪش آهي. هن ڪائنات جي هر شيءِ انسان کي غور ۽ ويچار ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿي. قرآن پاڪ ۾ مختلف هنڌن تي غور و فڪر ۽ تدبر لاءِ ارشاد ڪيو ويو آهي. هيءَ زمين جنهن تي الله تعاليٰ جي مخلوقات رهي ٿي، جتي انسان خوراڪ کان پوشاڪ تائين پنهنجي ضرورت جي هر شيءِ سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح هن ئي زمين مان حاصل ڪري ٿو. سورة البقرة ۾ ارشاد آهي، "(الله) توهان لاءِ زمين کي وڇاڻو بنايو آهي ۽ آسمان کي ڇت بڻايو ۽ آسمان مان مينهن وسائي، توهان جي کاڌي لاءِ قسم قسم جا ميوا پيدا ڪيا. پوءِ ڪنهن کي خدا جو همسر نه بڻايو."

ٻئي هنڌ ارشاد آهي، "۽ اهو ئي آهي جنهن زمين کي پٽاريو ۽ ان ۾ پهاڙ ۽ درياهه پيدا ڪيا ۽ طرح طرح جي ميون جا ٻه ٻه قسم بڻايا. اهو ئي رات کي ڏينهن جي پوشاڪ پهرائي ٿو. غور ڪرڻ وارن لاءِ ان ۾ گهڻيون ئي نشانيون آهن."

انسان جو فرض آهي ته قرآن پاڪ جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪري زمين، آسمان ۽ ان جي وچ تي جيڪي ڪجهه آهي ان تي غور ڪري. مطلب ته هن ڪائنات جي ذري ذري تي وڏو ويچار ڪري ۽ انسان ذات جي بهتري ۽ پلائيءَ بابت سوچي ويچاري،

چاڪاڻ تہ هيءَ ڪائنات انسان جي فائدي لاءِ بڻائي وئي آهي.

محترم عزيز بروهي صاحب پنهنجي هن ڪتاب ذريعي غور ۽ فڪر جي دعوت ڏني آهي. پهرين باب جو عنوان آهي "سائنس ۽ غور و فڪر". جنهن ۾ هو ٻڌائي ٿو تہ جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي تہ هن ڪائنات جي هر شيءِ سائنسي اصولن موجب نظر ايندي.

بروهي صاحب جيتن جڻين جي مختلف قسمن جو بيان ڪندي، سندن ڇُرپر مان جيڪي سائنسي نتيجا نروار ڪيا آهن، سي وڏي اهميت رکن ٿا. سندس هن ڪتاب مان اسان کي هيءَ ڳالهہ معلوم ٿئي ٿي تہ جيتن جڻين جي هر عمل ۾ ڪونہ ڪو سائنسي ۽ حڪمت پريو سبق ملي ٿو. مطلب تہ بروهي صاحب جيتن جڻين ڪان سواءِ پکين ۽ جانورن بابت سائنس جي اصولن موجب معلومات ڏني آهي. هن ڪجهہ مثال ڏئي اهو ثابت ڪيو آهي تہ سائنس فطري اصولن سان مطابقت رکي ٿي ۽ خالق حقيقي جي هر تخليق ۾ ڪونہ ڪو سائنسي سبب نظر اچي ٿو ۽ موجوده ترقي يافتہ جديد سائنس بہ خالق جي سائنسي ڪاريگرين جو نتيجو آهي.

10 ڊسمبر 1994ع
حيدرآباد - سنڌ

ڊاڪٽر نواز علي شوق
چيئرمين
سنڌي هوليءَ جو بااختيار ادارو

عنوانن جي فهرست

عنوان			صفحا
باب پهريون	:	سائنس ۽ غور و فڪر	۱۱
باب ٻيو	:	انساني سوچ ۽ سائنسي رغبت	۲۵
باب ٽيون	:	آسماني نعمتون	۴۵
باب چوٿون	:	جيت ۽ سائنسي طرز عمل	۵۴
باب پنجون	:	جانورن ۾ سائنسي نشانيون	۷۶
باب ڇهون	:	پکين ۾ سائنسي عمل	۸۹
باب ستون	:	جاندارن کي صفائي جي ضرورت	۹۸

باب پهريون

سائنس ۽ غور و فڪر

سائنس اصل ۾ لاطيني ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "علم" جئين ته لفظ علم عام طرح گهڻين ئي معنائن ۾ استعمال ٿيندو آهي، تنهنڪري گهٽي وقت تائين ماڻهو طب، هيئت ۽ رياضي وغيره سان گڏ تاريخ، شهريت ۽ منطق وغيره کي به سائنس چوندا هئا. اڄ ڪلهه سائنس جي معنيٰ هيئن ڪئي وڃي ٿي:

"مشاهدن ۽ تجربن ذريعي سببن ڳولهڻ کي سائنس چئبو آهي" يعني اهو علم جنهن ۾ اکين ڏٺا واقعا ۽ لقاءِ بيان ٿيل هجن. هئين ڪٽي چئجي ته اهو علم جيڪو زندگيءَ جون ٽيڪ حقيقتون آزمايل ۽ تجربي هيٺ آيل قدرت جا قاعدا ۽ رياضيءَ جا مڪمل ۽ صحيح قانون سيکاري. مشهور آمريڪي مفڪر وليم جيمز جو چوڻ آهي ته "فرد جي ذهني زندگيءَ جي اها نوعيت جنهن سان هو ادراڪي نظام وسيلي تجربو حاصل ڪري، تصوراتي نظام اختيار ڪري، تنهن کي سائنس چئبو آهي". ٻين لفظن ۾ ائين ڪٽي چئجي ته خداداد ذهني صلاحيتن وسيلي حق ۽ يقين جي ڳولها کي سائنس چئبو آهي. ائين چوڻ به صحيح ٿيندو ته سائنس انسان جي جذبن ۽ خيالن جي ترجماني ڪري منجهس سوچ، ڳولها ۽ ايجاد جو جذبو پيدا ڪري ۽ حقيقت ماڻڻ ۾ رهبري ڪري ٿي.

علم اهو جيڪو ڪائنات کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري، انساني ذهن کي ترقي ڏياري، کيس صحيح نموني استعمال ۾ آڻي، حقي

نتيجن تي سولائيءَ سان پهچائڻ ۾ انسان جي نظرين ۾ خيالن کي قانوني نظريي مطابق بنائڻ ۾ رهنمائي ڪري سگهي. سائنس، انساني سوچ جو دائرو وسيع بنائي صحيح سببن کان آگاهه ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي. فطري تقاضن جي پورائيءَ جون سيئي خاصيتون هن علم ۾ آهن. سائنسي تعليم سبب مذهب ۾ انسان جا عقيدا وڌيڪ مضبوط ۾ پختا ٿين ٿا، ڇاڪاڻ ته حقيقت جو نظارو ڏسڻ کان پوءِ هر قسم جا گمان دور ٿي وڃن ٿا ۾ عالمي مسئلن ۾ به غلطين جو امڪان گهٽو گهٽجي وڃي ٿو. پنهنجي جهالت، ڪمزور عقيدن سبب انسان جن شين کان ڊڄندو رهيو آهي، تن جي عظمت فائدن ۾ نقصانن جي باري ۾ اضافي علم سبب هر قسم جو خوف سندس ذهن مان نڪريو وڃي. جڏهن ڪيس اهو احساس ٿيو ته هو ڪنهن لامحدود ذات جو جزو آهي ته پوءِ پنهنجن تجربن وسيلي ان لامحدود ڪائناتي قوت يعني خالق حقي رب العزت کي وڌيڪ ويجهو ٿيندو ويو.

سائنس، علم جو هڪ اهڙو سلسليوار ذخيرو آهي جيڪو انسان اڳيان مشاهدن جي بنياد تي ڪائنات جي جوڙجڪ ۾ عمل بابت ٺيٺ حقيقتون واضح ڪري ٿو. مالڪ الملڪ ته انسان ۾ تخيل جو مادو پيدا ڪري ڪيس اها صلاحيت بخشي جو هو ڪنهن موضوع ۾ روح ڦوڪي، جان وجهي تخليق جي ان اسرار تان پردو هٽائي سگهي.عالم هجي توڙي فني ماهر، موسيقار هجي توڙي شاعر سيئي ڪائنات جا ڳجهه معلوم ڪرڻ لاءِ تخيل کان ڪم وٺندا آهن. هڪڙي سني سائنسدان ۾ بهترين محقق ۾ تخيل قائم ڪرڻ ۾ ان تي اعتماد ڪرڻ جي صلاحيت ضرور هئڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته خود اعتمادي ۾ڪان سواءِ ڪو به عمل مڪمل ڪري نه ٿو سگهجي. هر

انسان ۾ ڪي اهڙا ذهني لاڙا هوندا آهن، جن سان هو تخيل ۽ دليل ذهن ۾ رکي پوءِ ان جي بنياد تي تحقيق ۽ مشاهدا ڪندو آهي ۽ سوچيندو آهي ته ڪنهن مقصد کان سواءِ ڪو تجربو ڪرڻ اجايو آهي ۽ منجهانئس وقت وڃائڻ کان سواءِ ٻي ڪا هڙ حاصل نه ٿي ٿئي. قدرتًا ٻه هر انسان جي اها فطرتي تقاضا هوندي آهي ته صرف بنيادي مذهبي عقيدن کي ڇڏي باقي زندگيءَ جي هر عمل، واقعات ۽ اصولن تي اکين ڏٺي مشاهدي کان سواءِ اعتماد نه ٿو رکي. حد اها آهي ته ڪو واقعو ٻڌي، مختلف ماڻهن کان ان جون شاهديون ونڊي اصلي معاملي جي سببن جو مشاهدو ڪري پوءِ ڪو ماڻهو ان جي يقيني طور تي تصديق ڪري سگهي ٿو، نه ته ان ۾ ڪيترائي شبها رهجيو وڃن. ان ڪري اصول جو ٻيو نالو سائنس آهي. ٻيو ته نهيو امتحان ۾ ڪو شاگرد ڪنهن سوال جو جواب تڏهن ئي پنهنجي جوابي ڪاپيءَ تي نقل ڪري ٿو، جڏهن ڪيس اها پڪ ٿي ٿئي ته جواب صحيح آهي. ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته ڪو شاگرد جهيڙي بازيءَ ۾ حاصل ڪيل غلط يا صحيح جواب ڪاپيءَ تي لکي نااميد هوندو. بهرحال حقيقت جو علم انسان جي فطري ضرورت آهي. اسان جي آقاءِ نامدار نبي آخر زمان حضرت مُحَمَّد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن ٻه اسان کي اهائي تلقين ڪئي آهي ته ڪنهن جي ٻه باري ۾ جڏهن ڪا ڳالهه ٻڌو ته يڪدم فيصلو نه ڏيو ڇاڪاڻ ته متان ڪا غلطي نه رهجي وڃي. غور ڪري، سمجهي، سوچي، حقيقت پروڙي پوءِ ڪا راءِ قائم ڪريو.

قدرت هن جهان کي دَارُالْعَمَل ۽ ايندڙ دنيا کي دَارُالجَزَا بنايو آهي. جيڪي ڪجهه هتي پوکبو تنهن جو ڦل ايندڙ جهان ۾ ملندو.

هاري توڙي مزدور مطلب تہ هر پورهيت کي معاوضو محنت ختم ٿيڻ کان پوءِ ملندو آهي. ڏئو ويو آهي تہ هاري زمين ۾ سخت محنت ڪرڻ بعد بج ڇڻي پوءِ مستقبل جو انتظار ڪندو آهي تہ ان جو نتيجو ڇا ٿو نڪري يعني هر انسان فطرتاً ماضي ۽ حال کان وڌيڪ اهميت مستقبل کي ڏئي ٿو ۽ ان جو ئي وڌيڪ اونو هوندو اٿس. هو ماضيءَ جي تجربن ۽ واقعات جي روشنيءَ ۾ مستقبل سنوارڻ ۽ آسان بنائڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏيندو آهي. ڪوئن ۽ ڪولين جو ئي مثال ونو، جن کي عام ماڻهو بي سمجهہ ۽ اڻوجهہ مخلوق سمجهندا آهن. هي نهايت اورچ آهن ۽ کين آئنده جو گهڻو اونو رهي ٿو. اهائي سوچ هوندي اٽن تہ ايندڙ وقت ۾ متان کا ٻوڏ اچي، ڏُڪر پوي يا ٻئي ڪنهن سبب جي ڪري اناج پيدا نہ ٿئي تہ ان جو اڳواٽ بندوبست ڪرڻ لاءِ هر قسم جي اناج جا ذخيرا اهڙين محفوظ جاين ۾ گڏ ڪري لڪائي ڇڏجن، جتي اهي هر قسم جي خطرن کان محفوظ رهن. سندن اهڙا پوريل ذخيرا تہ هر ڪنهن ڏٺا هوندا.سالن جا سال زمين ۾ پورجڻ کان پوءِ بہ انهن لاءِ ڪنهن قسم جي نقصان جو انديشو نہ ٿو رهي. ظاهر آهي تہ هو زميني تهن جي فطرت کان باخبر آهن. انسان کي ماضيءَ جي صدمن توڙي حال جي تڪليفن ۽ پريشانين جي ايتري ڳڻتي نہ هوندي آهي، جيتري مستقبل جي. هڪ پير مرد باغ رکڻ جي خيال سان پنهنجي ٻنيءَ ۾ ڪي ميويدار وڻ ٻئي پوکيا تہ هڪڙي واٽهڙو مشڪي ڪيس چيو تہ ڏاڏا، تنهنجي پوک تہ پڇي لاباري تي پهتي آهي يعني اڄ ٿو قبر ۾ داخل ٿين يا سياڻي، باقي هي باغ ڇا لاءِ ٿو رکين. ڪراڙي وراڻيس تہ پٽ! هائو تنهنجي ڳالهہ صحيح آهي، پر هيءُ جيڪو باغ ڏسين ٿو سو منهنجن

وڏن رکيو هو جنهن جو ڏل اڄ مان کائي رهيو آهيان ۽ هي جو باغ مان رکان ٿو سو تنهن جو ميوو وري منهنجا پويان نسل کائيندا. اهڙي ئي سوچ سائنسدانن جي آهي. هو بہ پنهنجي تحقيق، تجربن ۽ مشاهدن دوران انتظار ۾ هوندا آهن تہ ڏسجي نتيجو ڇا ٿو نڪري، محنت تکليفون ۽ ڪشالا ڪاٽي ايندڙ نسلن جي رستي مان ڪنڊا هٽائي سندن زندگي پرمسرت بنائڻ ۾ مشغول آهن. هو بہ ان اصول تي ڪم ڪندا آهن تہ هيءُ جهان دارالعمل ۽ ايندڙ جهان دارالجزا آهي، مسلمان جو بہ ساڻيوئي ايمان هوندو آهي. قدرت جو اٽل فيصلو آهي تہ حال جي محنت جو ڏل مستقبل ۾ ملڻو آهي. هتي نيڪيون ڪبيون تہ آخرت ۾ جنت نصيب ٿيندي. گذريل عالمن ۽ سائنسدانن جي ڪيل تحقيقات کي موجوده دور جي ماهرن بنياد بنائي ان کي ئي اڳتي وڌائن شروع ڪيو آهي ۽ سندس هلندڙ محنت جو ڏل نہ صرف موجوده ماڻهن کي ملندو پر ايندڙ نسل لاءِ پڻ مفيد رهندو. هو وري ان کي بنياد بنائي ڪم کي اڳتي وڌائيندا. جنهن سائنسدان ريل گاڏي ايجاد ڪئي تنهن ان کي موجوده صورت تہ ڪانہ ڏني هئي ۽ سندس بنايل گاڏيءَ ۾ تمام ٿورا ماڻهو مشڪل سان سفر ڪري سگهندا هئا ۽ گهٽي خرچ سان گڏوگڏ منجهس خطرن جو بہ گهٽو امڪان پئي رهيو. پوءِ وارن سائنسدانن ان ۾ اصلاح ڪري گهربل تبديليون آڻي ڪيس ان حد تي پهچائي ڇڪا آهن جو اها بجلي ۽ ائٽمي توانائيءَ وسيلي هلي گهٽي ۾ گهٽو بار کڻي سگهي ٿي، سندس دريون ۽ دروازا فقط هڪ بٽڻ دٻائڻ سان کولي ۽ بند ڪري سگهجن ٿا. مطلب تہ ان کي هر لحاظ کان خود ڪار بنايو ويو آهي. ممڪن آهي تہ آئينده سائنسدان ان کي سڌاري

سندس طرز عمل کي اڃان بہ وڌيڪ سولو ۽ مفيد بنائي ايندڙ نسلن لاءِ زياده سهوليتون پيدا ڪري سگهن.

انسان کي اشرف المخلوقات جو لقب بخشڻ سان گڏ ڪيس اعليٰ ذهني صلاحيتون بہ عطا ڪيون ويون آهن، جن جي وسيلي هو حقيقت جو رستو ڳولهي سگهي ٿو. نہ صرف ايترو پر ٻيون جاندار شيون بہ ذهن رکن ٿيون جن جا اڃ ڪٿ مثال ايندڙ بابن ۾ بيان ڪيا. مختلف ساموندي مخلوق تي تحقيق دوران معلوم ڪيو ويو آهي تہ ساموندي جانور ۽ جيت بہ تمام ذهين آهن. ڪين تربيت ڏيڻ سان، ڪائنڪ راندين ۽ ٻين ڪيترن ئي نمونن جا ڪم وٺي سگهجن ٿا. مشهور آمريڪي ماهر نفسيات جان للي‌ءَ جو چوڻ آهي تہ اهو وقت پري ناهي جو ڊولفن نالي مڇيءَ جي مدد سان غرق ٿيل جهازن جي ڳولا ڪري سگهجي. نہ فقط ايترو پر ڪائنڪ سمنڊن ۾ مڇي مارڻ جو ڪم بہ وٺي سگهجي. مطلب تہ غور و فڪر، تحقيق ۽ جستجو عين فطرت آهي. ان سلسلي ۾ جيترو اڳتي وڌبو تيئن فطري ضرورتون سهڻي نموني پوريون ٿي سگهنديون. جيئن ئي وقت گذرڻ سان دنيا جي آباديءَ ۾ اضافي سان گڏ دنيوي خواهشون بہ وڌنديون وڃن ٿيون تيئن ئي جستجو ۽ تحقيق جي ضرورت بہ وڌيڪ محسوس ٿيندي وڃي ٿي. هر جاندار جي اها فطري تقاضا هوندي آهي تہ هو پنهنجي بچاءُ لاءِ ڪجهہ سوچي ۽ ڪري. ان مقصد لاءِ ڪڏهن ڪيس گهاٽن ٻيلن جو سهارو وٺڻو پوي ٿو تہ ڪڏهن ڏرتيءَ جي سيني ۾ لڪڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي ۽ ڪڏهن وري اجتماعي اصول واري عمل سان گڏجي سڏجي ٽولا ناهي رهڻو پوي ٿو.

انسان ئي واحد جاندار آهي جنهن ۾ حالتن ۽ ماحول جي

تبديلين، مثلاً: بدلجندڙ موسمي حالتن، ہوڏن ۽ ڏُکر وغيره مطابق پنهنجي رهڻي ڪهڻي ۽ عادتن کي تبديل ڪرڻ جون صلاحيتون موجود هونديون آهن، اتفاق جي بجاءِ خود انسان ماحول کي تبديل ڪرڻ ۾ به يقين رکي ٿو. سندس ترقي فقط ان ۾ آهي ته قدرتي وسيلن کي پنهنجي تابع ڪري، استعمال ۾ آڻي انسان ذات لاءِ مفيد ثابت ڪري سگهي. سندس يقين آهي ته جيڪڏهن جاهلن وانگر مان ٽي ويهي رهبو ۽ غور و فڪر نه ڪبو ته پوءِ هن ڪائنات جون سموريون نعمتون جيڪي انسان جي فائدي خاطر بنايل آهن سي مفيد ته نهيو پر نقصانڪار ثابت ٿيندیون، جيئن فرمايل آهي "الجهل موت الاحياءِ"، يعني جهالت زندگيءَ لاءِ موت برابر آهي. وري ٻئي هنڌ فرمايل آهي "العلم حيات القلب و مصباح الأبصار"، يعني علم دل جي زندگي ۽ اکين جي روشني آهي. جن به جيتن ۽ حيوانن ڏانهن نظر ڦيرائبي ته سندن خوراڪ حاصل ڪرڻ جي طريقن، حفاظتي تدبيرن ۽ رهڻي ڪهڻي ۾ ڪوڙ ڪو اندازِ فڪر ۽ سائنسي رجحان ضرور نظر ايندو، جيڪو يقيناً اسان لاءِ مفيد مثال آهي. قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي:- اِنَّ فِيْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَاخْتِلَافِ اللَّيْلِ وَالنَّهَارِ لَاٰيٰتٍ لِّاُولِي الْاَلْبَابِ اَلَّذِيْنَ يَذْكُرُوْنَ اللهَ قِيَامًا وَّقُعُوْدًا وَّعَلٰى جُنُوْبِهِمْ وَيَتَفَكَّرُوْنَ فِيْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ رَبَّنَا مَا خَلَقْتَ هٰذَا بَاطِلًا سُبْحٰنَكَ فَقِنَا عَذَابَ النَّارِ.

ترجمو:- "زمين ۽ آسمانن جي پيدائش ۽ رات ڏينهن جي واري واري سان اچڻ ۾ انهن هوشمندن لاءِ گهڻيون نشانيون آهن، جيڪي اٺندي وهندي هرحال ۾ خدا کي ياد ڪن ٿا ۽ آسمان ۽ زمين جي جوڙجڪ ۾ غور و فڪر ڪن ٿا. (هو بي اختيار چئي ڏين ٿا)

پروردگار هي سڀ ڪجهہ تو اجايو ۽ بي مقصد نہ بنايو آهي، تون پاڪ آهين اجائي ڪم کان، پوءِ اي رب ! اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.

قرآن پاڪ ۾ ڪيترائي ٻيرا آيل آهي تہ هي جو ڪجهہ جهان ۾ آهي سو سڀ انسان ذات جي فائدي لاءِ بنايل آهي جيئن هو غور ۽ فڪر ڪري حقي مقصد حاصل ڪري سگهن. ان حڪم جي پيروي ڪندي سيني نبين ہ غور و فڪر جي هدايت ڪئي آهي جيئن حقيقت کي وڌيڪ ويجهو اچي سگهجي ۽ جنهن مقصد سان هي ڪائنات بنائي وئي آهي، ان جو پورو پورو فائدو وٺي سگهجي.

حضرت خواجہ حسن بصري رحمت الله عليه جن جو قول آهي تہ : "غور ۽ فڪر جي هڪڙي گهڙي سڄي رات جي ٻيهي عبادت ڪرڻ کان بهتر آهي". حضرت فضيل رحمت الله عليه جن فرمائن ٿا تہ، "حضرت بصري حسن رح جن جو هي ہ قول آهي تہ غور، فڪر ۽ مراقبو اهڙو آئينو آهي جيڪو انسان جي اڳيان سندس ڀلايون ۽ برايون پيش ڪري ٿو".

حضرت سفيان بن عيينہ رحہ جن فرمائن ٿا تہ "غور ۽ فڪر هڪ روشني آهي جنهن جو اثر هميشه اوهان جي دل تي رهندو". پاڻ گهٽو ڪري اهي بيت پڙهندا هئا:

اذا المرأ كانت له فكرة

ففي كل شيءٍ له عبرة

ترجمو: "جنهن انسان کي باريڪ بينيءَ ۽ سوچ سمجهہ جي عادت پئي ان کي هر هڪ شئي ۾ عبرت ۽ آيت نظر ايندي آهي،

حضرت عيسيٰ عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ "خوش نصيب

آهي اهو شخص جنهن جو ڳالهائڻ ذڪر الاهي ۽ نصيحت هجي ۽ خاموشي غور و فڪر هجي ۽ سندس ڏسڻ عبرت ۽ تنبيهه هجي".

لقمان حڪيم رحمت الله عليه جن جو هي حڪمت پريو قول به ياد رکڻ گهرجي ته، جيتري قدر گوشه نشيني (اڪيلائپ) زياده هوندي اوتريقدر غور و فڪر ۽ انجام بيبي (نتيجي تي پهچڻ) جي صلاحيت وڌيڪ ٿيندي ۽ انسان لاءِ حقيقت جا وڌيڪ دروازا ۽ رستا کلندا جيڪي کيس جنت ۾ پهچائيندا"

حضرت وهب بن منبه رحمت الله عليه جن فرمائن ٿا: "جيتري قيدر مراقبو وڌيڪ ٿيندو اوتري قدر سمجهه ۽ سوچ وڌندي ۽ اوترو علم نصيب ٿيندو ۽ جيئن علم وڌيڪ ٿيندو تيئن نيڪ عمل به وڌندا"

حضرت عمر بن عبدالعزيز رحمت الله عليه جن جو ارشاد آهي ته "الله عزوجل جي ذڪر ۾ زبان کي استعمال ڪرڻ تمام سنو ڪم آهي ۽ خدا جي نعمتن ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ افضل عبادت آهي"

حضرت خواجه حسن بصري رحه جن جو هڪ ٻيو قول آهي ته "اي ابن آدم! پنهنجي پيٽ جي ٽن حصن مان هڪڙي حصي ۾ کاءُ، ٻئي ۾ پاڻي پيءُ ۽ ٽيون حصو انهن خيالن لاءِ ڇڏ، جن سان تون آخرت جي ڳالهين پنهنجي انجام ۽ اعمال تي غور ۽ فڪر ڪري سگهين". ڪن حڪيمن جو چوڻ آهي ته جيڪو شخص دنيا جي شين تي بغير عبرت حاصل ڪرڻ جي نظر وجهي ٿو ته ان غفلت سبب سندس دل جون اکيون ڪمزور ٿي وڃن ٿيون.

امير المومنين حضرت عمر بن عبدالعزيز رحمت الله عليه جن هڪ دفعي مجلس ۾ ويٺي رونق وڌنو، ماڻهن سبب پڇيو ته پاڻ

فرمايائون، مان هن دنيا ۾ ان جي لذتن ۽ خواهشن ۾ غور وفڪر ڪيو ۽ عبرت حاصل ڪئي، جڏهن نتيجي تي پهتس تہ منهنجون خواهشون ختم ٿي ويون، حقيقت اها آهي تہ هر شخص لاءِ ان ۾ نصيحت ۽ عبرت آهي.

سيدنا حضرت عيسيٰ عليه السلام جن جو فرمان آهي تہ "ابن آدم! اي ضعيف انسان! تون جتي بہ هجين الله تعاليٰ کان ڊجندو رهہ، دنيا ۾ عاجزي ۽ مسڪينيءَ سان گذار، مسجدن کي پنهنجو گهر بناءِ، پنهنجي اکين کي روئڻ سيکار، جسم کي صبر جي عادت بخش، دل کي غور و فڪر وارو بناءِ ۽ سياڻي جي روزيءَ جو فڪر اڄ نہ ڪر." حاصل مطلب تہ سائنس غور و فڪر جو ٻيو نالو آهي، هي انسان جي جذبن ۽ خيالن جي ترجماني ڪري منجهس سوچ، کوجنا ۽ ايجاد جو جذبو پيدا ڪري حقيقت ماڻڻ ۾ رهبري ڪري ٿي. آزاد گهٽي وقت تائين انسان جهنگلن، جبلن ۽ ٻيلن ۾ رهڻ لڳو. ان ڪري نہ رڳو ڪيس جسماني بلڪ روحاني تڪليفن جو ڪيتري ئي وقت تائين منهن ڏسڻو پيو سندس حالت ڏينهون ڏينهن ترقيءَ بجاءِ تباهي ڏانهن وڌندي رهي. اهڙا اکين ڏٺا مثال اڄ بہ آفريڪا جي جهنگلن ۽ ٻيلن ۾ اسان کي ملن ٿا. ان جي ابتڙ اجتماعيت ۾ برڪت آهي. ان جي تلقين خود اسانجي آقاءِ نامدار سرور ڪائنات حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن بہ ڪئي آهي تہ گڏجي گذارڻ ۾ اڪثر منجهارا گهڻو گهٽجي وڃن ٿا. هڪ ٻئي جي ذهني ۽ جسماني صلاحيتن جو فائدو وٺي، پنهنجي زندگي پرمسرت بنائي سگهجي ٿي. انسان کان وڌيڪ اجتماعيت پسندي تہ حيوان ۾ آهي. ڏسو وڻن وڻن ٻيلن ۾ هاٿي ۽ بگهڙ وغيره پنهنجا ٽولا ٺاهي

نڪرندا آهن، جيئن دشمن جو پرپور مقابلو ڪري سگهن. ڪولين ۽ ماڪوڙين جو مثال ونو، ڪيئن نہ هر معاملي ۾ هڪ ٻئي جو سات ڏيئي ڪم ڪار ۾ هٿ وندائين ٿيون. هن مان سندن گڏيل تعاون جي جذبي جا مثال ملن ٿا.

انسان جڏهن وڌندڙ تڪليفن ۽ ضرورتن سبب پنهنجي انفرادي قوتن کي اجتماعي صورت ڏني، تہ نہ صرف پنهنجي تاريخ جي شروع ۾ ئي اهرام مصر جهڙيون عجيب عمارتون تيار ڪيون، پر ان قديم دور ۾ ئي بيرم، ٽيٽو چرخي ۽ باهہ ايجاد ڪئي، باربرداريءَ لاءِ وري جانورن کي تربيت ڏيئي سڌاري انهن پٺيان ٽيٽو لڳائي، هن نہ صرف پاڻ کي ۽ مضبوط بنايو، پر هوائن تي حڪمراني ڪرڻ لڳو. هن پنهنجي هٿ جي محنت ۽ ذهني قوتن جي اجتماعي عمل سان پنهنجي تخيل کي پر لڳائي هوائي جهاز ايجاد ڪيو، جنهن جي وسيلي زميني مدار مان فلڪياتي سرشتي جو مشاهدو ڪرڻ جهڙو ٿيو آهي. سو اجتماعيت هڪ فطري گهرج آهي، مجبورا هر ڪنهن کي گڏجي رهڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي روسي ۽ آمريڪي خلاباز جيڪي فلڪياتي نظام جو مشاهدو ڪري ان مان انسان ذات جي فائدي وارن عنصرن جي ڳولا ۾ آهن، تن بہ گڏجي ڪم ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي آهي، ۽ هن سلسلي ۾ ڪيترن ئي موقعن تي گڏجي صلاح مشورا ڪري ڪو گڏيل طريقو اختيار ڪرڻ بابت پئي سوچيو آهي. خلا ۾ پنهنجين خلائي گاڏين کي ملائي گڏيل تجربا ڪيا آهن. پر اسان پنهنجي غفلت ۽ گهري ننڊ سبب جن ماڻهن تي ننڍوليون ڪري کين ڪيترن ئي نفرت جوڳن لقبن سان نوازيون ٿا، حقيقت ۾ ڪائناتي جسمن کي مسخر ڪرڻ لاءِ

تحقيق ۽ غور و فڪر ۾ رات ڏينهن مشغول ۽ اهي ئي آهن، ته انهن کي ڪيتريقدر انسان جي بهتري ۽ بهبوديءَ لاءِ ڪم آڻي سگهجي ٿو. تنهن ڪري انساني بهبوديءَ جي سلسلي ۾ تنگ نظريءَ جي عيوض فراخدليءَ کان ڪم ونڻ گهرجي، جيڪي ڪجهہ خلقيو ويو آهي، تنهن سموري تخليق ۾ يقيناً اسان جي بهتريءَ کي نظر ۾ رکيو ويو آهي. اسان سيني (خاص طرح مسلمانن) جو ايمان آهي ته دنيا جي هر ڪا شيءِ انسان (اشرف المخلوقات) لاءِ فائديمند آهي ۽ الله پاڪ بي فائدي شين بنائڻ کان پاڪ آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چوڻ قطعي درست ٿيندو ته هي ماڻهو قرآن پاڪ جي ان آيت جي تعميل ۾ رات ڏينهن رڌل آهن، جنهن ۾ اهڙو ارشاد آهي. جيتوڻيڪ ڪلام الاهيءَ جي بنيادي مذهبي عقيدن ۾ انهن ماڻهن جو پروسو ناهي (جنهن جي ڪري کين ڪافر سڏيو وڃي ٿو) تنهن هوندي ۽ انسان ذات جي خدمت خاطر سندن قابل تعريف محنت کي داد ملڻ گهرجي. حقيقت جو انڪار ڪلي جهالت آهي ممڪن آهي ته تحقيق ۽ جاکوڙ دوران حقيقت جو جلوو پسي ايمان ۽ آڻين بلڪ اهڙا ڪافي مثال دنيا سامهون اچي چڪا آهن، جو ڪيترائي غير مسلم سائنسدان پنهنجي جاکوڙ جي اُن بلندي کي وڃي پهتا، جو انهن کي مجبور ٿي ڪلمۂ حق پڙهي سچو مسلمان ٿيڻو پيو، جيڪو هن صديءَ ۾ اسلام جي صداقت ۽ عظمت جو معجزو آهي. ڇاڪاڻ ته صحيح رستو وٺي هلڻ سان نيٺ منزل مقصود تي پهچي سگهجي ٿو. پوءِ اهڙي ڪم تي کين روڪي مختلف ذهني اذيتون ڏيئي ٻانهن مروڙ ڪري ڇو روڪيون، جڏهن ته تخليق ڪائنات جي عظيم مقصد کي ڪمال جي انتها تائين پهچائڻ جو سمورو ڪم اشرف

المخلوقات انسان کي ئي ڪرڻو آهي، پوءِ اهو مسلم هجي يا غير مسلم. جيڪو جستجو ڪندو سو ئي حقي مقصدن جي ڄاڻ حاصل ڪندو.

اڄ جيڪا فلسفي ۽ سائنس ترقي ڪئي آهي، تنهن غير مسلم عقلمندن، حڪيمن ۽ دانشورن جي ذهن تان ملحدانہ مذهبن ۽ رسمي عقيدن جو پوت لاهي ڇڏيو آهي. هاڻ آمريڪا ۽ يورپ جو پڙهيل طبقو پنج سيڪڙو بہ انهن عقيدن تي يقين نہ ٿو رکي. چوٽيءَ جا جديد سائنسدان جيڪي مختلف ميدانن ۾ جستجو ڪري رهيا آهن، تن کي تہ اهڙا بت پرستي وارا عقيدا ذهن ۾ ئي ڪونهن. باقي عام پڙهيل طبقو بہ تمام گهٽ تعداد ۾ انهن فرسوده اصولن ۾ دلچسپي وٺي سندن پٽيرائي ڪري ٿو. انهن بہ پنهنجي مفاد ۽ سماجي مجبورين کان چوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ حقي سائنس ۽ ڪنهن قدرتي اصول يا راز سان ٽڪر نہ کاڌو آهي، وقت گذرڻ سان انسان خالق دوجهان جي بنايل هر مفيد تخليق جون خاصيتون ڳولهي، دنيا جي پلائيءَ خاطر استعمال ۾ آڻڻ واري عمل ۾ اڳيري حيثيت رکندو اچي ٿو، مطلب تہ الله پاڪ جيڪي ڪجهہ خلقيو آهي، تنهن جو علم رکي، ان کي انسانيءَ پلائيءَ لاءِ ڪم آڻڻ جو ٻيو نالو سائنس آهي. ائين ٻيو نظر اچي تہ سائنسدان قرآن پاڪ جي انهن سيني آيتن تي بہ مڪمل طرح سان عمل ڪري رهيا آهن، جن ۾ فرمايل آهي تہ "هي سمورو (جهان) انسانن جي فائدي لاءِ بنايل آهي، جيئن هو غور وفڪر ڪن". ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ ڪن تمام ٿورن سائنسدانن جا ڪجهہ نظريا اسان جي مذهب اسلام سان ڪنهن حد تائين تضاد رکن ٿا، تنهن جو واحد سبب هي آهي تہ اهڙا ماڻهو غير

مسلم آهن، ليڪن اهو عين ممڪن آهي تہ هو پنهنجي حقيقت پسنديءَ (جيڪا سائنسدانن جي بنيادي فطرت آهي) واري نقطئہ نظر سبب، ڪائنات جو اصلي سبب ۽ راز معلوم ڪري، صدين کان قائم ڪيل غلط نظريا بدلائي پوري طرح قرآن پاڪ جي ٻڌايل رستي تي خودبخود هلڻ شروع ڪن، باقي ڪوبہ اهڙو مسلمان سائنسدان ڪونہ ملندو جنهن جا نظريا ڪلام الاهيءَ جي ابتڙ هجن. جيڪڏهن هلاڪو ۽ چنگيز خان تاتاريءَ جهڙن ظالم بادشاهن، جن وڏا وڏا عالم ۽ ماهر سائنسدان مارايا ۽ عظيم ڪتب خانا ساڙائي ڇڏيا، تن کي رب سائين سندن ظلمن کان اڳ ئي غرق ڪري ڇڏي ها تہ اڄ مسلمانن جو پيڇرو نہ فقط چند ۽ مريخ وغيره تائين هجي ها، پر هو ايان بہ اڳتي وڌي ڪهڪشائي نظام کي فتح ڪري آسماني دنيا تي مڪمل طور رسائي رکڻ لائق ٿي وڃن ها.

باب ٻيو

انساني سوچ ۽ سائنسي رغبت

حقيقت ۾ سائنس جي تاريخ اتان شروع ٿئي ٿي جتان هن ڪائنات جي ابتدا ٿي آهي. کاڌي خوراڪ حاصل ڪرڻ توڙي ٻين ضرورتن لاءِ هر انسان ۽ حيوان، سمجهه، سوچ ۽ فڪر کان ڪم وٺي ڪو نہ ڪو طريقو ڳولهي ڪڍي ٿو. هڪ دفعي هڪڙي نصراني پادري ڏٺو تہ، هڪ پکيءَ جو ننڍڙو ٻچو جنهن کي اڃامن جي طاقت ناهي، آکيري ۾ ويٺي، جڏهن پنهنجو ضعيف ۽ ڪمزور آواز ٻڌي ڪڍيو تہ ٻيا پکي سندس اهڙي ضعيف آواز تي رحم کائي قسمين قسمين ميوا سندس آکيري ۾ آڻي وجهندا هئا. ڪجهه وقت کان پوءِ پکيءَ جو ٻچو تہ اڃامڻ جهڙو ٿي هليو ويو، پر ان کان اڳ ان پادريءَ سندس بناوت ۽ ڪم ڪرڻ جو طريقو سمجهي سوچي پنهنجي ذهن ۾ رکي ڇڏيو. کيس خيال ٿيو تہ مان بہ ڇو نہ هڪڙو اهڙو پکيءَ جو ٻچو ٺاهيان جنهن جو مجسمو ۽ آواز ڏسي ۽ ٻڌي هڪ تہ پکي مون کي ميوا پهچائڻ لڳندا، ٻيو تہ عام ماڻهو بہ وڏو درويش، اهل الله ۽ بزرگ صفت سمجهي نذر نياز ڏيڻ لڳندا، سو گهر ويٺي آسائشي گذران ٿيندو ۽ معاشري ۾ بہ عزت جي نظرن سان ڏسجڻ لڳندس، ان خيال سان هن ڪنهن شئي مان اهڙي ئي پکيءَ جو مجسمو ٺاهي ان کي اندران پورو ۽ هيٺان کليل رکيو، هڪ سوراخ سندس چنهب وٽ اهڙي نموني رکيائين جو زور سان هوا جي هڪڙي پاسي داخل ٿيڻ ۽ ٻئي پاسي خارج ٿيڻ سبب اهڙو آواز ٻڌي

پيدا ٿيو، جهڙو ان پکيءَ جي ٻچي پئي آلاپيو. ان کي آڻي پنهنجي گهر ۾ هوا جي سامهون رکي ڇڏيائين ۽ جاءِ جي چت ۾ سنهو سوراخ ڪري ڇڏيو هئائين، جيئن هوا ان ۾ سولائيءَ سان داخل ۽ خارج ٿي سگهي. اهڙي ڪاريگريءَ سان هوا جي اخراج ۽ داخلا سبب ان مجسمي اهڙو ئي آواز پئي پيدا ڪيو، جهڙو پکيءَ جي ٻچي پئي آلاپيو، ان آواز تي پکي اڳئين وانگر قسمين قسمين ميوا آڻيو ان آکيري ۾ رکي ٿي ويا ۽ هن حرفتي پادريءَ نهايت مزي سان هي لذيذ ميوا پئي کاڌا. جڏهن اها ڳالهه مشهور ٿي وئي ته سيئي ماڻهو پادريءَ کي بزرگ هستي سمجهي اڇي نذر نياز ڏيڻ لڳا. ان نموني پادريءَ پنهنجي فن مهارت جو بهترين فائدو ونندي زندگي گذاري جو هڪ سولو طريقو ڳولي لڌو، جيڪو هڪ عظيم ڪارنامو سمجهڻ گهرجي. اهڙن جادوگرن جو ذڪر ابو عبدالله رازيءَ به ڪيو آهي: فرمائن ٿا ته "جادو گرن جا ٻيا به قسم آهن، جن مان هڪڙا وري دلچسپ ڳالهيون ٻڌائي، مزيدار عمل ڏيکاري، خيال مٽائي، ماڻهن جي اکين تي پردو وجهي پنهنجو مقصد حاصل ڪن ٿا، جيئن اڇوڪا مداري آهن. ٻيا وري دوائن، ڏاتن ۽ مختلف شين جي عجيب و غريب خاصيتن جي ڄاڻ رکي، ڪي اهڙا ڪارناما سرانجام ڏيندا آهن جن سان ڏسندڙ متاثر ٿي ويندو آهي ته هي ڪو وڏو ڄاڻو ماهر، عالم ۽ قابل تعريف جادوگر آهي". مثال طور: چقمق اهڙو ڏاتو آهي جيڪو لوهه ۽ ان مان ٺهيل شين کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندو آهي يا وري تيزابي ۽ اساسي دوائون عجيب و غريب عمل ڏيکارين ٿيون، هڪ ٻئي سان ملي مختلف قسم جا رنگ ظاهر ڪن ٿيون اهي جادوگر اهڙا کيل ڏيکاري ماڻهن جي دلين تي اثر انداز ٿيندا آهن.

انسانن توڙي حيوانن کي پنهنجون فطري تقاضائون پوريون ڪرڻ لاءِ ذهني صلاحيتن جو فائدو وٺي تحقيق ۽ جستجو ڪرڻي پوي ٿي. قديم دور جي انسان جي اها حالت نہ هئي، جيڪا هن وقت جي انسان جي آهي. اڳئين زماني ۾ ڪيس پنهنجون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ گهربل شيون موجود ڪونہ هيون، توڙي جو انهن شين کي بنائڻ ۽ جوڙڻ لاءِ ڪيس ذهني قوت سان گڏوگڏ دنياوي وسيلا بہ موجود ڪري ڏنا ويا هئا، مثلاً: اڏاوت ۾ استعمال ٿيندڙ ڪاٺين جا وڻ تہ پيدا ڪيا ويا هئا، ليڪن انهن کي ڪپي، چيري، گهڙي ناهڻ لاءِ ڪهاڙيون، ڪارائيون ۽ ٻيا اوزار وغيره خود انسان کي ئي ناهڻا هئا. مختلف پکي ۽ جانور تہ ڪيس لاءِ حلال ڪري ڏنا ويا، پر کين تڪبير ڏيڻ لاءِ ڪاتيون ۽ ڇرا وغيره ڪيس ناهڻا پيا. قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي:

فَانْتَشِرُوْا فِي الْاَرْضِ وَابْتَغُوْا مِنْ فَضْلِ اللهِ

ترجمو: "زمين ۾ پکڙجي وڃو ۽ خدا جو فضل تلاش ڪريو".

الاهي حڪم موجب زمين ۾ پکڙجي، حلال روزي ڪمائي کائڻ جو حڪم تہ مليو، ليڪن زمين تي هر هلائي، گهربل فصل وٺڻ لاءِ ٽريڪٽر ۽ ضرورت جو ٻيو سامان پاڻ کي ئي بنائڻو پيو، مينهن، طوفان ۽ ٻين موسمي توڙي غير موسمي آفتن کان بچڻ لاءِ پکين جاين جي ضروت محسوس ٿي. لوهہ، چوني، پٿر، واري ۽ مٽيءَ جا ذخيرا تہ زمين ۾ موجود ڪري محفوظ رکيا ويا، پر ڪارخانا جوڙي انهن مان سيمنٽ ۽ ضرورت جو ٻيو سامان تيار ڪرڻ لاءِ خود انسان کي ئي جاکوڙ ڪرڻي پئي. ڪاغذ، جن شين مان نهي ٿو تن جا بنيادي وسيلا تہ ميسر ڪري ڏنا ويا، ليڪن انهن کي استعمال ۾

آڻي ڪاغذ ناهڻ لاءِ ڪيس ئي ڪارخانا جوڙڻا پيا. توڙي جو آقاءِ نامدار، سرور ڪائنات، سيد البشر حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن وارو زمانو نهايت مهذب ۽ ترقي يافته دور سمجهيو ويندو هو، تنهن هوندي به ان وقت پنو موجود ڪونه هو ۽ ڪلام الاهيءَ جون جيڪي آيتون وحي (حضرت جبرائيل عليه السلام) وسيلي حضور جن تي نازل ٿيندیون پئي ويون، سي ڪجيءَ جي ڪڙهن ۽ وٽن جي چوڌن وغيره تي لکيون ويندیون هيون، اهڙي نموني جا ٻيا به ڪيترائي مثال ملن ٿا، آخرڪار انهن فطري ضرورتن انسان کي نئين ايجاد ڪرڻ تي مجبور ڪيو.

وڌندڙ ضرورتون ۽ ڏينهون ڏينهن متجندڙ حالتون، هر ڪنهن کي مجبور ڪن ٿيون ته اهڙي آسان ۽ فرحت بخش زندگي گذارڻ بابت سوچجي، جيڪا هر قسم جي خطرن ۽ مشڪلاتن کان پاڪ ۽ محفوظ هجي، قديم زماني ۾ جيڪي ٻيڙيون ۽ ساموندي جهاز استعمال ٿيندا هئا، تن جي موجوده صورت نه هئي، اهي صرف هوا جي رحم و ڪرم تي هلندا هئا، جنهن پاسي هوا جي مرضي، ان طرف مسافرن کي لبيڪ چئي قيامت جو منظر پسڻ لاءِ تيار رهڻو پوندو هو. منزل مقصود تي پهچڻ ۾ سالن جا سال لڳي ويندا هئا. واپاري ۽ مسافر پنهنجو قيمتي وقت وڃائيندي، مهينن جا مهينا سازگار موسم ۽ هوا جو انتظار ڪري گهر پهچڻ لاءِ گهڙيون گڻيندي، پريشانين مان گذرندا هئا. رات ڏينهن روئي رحيم رب العزت کي ٻاڏائيندا هئا ته گهربل طرف جي هوا ميسر ٿئي جيئن نفعي جو خفو چڏي ٻچڙن سان ملي دل کي تسکين پهچايون. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو هو ته اميدن جي ڪرڻن نڪرڻ بعد به

مايوسيءَ جا ڪڪر غالب پئجي ويندا هئا ۽ اڌ واٽ تي هوا جو رخ بدلجڻ سبب ٻيڙيون بي لغام ٿي وري اڻ ڏٺي ڏيهه ڏانهن ڪاهي پونديون هيون. لازمي آهي ته ان حالت ۾ تازي خوراڪ جو ملڻ مشڪل بلڪ ناممڪن هيو. ايتري ترقي ٻه ڪانه هئي جو اهڙن حالتن سبب پيدا ٿيندڙ سيني بيمارين جو مڪمل علاج ڪري پاڻ بچائي سگهجي، تنهن ڪري طرحين طرحين موذي ۽ وڇڙندڙ بيماريون لڳي پونديون هيون. سياڻن جو قول آهي ته ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي. جڏهن ڪا مصيبت اچي ڪڙڪي ٿي تڏهن انسان ان کان بچاءَ جي رستن ڳولهڻ تي مجبور ٿي پوي ٿو. انسان ته ٻيو جانور پڻ قسمين قسمين تدبيرون ڪندا آهن تازي ۽ مزيدار خوراڪ هر انسان ۽ حيوان توڙي ٻوٽن جي فطري ضرورت ٻه آهي ته خواهش ٻه. ڏٺو ويو آهي ته ڪنهن جانور اڳيان گاهه گهٽي انداز ۾ وڃهڻ سان هو مٽيون ۽ تازو گاهه کائڻ بعد هيٺون اولڙ يعني اڳيون بچيل ۽ سڪل گاهه چڏيندو ويندو. اهڙي نموني ٻوٽا ٻه تازي هوا ۽ بهترين موسمي حالتن ۾ ٻهڪندا آهن ۽ سندن واڌ ۾ ڪئين پيرا واڌارو ايندو آهي، سو لازمي آهي ته انسان جنهن جي پڻ اها فطري ضرورت آهي، تنهن کي شروع ۾ انهن مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پيو هوندو، ان زماني ۾ تازي ۽ موزون خوراڪ نه ملڻ ۽ صحيح صفائي نه هڻڻ سبب اڪثر ڪري خارش ۽ رت جي خرابيءَ جون ڪيتريون ئي بيماريون لڳي پونديون هيون. مشهور سياح واسڪو ڊيگاما هميشه ساموندي مسافرين ڪري نوان نوان ملڪ ۽ ٻيٽ ڳولينڊو هو. ان لاءِ ڪيس هميشه سمنڊ ۾ ئي سفر ڪرڻو پوندو هو، اهڙن مسئلن جو منهن ٻه ڏسڻو پيو هوندو. هن اهڙين بيمارين جي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ

سوچيو تہ، ٻيٽن جي جاچ سان گڏ هن بيمارين جي ڪارڻ ۽ انهن کان ڇوٽڪاري جا طريقا بہ ڳولهي لهڻ گهرجن. گهٽي سوچ ويچار ۽ تحقيق کان پوءِ هن معلوم ڪري ورتو تہ چمڙي ۽ رت جون بيماريون انهن ئي غذائي جزن جي ڪوٽ سبب پيدا ٿين ٿيون، جيڪي اسان کي ليمي مان ملن ٿا. اهڙي نموني هن مشڪلاتن جي حل جو سبب ملي سگهيو. ان جو جوڳو بندوبست ڪري نہ فقط پاڻ کي خارش چمڙي ۽ رت جي بيمارين کان محفوظ رکيائين پر ٻين جي بہ هميشه لاءِ جند ڇڏايائين. نہ صرف ايترو پر ان وقت جي حڪيمن کي بہ سندس تحقيق مان "وٽامنس" جي ڪوٽ کي پوري ڪرڻ بابت معلومات ملي ۽ صدين کان پيش ايندڙ مسئلو حل ٿي ويو. ان کان پوءِ سائنسدانن ميون ۽ پاڇين تي وڌيڪ تحقيق ڪري منجهائن ٻين حاصل ٿيندڙ حياتين جو پتو لڳايو. اهڙي نموني انهن بيمارين تي قدرت حاصل ٿي سگهي جن جو ان وقت جي جهاز رانن کي شڪار ٿيڻو پئي پيو. ائين ڪٽي چئجي تہ فطري ضرورتن جي پورائي لاءِ جاکوڙ ۽ ايجاد جو ٻيو نالو سائنس آهي.

جيئن تہ ڪائنات جي سموري تخليق سائنس آهي ۽ وڏو سائنسدان خود خدا آهي، جنهن حضرت آدم عليه السلام کي اهڙيون صلاحيتون بخشي زمين تي پنهنجو خليفو ڪري موڪليو ۽ خليفو ان ماڻهوءَ کي بنايو ويندو آهي جنهن ۾ مالڪ هر قسم جون تعميري صلاحيتون ڏسندو آهي ۽ پڪ ڪندو آهي تہ اهو سونپيل ڪم صحيح نموني ڪري سگهندو. جادوءَ جي ٽوپي تہ صدين کان مشهور آهي، ائين ڏڏنڊا آهيون تہ ان جي پائڻ سان ماڻهو ٻين کي نظر نہ ايندو آهي پر خود ٻين سيني کي ڏسي سگهي ٿو. هونئن تہ اهو

قصو رڳو ڏند ڪٽا ڪان سواءِ ٻيو ڪجھ ٻہ ناھي، پر سائنسدانن ان جي صحيح يا، غلط ھڻڻ جو پتو لڳائڻ لاءِ جستجو تيز ڪري ڇڏي، صدين جي جاکوڙ بعد آخرڪار ھنن ان کي ناممڪن نہ بلڪ مشڪل قرار ڏنو. سندن تحقيق موجب ائين ٿي سگھي ٿو، پر ان ۾ ڪجھ رڪاوٽون ضرور آھن، انھن جو چوڻ آھي تہ ماڻھوءَ کي پراسرار بنائي سگھجي ٿو، جيئن ھو خود ٻين کي ڏسي سگھندو ڇاڪاڻ تہ ڪيس ايترو شفاف بنائبو جو روشنيءَ جا ڪرڻا ھن مان گذري وڃن، سائنسي اصول موجب ڪابہ شيءِ تڏھن نظر ايندي آھي جڏھن روشنيءَ جا ڪرڻا منجھس جذب ٿين، يا سندن مٽاڇري سان ٽڪرجي واپس موٽ کائن،صرف شفاف جسم مان ئي آرپار ڏسي سگھبو آھي. ڪنھن شيشي جا تھ جيترا ٻہ ھلڪا بنائبا اوترا اھي وڌيڪ شفاف ٿيندا ويندا، تان جو ان جي تھن کي تمام شفاف ۽ ھوا جي تھن جھڙو ھلڪو ڪري سگھجي ٿو، تہ شيشو ٻہ ھوا وانگر ڏسڻ ۾ نہ ايندو توڙي جو ھٿ لائڻ سان محسوس ٻہ ڪري سگھجي. ساڳي صورت ٻين جسمن جي آھي، گھٽيون شيون شفاف ھوندي ٻہ اسان کي غير شفاف نظر ايندیون آھن، مثلاً: اڇو پنو شفاف نہ سمجھيو ويندو آھي جڏھن تہ اھو شفاف جزن جو ٺھيل آھي، اڇي پني کي تيل يا ٻئي ڪنھن سٽيءِ ۾ ٻوڙي ڏسندا تہ اھو شفاف نظر ايندو ۽ ان جي ٻئي پاسي ڪجھ قدر ڏسي سگھبو. ڪنھن جسم ۾ روشنيءَ جي ڪرڻن کي موڙڻ جي صلاحيت کي موڙانڪ چئبو آھي جڏھن ڪنھن ٻہ جسم جي موڙانڪ (Refractive Index) ھوا جي موڙانڪ برابر ھوندي، تہ اھا ٻہ ھوا وانگر نظر نہ ايندي پوءِ ڪٽي انسان ئي ڇو نہ ھجي، انسان جي سائنسي تجزيي

مان معلوم ٿيو آهي ته سندس رت جي ڳاڙهاڻ ۽ وارن جي ڪاراڻ ڪان سواءِ ان جو سمورو جسم شفاف جزن جو ٺهيل آهي. ماهرن هي پڻ ظاهر ڪيو آهي ته انساني جسم کي ان جي وارن جي ڪاراڻ ۽ رت جي ڳاڙهاڻ سبب مصنوعي طريقن سان شفاف بنائي، سندس موڙانڪ کي هوا جي موڙانڪ جهڙو بنائي سگهي ٿو. هي سڀ ڪجهه انسان جي وس ۾ آهي پر سوال ٿو پيدا ٿئي ته اهڙو ماڻهو ٻين کي به نه ڏسي سگهندو. هيئين مثال مان ان مسئلي جي وضاحت ملي ٿي. اسان ڪا شيءِ تڏهن ڏسي سگهون ٿا، جڏهن ان مان ايندڙ عڪس يا ڪرڻا اک جي سامهون واري شفاف پردي، ماڻڪي ۽ بلور مان ٽيندا وڃي تنتي پردي تي ڪِرن ٿا ۽ وري واپس موٽ کائن ٿا ۽ ائين ان شيءِ جو عڪس ٺهي پوي ٿو. جيڪڏهن تنتي پردو به شفاف هجي ها ته اهي ترورَا بنا روڪ ٽوڪ جي منجهانئس لنگهي پار پئجي وڃن ها ۽ ان تي ڪنهن به قسم جو عڪس نه ٺهي سگهڻ سبب ڪا شيءِ ڪيس ڏسڻ ۾ ئي نه اچي ها ۽ هو اندو ئي رهجي وڃي ها. اهڙيءَ طرح انسان جو سڄو جسم جيڪڏهن اکين سميت شفاف بنايو وڃي (جيڪو ممڪن آهي) ته سيني شين مان ايندڙ عڪسي ڪرڻا بنا ڪنهن رڪاوٽ جي پار پئجي ويندا ۽ اک جي تنتي پردي تي ڪوبه عڪس نه ٺهي سگهندو،تنهن ڪري اهي ڏسڻ ۾ نه ايندیون. هن مونجهاري کي ختم ڪرڻ جو ٻيو طريقو اهو آهي ته اسان جي اکين کي ڇڏي باقي سمورو جسم شفاف بنائجي جيئن ٻين شين کي ڏسي سگهي، پر اهڙي ماڻهوءَ جون اکيون پري کان به نظر ايندیون، هن مان عام ماڻهو ايترو ضرور محسوس ڪري سگهندا ته ڪو ماڻهو يا جانور موجود آهي پوءِ ڀلي ته ان جي سجاڻپ

نہ بہ ڪري سگھن.

ساموندي تحقيق مان ڪئين اهڙا جيت لڌا ويا آهن، جن جو سڃو جسم شفاف هئڻ سبب نظر نٿا اچن ۽ فقط انهن جون اکيون غير شفاف هئڻ ڪري ڏسڻ ۾ ايندیون آهن، اهڙيءَ طرح اهي ٻي ساري ساموندي مخلوق کي هڻن اکين وسيلي ڏسي سگھن ٿا. جيڪڏهن سندن اکيون شفاف هجن ها تہ هو بہ انڌا رهجي وڃن ها ۽ ڪنهن کي ڏسي نہ سگھن ها، قدرت سندن اهڙي بناوت ضرور انهن جي بچاءُ لاءِ ئي ڪئي هوندي، جئين اهي ڪمزور هئڻ سبب ٻين طاقتور جيتن کي نظر نہ اچن ۽ سولائيءَ سان جان بچائي سگھن. هن مخلوق مان سائنسدانن ئي سبق حاصل ڪري غور، فڪر ۽ ڪوجنا جو ميدان وسيع ڪن جئين هر قدرتي ڪاريگريءَ جو علم رکندڙ ان مان مڪمل فائدو وٺي سگھي. جن محنت ڪئي، حقيقت تي پهچڻ انهن جوئي حق آهي، پوءِ اهي ڪٽي ڪهڙي بہ مذهب ـ يا نسل سان تعلق ڇو نہ رکندا هجن.

سائنسدانن ابتداءِ ڪائنات کان وٺي الاهي امر هيٺ وقت بوقت هر ميدان ۾ غور و فڪر ۽ ڪنهن نہ ڪنهن شيءِ جي تحقيق پئي ڪئي آهي. تاريخ شاهد آهي تہ ان سلسلي ۾ ڪين سماجي، مذهبي، معاشي ۽ ذهني مطلب تہ هر قسم جون دشواريون پيش ايندیون پئي رهيون آهن. جن مان نموني طور هڪ مثال پيش ڪجي ٿو: ۱۵۴۳ع ۾ پولينڊ جي هڪ هيئتدان "ڪوپرنيڪس" ظاهر ڪيو تہ زمين ڪتل ناهي، پر سج جي چوڌاري خلا ۾ آزاد ڦرندي رهي ٿي. سندس هن نظريي جي تائيد اٽليءَ جي "گئليلو" نالي سائنسدان پڻ ڪئي. گئليلو دوربيني ايجاد ڪري عملي طور ان

کي درست ثابت ڪيو. هن بعد "برونو" نالي هڪ سائنسدان پڻ انهي ساڳي نظريي کي درست قرار ڏنو. چوندا آهن ته جيڪو ڏاڍو سو گابو ۽ ڏاڍو مڙيئي سچو هوندو آهي. سچ جيسين زور وٺي پاڻ کي سچو ثابت ڪري، تيسين ڪوڙ پنهنجي طاقت ۽ زور سان گذري ويندو آهي. اهڙي نموني مذهبي رهنمائن ويچاري "برونو" کي ڪفر جي فتويٰ هيٺ روم ۾ جيئرو جلائي ڇڏيو. ۱۶۳۳ع ۾ گئليلو به ساڳئي عدالت جي گرفت ۾ اچي ويو ۽ ڪافر ثابت ٿيو، پر پوءِ توبهہ تائب ٿي جند ڇڏايائين- (ڏسو صفحہ ۱۷ نفسيات تصنيف ڊاڪٽر علي احمد قاضي). در حقيقت هر هڪ انسان عقل هلائڻ لاءِ مجبور آهي سائنسدانن عاجز انسان کي ايٽاپ جي گهرائين مان ڪڍي اميد جي ڪنڊيءَ تي پهچايو، قدرت جي ڪن پيانڪ ڪارروائين کان ڪنبي، جيڪو انسان ڪنڌ جهڪائي گذر سفر ڪندو هو، سو هاڻي منهن کڻي نظر جي دائري کي گهڻو وسيع ڪري، زمين تي پير جمائي هلڻ جهڙو ٿي سگهيو آهي. اڳوٽو انسان جيڪو گرميءَ جي موسم ۾ پگهر ڳاڙي ڳاڙي ساٿو ٿيندو هو، يا سيءَ ۾ سُڪي سُڪي جمي پوندو هو، سو هاڻي پاڻ لاءِ ائيرڪنڊيشنر ۽ ٻيو گهڻو ئي آسائشي سامان ناهي رهيو آهي. سائنسدان صرف ان عقيدي تي ڪم ڪري رهيا آهن ته، ڪائنات ۾ موجود هر ڪنهن شيءِ ۾ جيڪا انسان لاءِ ڪا نہ ڪا سوکڙي رکيل آهي تنهن کي استعمال ۾ آڻي، چاڪاڻ ته سندن اهو ايمان آهي ته دنيا جي ڪابہ شئي بيڪار نهيل ڪانهي، رب پاڪ بيڪار شين ناهڻ کان پاڪ آهي، ان معنيٰ سان قرآن مجيد ۾ ڪيترين ئي آيتون شاهدي ڏين ٿيون.

هڪ سائنسدان جيڪو پنهنجي زندگي سائنسي کوجنا لاءِ وقف ڪري ٿو، سو هڪ اهڙو درويش آهي، جنهن کي نہ پنهنجي نام ناموس جي ضرورت آهي ۽ نہ وري عيش عشرت جو هوش. هن کي پنهنجي علم سان ايترو تہ عشق آهي، جو هن جو هر قدم، هن لاءِ معرفت جا نوان دروازا کولي ٿو ۽ ان کي حقي منزل ڏانهن ويجهو ڪري ٿو. سائنسدان جي سوانح حيات، عام ماڻهو لاءِ هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن جي پڑهڻ کان پوءِ هو ان کي هڪ مجني ۽ ديواني کان گهٽ نہ ٿو سمجهي، پر جڏهن ڏسي ٿو تہ هن قدرت جي ڪيترن رازن تان پردو کنيو آهي، تڏهن هن جي دل ۾ ان جي محنت تان قربان ٿيڻ جي تمنا ڪري ٿئي ٿي. سائنس جو علم نہ اتفاقي آهي ۽ نہ وري کنهن کي ماءُ جي پيٽان ملي ٿو. سائنس جو علم حاصل ڪرڻ لاءِ لڳاتار اڻ ٽڪ محنت جي ضرورت پوي ٿي، سائنس جي علمن جي باقاعدي تعليم ۽ تدريس سان گڏ ضروري آهي تہ ان جي وڌيڪ اسرارن معلوم ڪرڻ لاءِ سائنسي تحقيق جو دائرو وڌايو وڃي.

زمين توڙي آسمان ۾ هر هنڌ تمام گهڻيون ئي غور طلب، پراسرار، بامقصد ۽ بارونق شيون نظر ايندينون جن جي بناوت ۽ بيهڪ انسان جو توجهہ پاڻ ڏانهن ڇڪيو ونن. ذهن انهن ڏانهن هڪدم مائل ٿي سندن حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ خود بخود مجبور ٿي پوي ٿو. مختلف آوازن جي ٻڌڻ، ٻوٽن جي خوشبوءِ سنگهڻ ۽ اڻ ڪٽ خوبصورت نظارن کي پسڻ سان انسان خود بخود انهن سان هم آهنگ ٿي ڪائنئن سرور حاصل ڪرڻ خاطر، هڪدم انهن جي اصليت معلوم ڪرڻ ۾ مصروف ٿيو وڃي ۽ سوچيندي سوچيندي خيالي

دنيا ۾ داخل ٿيو وڃي. سائنسي مشغلي لاءِ ۽ اول کو اصول، يا خيال قائم ڪري، پوءِ ئي ان جي تحقيق ۽ تصديق لاءِ قدم وڌائي سگهجي ٿو. اهڙيءَ طرح پنهنجي مشاهدي واري قوت ۽ علمي صلاحيت سان انسان کي هر هڪ شيءِ جي اصليت ۽ حقيقت سمجهڻ جو موقعو ملي سگهي ٿو جن مان ڪنهن نہ ڪنهن سائنسي اصول جي وضاحت ۽ تصحيح ٿي سگهي ٿي، ۽ ماڻهو اتي وڃي پهچي ٿو جتي پنهنجي ئي وجود جو ڪيس احساس پيدا ٿيندو آهي. جيستائين پاڻ کي نہ سڃاڻبو تيستائين اسان جو علم مڪمل ناهي، جنهن پاڻ کي سڃاتو، تنهن ڄڻ سڄي ڪائنات کي سڃاتو ۽ جنهن ڪائنات کي سڃاتو تنهن، ڄڻ رب کي سڃاتو، ڇاڪاڻ تہ هيءَ سموري ڪائنات انسان لاءِ ئي خلقي وئي آهي ۽ خدا انسان کي شاهہ رگ کان بہ ويجهو آهي. سرتاج الشعرا حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليه جن فرمايو آهي تہ :

پنهون ٿيس پاڻ، ويو سسئيءَ جو سينگار
مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهٗ، اهوئي آچار
جو وندر ۾ واپار، سو سودو سرئي هنهين

سڄڻ کي ڳولهي لهڻ لاءِ حضرت سچل سرمست رحمت الله عليه جن فرمائين ٿا:

صورت سڀ انسان جي، اٿي عشق اصل
خَلَقَ الْآدَمَ عَلٰى صُوْرَتِهٖ جزو جهڙو کل
اَلْاِنْسَانُ سِرِّيْ وَ اَنَا سِرُّهٗ، سچ سچاپيو سل
پول نہ ٻي تون پل، هِتي هُتي هڪ اٿي.

سچل سائين ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

پــاڻ پــنهنجو پاڻهــي، صــورت مــنجهه سـجاڻ
الله الله چــو چــويــن، پــاڻ ئي الله جاڻ
تون ئي ٻڌندڙ تون ئي ڏسندڙ، شاهد آ قرآن
ناهي شڪ گمان، "سچو" سائين هيڪڙو

حق جي ڳولها ۾ گهٽين تڪليفن ۽ ڪشالن کان پوءِ جڏهن پنهنجي وجود جو احساس ٿيو ۽ انسان پاڻ کي صحيح نموني سمجهي وڃي ٿو تڏهن شاهه صاحب جن فرمائن ٿا:

سو پڪي سو پيرو، سو سـر سـو ئي هنج
پهــي جـان پروڙبو، مون پانهن جو منجهه
ڏيل جنهن جو ڏنجهه، سو ماري ٿو منجهه ڦري

سائنس، هر مخلوق جي فطري تقاضا آهي، هر انسان توڙي حيوان نباتات توڙي جمادات مطلب ته سموري مخلوق جي هر جنس ۾ ڪو نه ڪو سائنسي عنصر نظر ايندو. مثال طور: ڏوبي، ڪٽي يا عام ماڻهو ڪپڑا رگي يا ڏوئي سڪائڻ لاءِ ٻاهر ڪليل هوا ۽ اس ۾ ڪي چڏيندو آهي، اس يا هوا نه هڻڻ جي صورت ۾ هو ڪپڑي کي لوڏڻ جي ضرورت محسوس ڪندو آهي. سائنسي اصول آهي ته گهٽي گرمي، ڪليل ۽ تيز هوا ۾ بخارن جو عمل تيز ٿئي ٿو، توڙي جو انهن اڻ پڙهيل ماڻهن کي هن سائنسي اصول ۽ اسباب جو علم نه به هجي، پر هو خود بخود ان اصول تي عمل ڪندي ڪپڑن کي لوڏي، منجهائنس هوا جو گذر تيز بنائي جلد سڪائڻ لاءِ ائين ڪن ٿا. ڏنو ويو آهي ته ماڻهو پاڻيءَ جي بالٽي پري هڪڙي هٿ ۾ ڪٽي هلڻ سان خود بخود ٻئي پاسي جهڪي ٿو، ائين ڪرڻ سان هو پنهنجي جسم جو مرڪز ثقل پورو بيهاري پاڻ کي ڪرڻ کان بچائي

ٿو، جيتوڻيڪ هن کي مرڪز ثقل جي سائنسي وصف بابت خبر ناهي، پر فطرتا هو ان اصول تي عمل ڪرڻ لاءِ مجبور آهي. مرڪز ثقل جسم جو اهو ٽپڪو آهي جتي جسم جو سمورو وزن عمل ڪري ٿو. سندس چوڌاري جسم جو سمورو وزن متوازن هوندو آهي. ڪو ڪتاب، پليٽ يا ٻي ڪا شئي اڳر تي رکي ٻيهارڻ لاءِ، ان جي ڪنهن مرڪزي هنڌ تي اڳر جي چوٽي رکنداسين، جيئن اها ڪرڻ کان بچي، اهو ٽپڪو ٿيندو ان جو مرڪز ثقل. اهڙي نموني مزدور ڪنهن لاري، ٽرڪ ۽ گاڏي وغيره تان ڪو وڏو بار لاهڻ ۽ چاڙهڻ لاءِ هڪ ڊگهي لاهي ناهيندا آهن. کين علم طبعيات ۾ لاهيءَ واري سطح (Inclined plane) جي سائنسي اصول جي خبر نه ٻه هوندي آهي، نه ٻه هو فطري ضرورتن کي مقرر ڪيل قدرتي قانونن مطابق پوري ڪرڻ لاءِ مجبور آهن.

قديم زماني جا عام ماڻهو پنهنجن جاين ۾ استعمال ٿيندڙ ڪاٺ ڦهريائين ڪاري (يا ٻئي ڪنهن اهڙي) پاٽيءَ ۾ ڪجهه وقت رکڻ کان پوءِ استعمال ڪندا هئا. هي رواج سڀ کان ڦهريائين قديم مصرين وڏو. اڄ ٻه گهٽا ماڻهو خصوصا ڦهراڙيءَ وارا پنهنجو عمارتي ڪاٺ ڪاري پاٽيءَ ۾ ڪجهه وقت رکڻ کان پوءِ استعمال ۾ آڻيندا آهن، چون ٿا ته ائين ڪرڻ سان ڪاٺ کي اڏوهي يا سُرو وغيره ڪونه لڳندو آهي ۽ سندس پائداري ٻه وڌندي آهي، حالانڪه ان معاملي جي مڪمل ۽ حقي سائنسي تجزيي جي کين ڪائي ڄاڻ ڪانهي. ماهرن جو چوڻ آهي ته ڪاري پاٽيءَ ۾ هڪ لوٽيائو جزو "ڪلورين" تمام گهٽي انداز ۾ شامل هوندو آهي ۽ ڪلورين هڪ جيوڙا مار عنصر پڻ آهي، نه صرف ايترو پر ڪورين جي گهٽي مقدار سبب

اهڙي ڪاڻ تي باهه جو اثر به گهٽ ٿئي ٿو. اهڙي طرح پاڻيءَ ۾ ڪلورين ڪان سواءِ امونيم فاسفيٽس ۽ باءِ فاسفيٽس موجود هوندا آهن، هي جزا ڪنهن به شئي تي باهه کي اثر انداز نه ٿيڻ جي خاصيت رکن ٿا، باءِ امونيم هئدروجن فاسفيٽ ۾ ڪو ڪپڑو ٻوڙي سڪائڻ بعد ٽيلي لڳائبي ته ان کي باهه نه لڳندي، ان ڪري سمر يا لوٽياني پاڻيءَ ۾ ڪائين کي ٻوڙڻ سان مٽن باهه جو اثر گهٽجي ٿو، شايد قديم مصري به ان ڪري ئي عمارتي ڪاڻ کي استعمال ڪان اڳ، ڪجهه وقت لاءِ سمنڊ ۾ ٻوڙي رکندا هئا. عام طرح ڏٺو ويو آهي ته، هڪڙي ماڻهوءَ کي ٻئي لاءِ دلي سڪ ۽ محبت هوندي ته اڳين کي به سندس لاءِ ساڳيا ئي جذبات هوندا. پر ان جي ابتڙ جيڪڏهن اڳئين کي ٻئي لاءِ نفرت ۽ ڏڪار هوندي ته ٻئي کي به قدرتا هن لاءِ ساڳيا ئي احساس هوندا، توڙي جو هو ٻئي اهڙي قسم جي جذبات جو اظهار هڪ ٻئي سان نه به ڪندا هجن. ڪين هڪ ٻئي لاءِ پيار، محبت، نفرت يا ڏڪار جي خبر خيالن ئي خيالن ۾ پئجيو وڃي، نفسيات جي ماهرن ٻڌايو آهي ته انسان جو دماغ به وائرليس سيٽ وانگر خيالات جي منتقليءَ جو ڪم ڪري سگهي ٿو. جيئن وائرليس سيٽ مان خارج ٿيندڙ ريڊيائي لهرن کي پري وارو ماڻهو اهڙي ئي ٻئي ڪنهن وائرليس سيٽ وسيلي ٻڌي سگهي ٿو، تيئن اسان جي دماغ مان خارج ٿيندڙ ڪاسمڪ لهرن (Cosmic Waves) کي به ٻيو ڪو انساني دماغ جهٽي سگهي ٿو، بشرطيڪ لهرون خارج ڪندڙ ۽ جهٽيندڙ دماغ ٻئي طاقتور لهرون خارج ڪن ۽ انسان جي قوت ارادي مضبوط هجي، هن جو مثال به بلڪل ائين آهي، جيئن طاقتور لهرون منتقل ڪندڙ (High Power Wave

(Transmitter واري ريڊيو اسٽيشن جا نشرياتي پروگرام پري پري تائين ٻڌي سگھجن ٿا ۽ ڪمزور اسٽيشن جا پروگرام پري تائين نہ ٿا ٻڌي سگھجن. انساني دماغ ۾ رکيل هن قدرتي خاصيت مان سائنسدانن کي وائرليس وسيلي ڳالهائڻ ۽ ريڊيو ايجاد ڪرڻ ۾ مدد ملي سگھي آهي.

قديم زماني کان وٺي هڪ وچڙندڙ ۽ موذي مرض "وڏي ماتا"، جنهن کي هميشه لاعلاج سمجهيو پئي ويو هو،جنهن لکين جانين کي پنهنجو شڪار بنايو، موجوده دور جي ڊاڪٽرن ۽ طبي سائنسدانن نہ رڳو سندس علاج ڳولي ڪڍيو، پر مڪمل ضابطو حاصل ڪري ورتو آهي. قدرت هر قسم جي آفتن ۽ حالتن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ انسان کي سڏيءَ يا اڻ سڏيءَ طرح راز پريا سبق نہ ازل کان ئي ڏيئي ڇڏيا آهن، پوءِ جيڪي غور ڪري سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا، اهي ئي فائدو حاصل ڪري سگھندا.

هن مرض جي علاج لاءِ اڳئين زماني جا ماڻهو ماتا جي ڦرڙين جي چلرن کي گھوٽي مريضن جي ڦٽن تي ٻرڪيندا هئا. ڪن کي اڳواٽ ئي ٽڪا ڏيئي، اهڙن چلرن جو سفوف سندن جسم ۾ داخل ڪندا هئا.جنهن سان کين خاطر خواهہ فائدو ٿيندو هو، جيتوڻيڪ انهن ماڻهن کي انهن چلرن جي حقيقت ۽ ڪيميائي خاصيتن جي ڪا خبر ئي ڪانہ هئي، تنهن هوندي بہ هو فطرتا ائين ڪندا هئا،.پر پوءِ سائنسدانن پنهنجي تحقيق جو دائرو وڌائي ان مرض جو يقيني علاج ڳولي هميشه لاءِ خاتمو آندو. ابتدا کان وٺي اسان کي ڪافي مثال ملن ٿا، جن مان هي بہ آهي ڪہ وقت جلدي هڪ ساهي باڻي پيئڻ کان منع ڪئي وئي آهي، اڳيان ماڻهو ان تي خاص عمل ڪندا هئا،

حالانڪ انهن کي سائنسي ۽ طبي نقطہ نگاهہ سان اهڙي وقت هڪ ساهي پاڻي پيئڻ مان نقصان بابت ڪا جاڻ نہ هئي، تنهن هوندي بہ اهي ائين ڪندا هئا، وڏن وڏن اميرن، شاهوڪارن، سردارن ۽ بادشاهن توڙي عام ماڻهن کي شڪار يا ٻئي ڪنهن ڏکهي سفر سبب جڏهن سخت اڃ لڳندي هئي تہ سندن ساٿي سياڻپ کان ڪم ونندي، يڪدم پاڻي جي گهر تي جاڻي واڻي ان ۾ ٿورا ڪک وجهندا ٻاريا، جيئن ٿڪل ٽنڊل، گرم گرم ماڻهو هڪ ئي ساهيءَ سان گهٽو پاڻي نہ پي سگهي.

سائنسي اصول مطابق شيشي جي گلاس، پيالي، ڪوپ، يا اهڙي ڪنهن ٻئي قسم جي ٺانو ۾ اوچتو ٿهڪندڙ پاڻي وجهبو، يا وري سخت گرم ٺانو ۾ هڪدم تمام ٺڏو (برف جو) پاڻي وجهبو تہ اهو ڀڄي پوندو. ان جو سبب هي آهي تہ گرميءَ سبب شيون واڌ ڪائن ٿيون ۽ ٺڏ پهچڻ سان مقدار ۾ سسن ٿيون، هڪدم گرم پاڻي وجهڻ سان ٺانو جا اندريان حصا تہ جلدي واڌ ڪائن ٿا پر ٻاهريان تهہ بعد ۾ گرم ٿي واڌ ڪائن ٿا، سو هڪ ئي ٺانو جي مختلف تهن جي واڌ هڪجهڙي نہ هئڻ سبب ٺانو ڀڄي پوي ٿو. ٺڏ پهچائڻ وقت پڻ ساڳيو ئي عمل ٿئي ٿو، اندريان حصا هڪدم ٺڏا ٿي سسي وڃن ٿا پر ٻاهريان حصا پوءِ ٺڏا ٿي سوس ڪائن ٿا، اهڙي نموني سندن واڌ ۽ گرمي جو درجو مساوي نہ هئڻ سبب، ٺانون جي ڀڃڻ جو اڻ تر اندیشو رهي ٿو. انسان جي جسم جو بہ ساڳيو ئي اصول آهي، ڊوڙڻ يا گهٽي پنڌ ۽ ڪم ڪرڻ سبب جسم ۾ وڌيڪ گرمائش پيدا ٿئي ٿي، جنهن جو اثر رت جي دوري وسيلي ٻين عضون کان سواءِ دل ۽ دماغ تي بہ پوي ٿو، تنهن ڪري هر اندروني جزو انتهائي متحرڪ

رهي ٿو. هڪدم گهٽو ۽ ٿڏو پاڻي پيئڻ سان ان جو اثر چند گهڙين اندر دل ۽ دماغ تي پوڻ سان سموري جسماني نظام کي متاثر ڪرڻ هڪ لازمي امر آهي، ان ڪري هميشه دورن پوڻ جو امڪان رهي ٿو. عام ماڻهو به ان نقصان کان احتياط رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ڪانئن سبب پڇبو ته صحيح طبي ۽ سائنسي اصول مطابق جواب نه ڏيئي سگهندا، باقي هن عمل کي پوري اعتماد سان سچ سمجهندا، ڏسو! هي سڀ ڪجهه اسان کي قدرت اول کان ئي سمجهائي ڇڏيو آهي. اهڙن فطري اشارن، طبي ميدان ۾ خاطر خواهه مدد ڏني آهي. قدرت انسان جي طبيعت، فطرت ۽ خيالات کي بنايو ئي اهڙي نموني آهي جو هو تجسس، کوجنا ۽ حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ هميشه مصروف ۽ ڪوشش ۾ رهي ٿو، ننڍڙي ٻار کي ڏسو ته هو ڳالهائڻ لائق ٿيڻ شرط ئي، هر شيءِ جي حقيقت بابت پنهنجي والدين کان مختلف قسم جا سوال پڇڻ لڳندو آهي. جڏهن انسان پنهنجي ويجهي وارين شين کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ان وقت کان سائنس وجود ۾ آئي. ٻارن ۾ سوالن پڇڻ جو مادو تمام گهٽو هوندو آهي، ائين ڪٽي چئجي ته پيدائشي طور تي الله پاڪ انسان کي غور وفڪر تحقيق ۽ حقيقت پسنديءَ جو سبق ڏيئي ڇڏيو آهي.

ننڍڙي ٻار جي مشغولين کي غور سان جانچي ڏسبو ته اهي زنجير جي ڪڙين وانگر مسلسل ۽ نه ختم ٿيندڙ معلوم ٿيندیون. هڪڙو عمل پورو ڪندي ئي ٻي مصروفيت ۾ محو ٿي ويندو. اها اڌ ۾ ئي هوندي ته ٻئين ڪم کي ڇهڻي پوندو. مطلب ته زنجير جي ڪڙين وانگر هڪ مان ٻيو، ٻئي مان ٽيون ۽ ٻئين مان چوٿون ڪم

شروع ڪندو ويندو. حد اها آهي جو انهن دلچسپين سبب نہ ڪيس خوراڪ جو ڪو خيال ٿيندو ۽ نہ ئي وري والدين جو ڪو يادگيرو هوندو. ان مان ظاهر ٿو ٿئي تہ سندس منشا ۽ مقصد جي سلسلي ۾ جيڪي سوال ذهن ۾ ايرن ٿا تن سيني جا جواب ڪنهن هڪڙي تجربي مان نہ ٿا ملن ان ڪري مطمئن ٿيڻ لاءِ تجربن جو هڪ سلسلو شروع ڪري ٿو. ڪن سوالن جا جواب هڪڙي عمل ۾ تہ ڪن جا وري بين عملن ۾ ملندا. اهڙي نموني هو پنهنجو تفتيشي عمل جاري رکي ٿو ۽ بي قراريءَ سان نتيجي جي انتظار ۾ رهي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن اهڙي درجي تي وڃي پهچندو آهي جتي ڪيس هڪ ڪامل رهبر لاءِ هيڏي هوڏي واجهائڻو ٿو پوي، مونجهاري سبب ڪيس وڏن جي رهبري حاصل ڪري ٿو ۽ بي اختيار هي ٿيئي سوال پڇندو تہ: هي عمل ڇا هو؟ ڪيئن ٿيو؟ ۽ ڇو ٿيو؟. جستجو دوران هو جيڪي بہ سوال ڪري والدين کي گهرجي تہ هن سان پوري همدردي ڪن ۽ ڪيس پورا جواب ڏين، بعضي هو اهڙا خطرناڪ ڪم بہ ڪندو آهي جو سندس جيءُ ئي جوکي ۾، مثلا نانگن جي ٻرن ۾ هٿ وجهڻ، زهريلن جيتن سان کيڏڻ، تکن ۽ ڪپيندڙ اوزارن جهڙوڪ (چاقو، ڪاتي، ڪهاڙي ۽ بليد وغيره) سان حرڪتون ڪرڻ. هيءُ پڻ هر ڪنهن جو مشاهدو آهي تہ معصوم ٻار هر قسم جون حرڪتون ڪندا رهندا آهن. جن شين سان ٻار حرڪتون ڪندا آهن، انهن شين بابت جيڪي سوال سندس ذهن ۾ جاڳن ٿا، تن جا جواب جيڪڏهن ڏسڻ ۽ چهڻ سان ڪين نہ ملندا آهن، تہ هو انهن کي وات ۾ وجهي سندن ذائقو جاچي ئي سندن اصليت ۽ جو اندازو لڳائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، هي ڪم عقل ٻار جيتوڻيڪ اهو سپ

ڪجهہ لاشعور، يا شعور ۾ ڪن ٿا پر مقصد مڙوئي حقيقت جي ڳولها آهي. هي اشارا اسان لاءِ حقيقت جي راهہ اختيار ڪرڻ لاءِ بنيادي حيثيت رکن ٿا. ٻارن جي والدين يا سرپرستن کي گهرجي تہ گهٽي کان گهٽا سوال پڇڻ لاءِ کين همٿايو وڃي ۽ ڪڏهن بہ هنن کي سخت يا اڻگو جواب نہ ڏنو وڃي، جنهنڪري سان سندن جذبات کي ڪو ڏک رسي ۽ هو بي همٿو ٿي سوالن پڇڻ يا بحث مباحثي کان عاري ٿي پون، سياڻن جو قول آهي تہ سوالن پڇڻ ۽ بحث مباحثي کان سواءِ علم وڌي يا قائم رهي نہ ٿو سگهي. سوالن پڇڻ واري لاءِ هرڪا ڳالهہ آسان ٿي پوي ٿي. هڪ ٻي چوٽي آهي تہ "پڇا نہ منجهٽا" ننڍڙي ٻار جي انهن سيني عملن مان اسان کي اهو سبق ملي ٿو تہ، اهڙي جستجو ۽ کوجنا ڪري سڀ عالم ۽ بهترين ماهر بنجون ٻيو تہ پاڻ ۾ قرباني جو مادو پيدا ڪريون، جيڪو علم حاصل ڪرڻ جو اهم ذريعو آهي، ڏسو تہ ٻار ڪيترا نہ خطرناڪ ڪم سرانجام ڏيئي پنهنجن جملي حواسن ۽ ذهن کي استعمال ۾ آڻي ٿو. ڪنهن ماهر کي ڪو سائنسي اصول سمجهڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن تجربن ڪندي پنهنجي جان بہ جوکي ۾ وجهڻي پوندي آهي. جنهن قوم ۾ قربانيءَ جو مادو ڪونهي سا نہ فقط پٺتي رهجي ويندي پر ذلت ۽ خواري سندس مقدر ٿي ويندي، تاريخ شاهد آهي تہ مسلمان ٿورڙائيءَ هوندي بہ وڏين وڏين طاقتور قومن تي غالب رهيا آهن!. جڏهن مسلمان ان عزم سان وڌندا رهيا تہ هر معاملي ۾ ڪامياب و ڪامران ٿيندا ويا ۽ منجهن وڏا وڏا عالم، مفڪر ۽ جراح پيدا ٿيا ۽ موجوده زماني جي جديد سائنس بہ سندن ئي ڪتابن، قربانين ۽ محنتن جو نتيجو آهي.

باب ٽيون

آسماني نعمتون

انسان جيڪو صدين کان آسماني عنصرن ڏانهن حسرت پرين نظرن سان گهوريندو رهي ٿو، شايد اهو ٿو سوچي ته سندس معراج جو راز انهن ۾ ئي لڪل آهي ۽ انهن جو فائدو ونڊ کان سواءِ هو وقت وڃائيندو رهي ٿو. حقيقت ۾ اهائي آهي. سائنسدان ان معاملي ۾ ايان ابتدائي مرحلي ۾ آهن، هن جيڪي ڪجهه معلوم ڪيو آهي اهو حقيقت ۾ ڪجهه به نه آهي، چند جي چاندوڪي نه صرف روح پرور نظارا بخشي ٿي، پر ڪي اهڙا به هوندا آهن جيڪي رات جي وقت سندس ئي روشنيءَ ۾ وڌن ۽ ويجهن ٿا. مطلب ته قدرت چاندوڪي ۽ چند ۾ انسان لاءِ فائدا رکيا آهن. هن وقت تائين سائنسدانن منجهائس جيڪي ڪجهه محسوس ۽ معلوم ڪيو آهي، انهن مان هڪڙو اهم فائدو هي به آهي ته زمين جي عيوض چند کي استيشن بنائي پنهنجون دوربينيون ۽ ٻيا مشاهداتي اوزار جن کي خلائي تحقيق لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو، کين چند تي نصب ڪري اتان خلائي ۽ ڪهڪشائي نظام جو مطالعو ڪري وڌيڪ بهتر نموني ڪم ڪري سگهبو ۽ گهٽيون ئي مشڪلاتون حل ٿيندیون، مثال طور: هڪ ته زمين تي ڪشش ثقل جي قوت تمام گهٽي آهي ٻيو ته زمين مان نشر ٿيندڙ ريڊيائي لهرون ۽ فضائي گدلي به هن اوزارن کي متاثر ڪري ٿي. تنهنڪري صحيح نتيجن نڪرڻ ۾ گهٽي ڏکيائي ٿئي ٿي ۽ غلطين جو اڻ تر امڪان هوندو آهي. ان جي عيوض چند

جي ان حصي تي جيڪو اسان کان لکل آهي، تي اهي سيئي امڪاني مشڪلاتون موجود نہ آهن، چنڊ تي ڪابہ فضا ڪانهي ۽ ڪشش ثقل جي قوت بہ زمين جي مقابلي ۾ ڇهين حصي جيتري آهي ٻيو تہ زمين جي هوائي گولي کان ٻاهر نڪري موسمي گدلاڻ کان بہ ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهجي ٿو. خلائي محققن جو چوڻ آهي تہ ڏرتيءَ تي رهندڙن لاءِ چنڊ تان شمسي توانائيءَ کي لامحدود برقي توانائيءَ ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ تہ چنڊ تي ڪرن، گئسن، گندگي ۽ هوائن جي غير موجودگيءَ سبب شمسي توانائي کي برقي توانائي ۾ تبديل ڪرڻ آسان آهي، هن وقت سڄي دنيا کي توانائيءَ جو منجهائيندڙ مسئلو درپيش آهي، جنهن کي قدرت ڪائنات جي تخليق وقت ئي حل ڪري ڇڏيو آهي. اسان کي هوش ۽ عقل عطا ڪري تخليق جي فائدن حاصل ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. مذهبي رهنمائن، مفڪرن، عالمن ۽ جملي سائنسدانن جي اها گڏيل راءِ آهي تہ، قدرت انسان کي جيڪي لامحدود ذهني ۽ اڻ ڪٽ عقلي صلاحيتون عطا ڪيون آهن، هڪڙو ذهين، ڄاڻو ۽ ماهر انسان انهن جو ڏهہ سيڪڙو بہ استعمال نہ ٿو ڪري. جيڪڏهن انسان انهن جو سو سيڪڙو يعني مڪمل فائدو حاصل ڪري تہ هي زير زمين ذخيرا، بي انت ۽ سمندن ۾ اڻ ڪٽ لکل خزانا ۽ فلڪ ۾ موجود شيون، حيواني دنيا ۾ رکيل بي پناهہ نعمتون سندس اڳيان عيان ۽ پٽ تي پڏريون هجن ها. اهڙي طرح هو هن اونداهي ۽ ڪاري ٻات واري حالت مان نڪري چاندوڪيءَ ۾ داخل ٿي، سيني نعمتن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق بي تڪلفيءَ سان استعمال ڪري سگهي

ها. اسان کي خبر آهي تہ ڌرتي هر ڪنهن جسم کي پنهنجي مرڪز طرف ڇڪي ٿي. سندس ان قوت کي ڪشش ثقل چئبو آهي، مثلاً: ڪو پٿر مٿي اڇلائڻ سان اهو ڪجهہ وقت مٿي وڃڻ بعد واپس وري هيٺ اچي ڪرندو. اهو بہ ڪشش ثقل سبب ٿئي ٿو، جيئن مٿي وڃبو تيئن ڌرتيءَ کان پري ٿيڻ سبب ڪشش ثقل جو اثر گهٽبو ويندو ۽ چنڊ يا ٻئي ڪنهن سياري تي ڌرتيءَ جون هي قوتون متوازن ٿي هڪ ٻئي جو اثر وڃائي ڇڏيندیون آهن. اتي انسان توڙي ٻئي ڪنهن جسم جو وزن (0) ٻڌي ٿي ويندو. يعني ان جو ڪو وزن نہ رهندو. ان جو مثال بہ ائين آهي جيئن ڪنهن شيءِ کي ڪي برابر قوتن وارا ٻہ ماڻهو هڪ ٻئي جي مخالف طرف ۾ ڇڪيندا هجن، طاقتن جي هڪجهڙائي سبب اها وچ واري شيءِ ڪنهن ڏانهن بہ نہ ڇڪبي، البت اها شيءِ سندي طاقت (جيڪڏهن اٿس) ڪنهن پاسي استعمال ڪري تہ معاملو حل ٿي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح ئي راڪيٽ ۾ ويٺل خلاباز ڌرتيءَ جي دائري اثر مان نڪري ڪنهن ٻئي سياري جي حد ۾ داخل ٿي وڃن ٿا.

ڌرتي هوا سان گهيريل آهي. جيئن مٿي وڃو تيئن هوا جا تهہ ڇدا ۽ هلڪا ٿيندا ويندا، نيٺ اهڙي حد ايندي، جتي هوا بلڪل نہ هوندي آهي، ۽ ان کي خلا چئبو آهي. چنڊ ۽ ٻيا سيارا بہ خلا ۾ ئي پنهنجي پنهنجي مدار ۾ سج جي چوگرد ڦرندا رهن ٿا. سائنسدانن جي راءِ آهي تہ چنڊ يا ٻئي ڪنهن سياري مٿان پنهنجو تحقيقي ۽ مشاهداتي سامان کوڙي زمين تي سج مان ايندڙ ڪرڻن ۽ ٻين تابڪاري ذرڙن وغيره جو سولائيءَ سان جائزو وٺي سگهجي ٿو، ان ڪري هر قسم جي آفتن کان اڳواٽ بچاءَ جون تدبيرون سوچي وقت سر بچاءَ

ڪري سگهجي ٿو. جيئن اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ خلا ۾ هرڪو جسم بي وزن ٿي پوندو آهي، يعني اهو هنڌ، جتي ڪن بہ بن سيارن جي باهمي ڪشش جون قوتون متوازن رهن ٿيون، ان بي وزنيءَ جا اهم فائدا جيڪي سائنسدانن پنهنجي محبت سان معلوم ڪيا آهن، تن مان نموني طور ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا.

ڪنهن ڏاتوءَ کي پگهاري بي وزني جڳهہ تي ڏڏو ٽيڻ ڏيو تہ اهو مڪمل گولائيءَ واري صورت اختيار ڪري جمي پوندو، ڇاڪاڻ تہ ڪنهن بہ پاسي ڇڪلي قوت نہ هڻڻ سبب سندس پکڙجڻ جي قوت هڪ جهڙي رهي ٿي، اهڙي طرح بندوقن لاءِ ڇرا تيار ٿي ڪيا ويندا آهن، نہ صرف ايترو پر جهازن ۽ ٻي مشينريءَ لاءِ گول پرزا بہ تمام سولائيءَ سان ناهي سگهجن ٿا. ڇاڪاڻ تہ ترتيءَ تي پگهريل ڏاتوءَ تي ڪشش ثقل جي قوت سبب هن جا وزندار جزا ترو وجي ونندا ۽ هلڪا جزا مٿان پيا ترندا. تنهن ڪري اِن کي جمائڻ سان سندن نهرائي ۽ ٽولهہ هڪ جهڙي نہ رهندي، ليڪن خلا ۾ ائين ڪونہ ٿو ٿئي. اهڙي نموني خلا ۾ شيشا تيار ڪيا ويا آهن. جيڪي نهايت تيز رفتاريءَ سان تصويرون ڪڍڻ وارين ڪئمرائن ۾ بلور وغيره طور استعمال ٿي سگهن ٿا. ڪيترن ئي موذي مرضن جو علاج پڻ خلا ۾ سولائيءَ سان ڪري سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ تہ ٽڪن، يا سين وسيلي داخل ڪيل دوا مريض جي جسم ۾ چگيءَ طرح هڪ جهڙائيءَ سان پکڙجي ويندي ۽ سيئي جيوڙا پوري طرح متاثر ٿي ختم ٿي سگهن ٿا ۽ مريض کي مستقل طور ان مرض کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۾ ڪابہ دير نہ لڳندي.

هن وقت تائين سائنسدانن سڄ بابت جيڪي ڪجهہ معلوم

ڪيو آهي سو درحقيقت نہ هئڻ جي برابر آهي، تنهن هوندي بہ سندن معلوم ڪيل ڪجهہ نعمتون بيان ڪجن ٿيون، سج جي روشني، حرارت ۽ توانائي کان سواءِ ڪو بہ ٻوٽو ايري يا وڏي نہ ٿو سگهي، ائين ڪٽي چئجي تہ سج کان سواءِ حياتي ناممڪن آهي، ڇاڪاڻ تہ انسانن توڙي حيوانن جو گذران ٻوٽن تي آهي، جيڪي سج جي روشني سان وڌن ٿا. سائنسدانن ظاهر ڪيو آهي تہ سج جي روشنيءَ کي وڌن وڌن آتشي شيشن وسيلي مرڪوز ڪري عظيم محلاتن ۽ جاين کي سياري جي موسم ۾ گرم رکي سگهجي ٿو. شمسي حرارت ۽ توانائيءَ تي هلندڙ موٽر گاڏيون پڻ ٺاهيون ويون آهن، شمسي توانائيءَ تي هلندڙ موٽر گاڏين ۾ دونهون بنهہ ڪونہ ٿو پيدا ٿئي، تنهن ڪري فضا صاف رکي سگهجي ٿي. جيئن هن وقت سائنس اوج تي نظر اچي ٿي ۽ زندگيءَ جي ٻين سهوليتن کان سواءِ انسان پنهنجي سواري توڙي مال برداري لاءِ گاڏيون ايجاد ڪيون آهن، تيئن انهن جي وڌندڙ تعداد سبب گهٽي انداز ۾ دونهون نڪرڻ ڪري فضا گدلي ٿيندي وڃي ٿي. فضائي گدلائپ هن وقت خوراڪ کان بہ وڌيڪ مشڪل مسئلو ٿي پئي آهي. شمسي توانائيءَ تي ڪم ڪندڙ رفريجريٽر ٺاهيا ويا آهن، جن جي ذريعي برف ٺاهي سگهجي ٿي، ان سان گڏوگڏ شمسي توانائيءَ تي هلندڙ اهڙيون مشينون ٺاهيون ويون آهن جيڪي ساوندي پاڻيءَ کي ٻاڦ ۾ تبديل ڪري منجهائيس پيئڻ جو پاڻي مهيا ڪري سگهن ٿيون. فرانس ۽ ٻين ترقي يافتہ ملڪن ۾ شمسي توانائيءَ جا وڏا وڏا ٻٽا ٺاهيا ويا آهن جن جي وسيلي بجلي پيدا ڪري ڪارخانا هلائي سگهجن ٿا. مطلب تہ سج تي تحقيق سبب توانائيءَ جو اهم ۽ مشڪل مسئلو حل ٿيندو

نظر اچي ٿو. سج جي روشني ۽ حرارت ۾ ڪيترائي نقصانڪار جيت مري وڃن ٿا. اهو به معلوم ڪيو ويو آهي ته سج مان ايندڙ روشنيءَ ۾ گهڻن ئي قسمن جا ڪرڻا هوندا آهن، جن مان ڪازمڪ ڪرڻا Casmic Rays خاص اهميت رکن ٿا. سنڊن تيز حرارت وسيلي هوا ۾ موجود گيسن جو ائٽمي مرڪز توڙي انسان ذات جي پلائي ۽ ترقيءَ لاءِ بي پناهه توانائي حاصل ڪري سگهجي ٿي. هن عمل جي بهترين خاصيت اها آهي ته مٽس تمام ٿورو خرچ اچي ٿو، ان جي ابتڙ هن مقصد لاءِ ائٽمي ري ايڪٽر تي ڪاتي ٽوڙ خرچ اچن ٿا، جيڪي غريب ۽ ترقي پذير ملڪن لاءِ پريشان ڪندڙ مسئلو آهن. سج جي گردش سبب موسمن جي تبديلي عمل ۾ اچي ٿي، رات ۽ ڏينهن جو ظاهر ٿيڻ به ان جو ئي نتيجو آهي. جنهن سان جاندار آرام ڪن ٿا. آرام انسان جي اهم ۽ فطري ضرورت آهي، رات جي ظاهر ٿيڻ سان ئي هرڪو انسان توڙي جانور آرام پذير ٿئي ٿو.

موسمن جي تبديليءَ سبب مختلف قسمن جا فصل ۽ ٻوٽا حاصل ڪري سگهجن ٿا، جيڪڏهن موسمن ۾ تبديلي نه ايندي رهي ها، ته هڪ ئي قسم جو فصل ملي ها. نتيجتاً انسان جي چوطرف مسئلن جو دائرو ڦهي پوي ها جيڪي جاندار سرد علاقن ۾ رهڻ جا عادي آهن تن جو گذر سفر هن وقت پنهنجي پسند جي علائقي ۾ ٿي سگهي ٿو ۽ گرم ملڪن جا رهاڪو پنهنجي مرضيءَ مطابق اتي ئي رهائش اختيار ڪن ٿا. سمنڊ جي متاڇري تي سج جي روشني ۽ اُس جي پوڻ سبب منجهس شمسي توانائي جذب ٿئي ٿي، جيڪا ان ۾ موجود مچين کي حرارت پهچائيندي آهي. شمسي ڪرٽن وسيلي

سڏو سنئون ڪنهن خلائي جهاز کي برقي توانائي پهچائڻ لاءِ ڪنهن وڏي خرچ جي نوبت ئي نه ٿي اچي، ان ڪري پنهنجي مرضيءَ مطابق بنا ڪنهن توانائيءَ جي مسئلي جي، سالن جا سال خلا ۾ رهي سگهجي ٿو. شمسي توانائيءَ طبي ميدان ۾ به خاطر خواهه مدد ڏني آهي. اڄ ڪلهه هڪڙي بيماري عام آهي جنهن کي معالجن جو هڪڙو ٽولو "گيسٽرڪ" ٿو سڏي ۽ سندس علاج "الڪلائين" دوائن سان ڪن ٿا. حڪيمن وري هن مرض کي "تبخير معده" جي نالي سان سڏيو آهي ۽ ان جو علاج "جوارش ڪموني" وسيلي ڪندا آهن. معالجن جي نئين جٽي وري ان کي 'ڪاربوويج' جي نالي سان نوازيو آهي. بهرحال انهن ٽنهي طريقن مان ڪنهن ۾ به هن مرض جو شافي ۽ مڪمل علاج ڪونهي. هر دوا مان وقتي آرام ته ملي ٿو پر مرض پنهنجي اصلي صورت ۾ بدستور موجود هوندو آهي ۽ مريض سوڄا جي بوتلن وغيره جي سهاري پيو وقت ٽاريندو آهي. حڪيم ايس ۔ ايچ بخاري جو چوڻ آهي ته مان هن مرض لاءِ شعاعي علاج آزمايو ۽ سندس ڪافي مفيد نتيجا مليا. ايتري حد تائين جو مرض پنهنجي چوٽين درجي ۾ ئي ڇو نه پهتل هجي، تڏهن به هن قسم جي علاج سان الله پاڪ شفاعت ڏني، گيسٽرڪ جو چوٽون درجو آخري ۽ انتهائي خطرناڪ هوندو آهي ان بعد معدي ۾ زخم پيدا ٿيندا آهن، جيڪي مسلسل وڌندا رهندا آهن، تان جو معدي کي آرپار ٽنگ ڪري هلاڪت جو سبب ٿين ٿا. معدي ۾ جنهن هنڌ هي زخم هوندا آهن، اتي ايترو ته سور هوندو آهي جو جڻ ته ڪوئي چاقوءَ سان وڌي رهيو آهي ۽ مريض ڪوبه ڪاڏو هضم ڪرڻ لائق نه ٿو رهي، نتيجي طور اهو ڪمزور رهي ٿو. ان کان پوءِ هي مرض

هڪدم سرطان ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو، جنهن کي لاعلاج مرض سمجهيو ويندو آهي. پهرين درجي ۾ مادي تي سڌو سنئون هر روز چئن ڪلاڪن تائين اودي قسم جا ڪرٽا داخل ڪرڻ گهرجن، يا وري هڪ اودي بوتل ۾ گهربل دوائون وجهي ان کي مهينو ڪن سج جي اس ۾ رکڻ گهرجي،جنهن سان صحت ملي سگهي ٿي. مطلب ته هن وقت تائين ان مرض جي علاج جا جيترا به طريقا ڳولهي لڌا ويا آهن، هي شمسي ڪرڻن وارو طريقو انهن سيني کان سٺو آهي.

قدرت انسان جي تخليق وقت ئي کيس زندگيءَ جي هر سطح تي، ۽ هر ميدان ۾، هر ڪنهن شيءِ جي حقيقت پروڙڻ جي رغبت ڏئي ڇڏي آهي، جيئن ڪنهن به معاملي ۾ کيس مونجهارو پيدا نه ٿئي. نئين ڄاول ٻار جي عملن تي ٿورو غور ڪريو ته هو حيوان وانگر بي سمجهه ۽ بي زبان هوندي به ڪجهه نه ڪجهه پرکڻ جي ڳولها ۾ هوندو آهي.

اهڙي مشاهدي سبب ئي علم هيئت کي مشاهداتي سائنس چئبو آهي، هر هڪ سمجهدار توڙي بي سمجهه انسان کي پورو پورو يقين آهي ته آسماني جسم خصوصًا سج نه هجي ها ته ڌرتيءَ تي ڪنهن به قسم جي زندگي ناممڪن ٿي پوي ها، توڙي جو کيس اهڙي شين جي ڄاڻ هجي يا نه هجي، هو انهن تي غور و فڪر تي مجبور هوندو آهي، بي علمي ۽ جهالت سبب هو انهن شين کي پنهنجي خوشحالي ۽ بدحاليءَ جو ذريعو سمجهندو پئي آيو آهي، ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته انهن جسمن ۾ قدرت انسان لاءِ اڻ کٽ خزانا رکيا آهن، سندن ڄاڻ رکي منجهائن مڪمل فائدن حاصل ڪرڻ جو به

ڪيترائي پيرا زوردار حڪم آيل آهي. انسان کي جڏهن لامحدود فطري تقاضائن ۽ وڌندڙ ضرورتن کيس مجبور ڪيو تہ پوءِ پنهنجي اجاين عقيدن کي ڇڏي الاهي نعمتن ۾ غور و فڪر ڪري سندن فائدن حاصل ڪرڻ لاءِ پيشقدمي ڪرڻ لڳو. تحقيقات کان پوءِ کيس محسوس ٿيو تہ هي سڀ ڪجهہ خدائي قانون مطابق انسان جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ ئي خلقيل آهي. تڏهن هو گهٽي ياگي بي خوف ٿي ڪائنات جي تخليق جي علم حاصل ڪرڻ خاطر ميدان ۾ ڪاهي پيو. موجوده سائنسي ترقي ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو عروج ان جي جاکوڙ جو نتيجو آهي.

باب چوٿون

جيت ۽ سائنسي طرز عمل

قدرت جي ڪارخاني کي غور سان جانچي ڏسبو ته ائين پيو معلوم ٿيندو ته تخليق جي تڪميل لاءِ جتي ٻين حيوانن ۽ پکين کي شعور ۽ ٻيون حيواني خصلتون عطا ڪيون ويون آهن، اتي جيتن کي ٻه ان عنايت جو معقول حصو بخشيو ويو آهي. ڏينيوءَ (گهريٽڙي) جو ئي مثال وٺو، جيڪو پنهنجي لاءِ منيءَ جا آشيانا ناهيندو آهي، جڏهن ڪيس آنا ڏيٽا هوندا آهن ته ڪنهن جيت ڪيڙي کي پڪڙي ڪيس اهڙي هنڌ ڏنگيندو آهي، جو صرف بيهوش ٿي وڃي پر مري نه، پوءِ ان کي آڻي ان سوراخ ۾ اندر رکندو، جتي ڪيس آنا لاهٽا هوندا آهن، اهو جيت ان بيهوشيءَ واري حالت ۾ محفوظ گوشت وانگر اوتري تائين زنده رهي سگهي ٿو جيتري تائين آنن مان ڦٽندڙ ٻچن جي خوراڪ نه بنجي، ان سوراخ ۾ هو اهڙي هنڌ آنا ڏيندو آهي، جتي سندس آنن مان پيدا ٿيندڙ ٻچا ان زنده بيهوش ٿيل جيت جي گوشت تي سولائيءَ سان پلجي شباب کي پهچي سگهن، يا ٻيو نه، ته ٻه ان حد تي اچي سگهن جو پاڻ پنهنجي سر خوراڪ حاصل ڪرڻ جهڙا ٿي وڃن، آنا ڏيڻ شرط ڏينيو سوراخ بند ڪري پاڻ ٻاهر نڪري هن دنيا کي خيرآباد چئي وڃي ٿو (مري وڃي ٿو). هن اٻوجهه جيت کي ٻه اها سمجهه آهي ته جيت کي صفا مارڻ سان سندس گوشت ڪنو ٿي بدبوءِ ڪري ويندو، پوءِ هي سڀ ڪجهه اهو شعورا ڪندو هجي يا فطرتًا، پر سندس اهڙو طرز عمل طبي ۽

سائنسي لحاظ کان قابل، تعريف ۽ حڪمت پريو آهي. ان اصول تي سوچي سمجهي اڄوڪن عظيم حڪيمن توڙي جراحن ۽ سائنسدانن جيتن، پکين، حيوانن، مطلب تہ مختلف جاندارن کي ڪلوروفارم يا ٻين طريقن سان بيهوش ڪري کيس زياده عرصي لاءِ محفوظ ڪري زندگي آسان بنائڻ جا طريقا ڳولهي لڌا آهن.

ڪوريئڙي جي جسم ۾ ڪجهہ اهڙا غدود هوندا آهن، جن ۾ ڇار جون تارون ٺاهڻ جي خاصيت هوندي آهي. ڪوريئڙو پنهنجي جسم مان مسلسل اهڙا ڏاڍا ڪيڙي ڇار تيار ڪندو آهي، اڪثر ڪري هو پنهنجي ڇار ۾ ڪو جيت يا ٻي ڪا کاڌي واري شيءِ ڦاسائي رکندو آهي، جيئن جيت ان ڏانهن راغب رهن، ڪوريئڙو ڇار ۾ نہ هجي تڏهن بہ کيس شڪار جي خبر پئجي سگهي ٿي، اهو هنيئن تہ پنهجي جسم مان نرم ڏاڍو ڪيڙي ڇار سان ڳڏيندو آهي، جنهن جو ٻيو ڇيڙو سندس جسم سان ڳنڍيل هوندو آهي، اهڙي نموني هي ڏاڍو کيس برقي تار جو ڪم ڏئي ٿو. ڇار ۾ شڪار جي داخل ٿيڻ سان اها خبر ڏاڍي وسيلي ڪوريئڙي کي پهچي ٿي، جيت جڏهن سندس ڇار ۾ ڦاسندو آهي، تہ هو ان ڳنڍيل تار وسيلي اهڙي ڇڪ ڏيندو آهي، جو اهو جيت منجهس قابو ٿي ويندو آهي، پر جيڪڏهن ڪو جيت طاقتور هوندو آهي تہ پوءِ ڪوريئڙو کيس ڏنگ هڻي سندس جسم ۾ ٽورو زهر داخل ڪري، کيس بيهوش ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙي نموني هو شڪار تي قابض ٿي کيس هضم ڪري، يا وري سندس رت ۽ ست چوسي وڃندو آهي. جيڪڏهن ڪو نر ڪوريئڙو مادي ڪوريئڙي جي ڇار ۾ لڳ جي خيال سان داخل ٿيندو آهي تہ ان صورت ۾ بہ مادي پنهنجي جسم

واري تار وسيلي نر سان رابطو قائم ڪري حال احوال ونندي آهي. اهڙي نموني جڏ برقيءَ تار وسيلي پيغام رسائيءَ جو ڪم وٺي معاملو طئي ڪري پوءِ صحبت ڪندا آهن، هي ته هيو ڪوريئڙي جي شڪار ڪرڻ ۽ پيغام جي رسائيءَ جو طريقو، سندس ڄار ٺاهڻ جو طرز عمل هن کان به وڌيڪ عجيب و غريب آهي. هوشياري ۽ حرفت ان ڄار جي ٺاهڻ وقت ڪوريئڙو اها ٿو رکي ته، ڄار اهڙن خشڪ تارن مان بنائي ٿو، جيڪي چنبڙندڙ نه هجن، وري ان ڄار جي چوڌاري اهڙيون لڳلڳدار تارون لڳائي ٿو جو انهن کي ڇهڻ سان جيت منجهس ڦاسيو پون. هو صرف پنهنجي لنگهه لاءِ ٿوري جڳهه ڇڏي پي سموري ڄار کي اهڙين تارن سان ويڑهي بند ڪري ٿو ڇڏي، اهڙيءَ طرح پاڻ ان ڄار ۾ ننڍو ڦاسي، باقي ٻيا سمورا جيت ان ۾ ڦاسيو پون. ڪوريئڙو پنهنجي گهر جي بناوت ۾ ڪيڏي نه سوچ ويچار ۽ اورچائيءَ کان ڪم وٺي ٿو، ڪڏهن ڪڏهن ڪن ناموزون فضائي حالتن سبب هي جيت پاڻيءَ ۾ رهڻ تي مجبور ٿيندو آهي، ان صورت ۾ پاڻيءَ اندر ڄار ٺاهي، ڪيس ڪنهن سهاري سان اٽڪائي پاڻ ٻاهر نڪري اچي، پنهنجي جسم جي هيٺين حصي جي وارن ۾ نهايت هوشياريءَ سان هوا جو هڪ ٻڙ ٻڙو بند ڪري وري پاڻيءَ ۾ هليو ويندو آهي جيئن ان کي پاڻيءَ اندر ڄار ۾ پهچائي سگهي. هو اهو عمل تيستائين جاري رکندو آهي، جيستائين ڄار هوا سان نه پرجي، پنهنجي هن عجيب و غريب زير آب پناهه گاهه ۾ جيڪو هوائي حملن کان هر طرح محفوظ هوندو آهي، سندس تشڪيل ۽ تعمير ۾ سيئي فن پوريءَ طرح ڪارفرما رکي، پوءِ ان ۾ ٻچا ڏيئي سندن پرورش ڪندو آهي. ڪوريئڙي جي اهڙن اصولن

تي اڄ ڪلهه ٿوها جهاز يعني بحري آبدوز ٿاهي سائنسدان مهينن جا مهينا تحقيقي ۽ جنگي توڙي ٻين مقصدن سان سمنڊ ۾ رهي ڪم ڪري رهيا آهن. نه صرف ايترو بلڪ برقيءَ تار جو واضح اصول به هن مخلوق ۾ سمايل آهي.

معمولي جيت ٽانڊاڻ (ڪراٽنڊٽي) جنهن جي پرواز سان رات جي وقت هڪڙي هلڪي ۽ وٽندڙ چمڪ پيدا ٿئي ٿي، ابتدائي زماني ۾ بي علم انسان هن ڪمزور ۽ پرامن مخلوق کي پوائتي ۽ شڪ جي نظرن سان ڏٺو، وقت گذرڻ سان جڏهن انسان کي علم جي نور جو ڪو ڪرڻو هٿ آيو ته، قدرت جي ٻي مخلوق وانگر هو هن ننڍڙي ۽ سادي سودي جيت تي به سوچڻ لڳو، گهڻي تحقيق ۽ محنت کان پوءِ سائنسدانن معلوم ڪيو ته، هن جي جسم ۾ ٻن قسمن جو مادو يعني 'لوسي فيرين' ۽ ' لوسي فيريز' موجود آهن، لوسي فيريز جي موجودگيءَ ۾ لوسي فيرين هوا جي آڪسيجن سان ڪيميائي ميلاپ ڪري چمڪ پيدا ڪري ٿي، هن جيت مان انسان ذات کي ڪيتريقدر ۽ ڪهڙا فائدا آهن؟ ان معاملي ۾ سائنسدان اڃان تحقيق ۾ مصروف آهن، يقيناً هن ۾ به قدرت انسان لاءِ اڻ کٽ خزانا رکيا آهن. سائنسدانن ٻڌايو آهي ته هيءَ هلڪي چمڪ انهن جيتن کي لڳ ۽ غذا جي تلاش ۾ بيحد مدد ڏيندي آهي. قدرت ڪن ٻن اهڙن ئي ڪمزور ساموندي جيتن کي پڻ ساڳيائي جزا يعني لوسي فيرين ۽ لوسي فيريز جهڙن ڪارگر مادن پيدا ڪرڻ جون خاصيتون بخشيون آهن، جيڪي وقت بوقت اهڙن مادن خارج ڪرڻ سان پنهنجي ماحول کي رونق افروز بنائيندا رهن ٿا. شايد ان جو مقصد هي آهي ته جئين آسماني دنيا کي ستارن سان سينگاريو ويو

آهي تئين ساموندبي دنيا کي بہ چراغن سان بارونق ۽ پرڪشش بنائجي، هن سان گڏوگڏ جيت اهڙي فرحت بخش روشنيءَ ۾ مختلف عمل سرانجام ڏيئي سگهن ٿا. هن قسم جا جيت سازگار حالتن پٽاندر مخصوص ۽ موزون جاين تي هوندا آهن. هڪڙي ٽاندڻ مان پيدا ٿيندڙ روشني تہ معمولي هوندي آهي، باقي اهڙن گهٽن جيتن جي روشنيءَ سان چگو ڀلو گهر روشن ٿي سگهي ٿو. اڄ بہ آفريڪا ۽ برازيل جي پٽتي پيل علائقن جا ماڻهو اهڙن جيتن جي قنديلن وسيلي پنهنجن جهوپڙين کي روشن ڪندا آهن. بس قدرت جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪري سگهبو؟ جئين قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي: فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ. ترجمو: " پوءِ(اي انسانو!)توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙي ڪهڙي نعمت جو انڪار ڪندؤ".

قديم دور جا انسان ويچارا، چمڪدار بٽڪٽيريا کان اڻ واقف هيا، سڙيل ۽ خراب ٽيل گوشت ۾ اهڙي قسم جي بٽڪٽريا ملڻ سبب رات جي وقت سندس چمڪ ڏسڻ سان بي خبر انسان پنهنجي جهالت جي ڪري عجب ۾ پئجي ويندا هئا ۽ چوندا هئا تہ گوشت ۾ ڪو جن، پوت يا ٻي ڪا پراسرار شيءِ داخل ٿي وئي آهي، ڪيس گهٽ وڌ ڳالهائڻ، يا ڪجهہ چوڻ ڪرڻ سان متان قسمت خراب ٿي پوي ۽ ڪو غيبي نقصان نہ پهچي، مثلاً : اولاد جو مري وڃڻ، موذي مرضن جو پکڙجڻ، فاقا ڪشي ۽ ڏڪر جو شڪار ٿيڻ وغيره. مطلب تہ هن کي حيرت انگيز روحن ۽ شين جا نالا ڏيئي ساٿس ٻانهپ جي ٻولي ڪري، ڪائنس پاسيرو رهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ان معاملي بہ سائنسدانن کي مچرائي ڇڏيو. هن سوچين

تہ ان پراسرار شيءِ ۾ بہ يقيناً انسان ذات لاءِ ڪا نہ ڪا پرمسرت نعمت رکيل آهي. مالڪ تہ اجائي ڪم ڪرڻ کان پاڪ آهي. ڇو نہ انهن شين جو علم حاصل ڪري کين انسان ذات جي فائدي لاءِ ڪم آڻجي.

سائنسدانن چمڪدار بئڪٽيريا جي حقيقت معلوم ڪري ان کي عام پلي جي ڪمن ۾ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو، جيان جي ماهرن ان مان قنديلون ناهي کائين ۾ استعمال ڪندا آهن، ٽاندائ، چمڪدار بئڪٽريا ۽ ٻين اهڙن جيتن مان نڪرندڙ روشني ٽڏي ۽ اکين کي وٽندڙ هوندي آهي، جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي تہ سمنڊ ۾ بہ اهڙا جيت آهن، سمنڊ ۾ جنهن هنڌ اهڙا گهٽا جيت گڏ ٿين ٿا تہ اهو ٽڪرو چمڪدار ۽ خوبصورت بنجي پوندو آهي، اڳئين زماني ۾ ملاح سمنڊ اندر اهڙي هرندڙ باهہ ڏسي ڊڄي ويندا هئا، ليڪن محققن اهڙين شين تان پردو هٽائي ڪيس سيني اڳيان پڌرو ڪري رکيو جيئن هر انسان پنهنجي پسند مطابق نعمتون ماڻي سگهي. ائين ڪٽي چئجي تہ قدرت جي هر هڪ راز جي وڌ ۾ وڌ جاڻ رکي خالق جي حڪم مطابق، ان جو وڌي ۾ وڌو فائدو حاصل ڪري، لطف اندوز ٿيڻ کي ئي سائنس چئبو آهي. پيشاب ڪرڻ کان پوءِ ڪن بيمارين سبب ڪڏهن ڪڏهن ان جي بخار ٿي اڏامي يا سڪي وڃڻ بعد سندس جڳهہ چمڪندي نظر ايندي آهي، ماڻهو ان کي حيران ڪندڙ سمجهي، جن يا پوت جو حملو تصور ڪندا هئا، ليڪن بعد ۾ جڏهن هيڊنگ برانڊ نالي سائنسدان اهو واضح ڪيو تہ اها چمڪ فليفورس جي آهي، جيڪو اسان جي بدن جو لازمي جزو آهي ۽ ان جي موجودگيءَ سبب ئي هڏا مضبوط رهن ٿا. هن

سان گڏوگڏ سندن واڌ ۾ موزون رهي ٿي. هن کان پوءِ ئي ماڻهو اهڙي عمل کان بي فکر ٿي پيا ۽ سندن ذهن تان خوف جو پوت لٿو. اڏوهيءَ جهڙي نفيس ۽ ڪمزور جيت جو هاضمي وارو سرشتو ۾ قدرت عجيب بنايو آهي هن جي کاڌي جو وڏو حصو ڪاڻ يعني سليولوز آهي، ان کي هضم ڪرڻ لاءِ سندس پيٽ ۾ قادر مطلق وري هڪ خليي وارا تمام ننڍڙا خورد بينيءَ کان سواءِ نظر نہ ايندڙ ساهوارا موجود ڪري رکيا آهن، جيڪڏهن اهي ساهوارا سندس پيٽ مان ڪڍبا تہ اوڏهي پيٽ پري کاڌو کائڻ جي باوجود مري ويندي ڇاکاڻ تہ سندس کاڌو هضم ئي ڪونہ ٿي سگهندو.

جيتن ۽ مختلف حيوانن ۾ خيالن جي منتقليءَ جي ۾ اهليت آهي. مکڙ جو هڪڙو اهڙو قسم ۾ آهي، جيڪو خاموش راتين ۾ پنهنجي جنگهن ۽ ڪنين کي اهڙي نموني مهٽيندو آهي، جو سندس آواز ميلن تائين ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. اهڙي عمل سان هو پنهنجي فراق جو پيغام پنهنجي ساٿين تائين پهچائي ٿو، رات جي وقت اهڙا آواز تڏين وغيره جا ۾ ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. وري پوپٽ تي ڪجهہ نظر ڊوڙائي ڏسو تہ ان جي بناوت جو طرز عمل ۾ پوريءَ طرح سائنسي نوعيت تي آهي. سندس پرن کي وري قدرت ايڏو تہ حساس بنايو آهي، جو سندس دشمن خصوصاً چمڙو جڏهن پنهنجي خوراڪ جي خبر حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي لهرون ڪندو آهي، تن کي هو پنهنجي حساس پرن وسيلي محسوس ڪندي يڪدم خطري واري حالت کان تارو ڪري لڪي پاڻ بچائيندو آهي، مکي جي سنگهڻ جي حس تمام تيز هوندي آهي، تنهن ڪري کاڌي تي ويهڻ وقت تکڙ ۾ جانچي، گهمي ڦري سنگهي پوءِ پنهنجي پسند واري جاءِ تان کاڌو

کائنڊ شروع ڪندي آهي، هن وقت تہ سائنسدان مکي ڪي اهڙي تيز حواس جي نعمت سبب وڏن وڏن تجربيگاهن ۾ پالي ان جي وسيلي مختلف ڪيميائي مرڪبن ۽ گيسن جي سيڙپ ۽ تجزيي لاءِ استعمال ڪندا آهن. اڪ مڪڙي تي غور ڪري ڏسندا تہ هي وري سيني جيتن کان وڌيڪ حساس هوندي آهي هو زميني چريڙ ان ۾ موجود لهرن کي هڪدم محسوس ڪري وٺندي آهي، روسي ماهرن ٻڌايو آهي تہ اڪ مڪڙي وسيلي زلزلن بابت اڳواٽ معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي، جيتوڻيڪ موجوده دور ۾ هن ڪم لاءِ جديد قسم جا هٿيار ايجاد ڪيا ويا آهن، پر اڪ مڪڙي جون صلاحيتون بہ قابل داد آهن.

قدرت ۾ جاندارن وانگر جيتن کي بہ پنهنجو خاص دفاعي نظام عطا ڪيو آهي، جيتن کي ان نظام موجب ڇڻ توڙي پنهنجي سربچاءَ لاءِ هڪ زهريلي ڏنگ سان نوازيو ويو آهي، جنهن ۾ تيزابي خاصيتون رکيل آهن، سوپيري ۽ وڇون پنهنجي ڏنگ سان دشمن کي هٽايو ڇڏن ۽ شڪار بہ ڪن، ماکيءَ جون مکيون پنهنجي مهيٽ ۽ سالن جي جفاڪشيءَ سان گڏ ڪيل ملڪيت يعني ماکيءَ جي بچاءَ لاءِ هڪ ئي وقت دشمن تي حملو ڪري ڪيس حيران ۽ پريشان ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن، جيئن هو سندن پچر ڇڏي ڏين. پوکن جا دشمن جيت، مثلاً: پوپٽ، مڪڙ ۽ تڏ وغيره، پنهنجي ڏنگ وسيلي ئي دشمن جا ڏند کٽا ڪريو ڇڏين، پوپٽ جو هڪڙو اهڙو قسم بہ آهي، جنهن جي زهر جي اثر سان هڪ ٻلي مري سگهي ٿي. ڪيونءَ کي مضبوط کوپو ۽ وهيل مڇيءَ کي وري وڏو ۽ مضبوط جسم عطا ڪيو ويو آهي، برق مڇيءَ ۾ موجوده بجلي

سندس حفاظت ڪري سگهي ٿي، نانگ کي به ساڳيو ئي هٿيار (ڏنگ) بخشيو ويو آهي، هي صورت ۾ نور ۽ ڇاهو وغيره ڪيس کائي سندس وجودئي ختم ڪري ڇڏين ها. حد اها آهي جو ڪولي جهڙي نحيف مخلوق کي به ڪونه وساريو ويو آهي، هوءَ پنهنجي تيزابي ۽ زهرياتي ڏنگ وسيلي ئي جيئري رهي سگهي ٿي، ڪولين جا ميڙ ڪنهن چگي پلي جانور تي حملو ڪري ڪيس ماري به سگهن ٿا. سائنسدانن ظاهر ڪيو آهي ته اهڙن جيتن جي زهر ۾ تيزاب جي هڪڙي قسم (Formic Acid) سبب ئي ساڙو پيدا ٿيندو آهي، مطلب ته خالق حقي هن ڪائنات جي تخليق مڪمل ڪرڻ وقت ڪنهن به جاندار جي پيش ايندڙ حالتن کي نظرانداز نه ڪيو آهي.

نانگ جنهن کي انسان جو دشمن سمجهيو ويندو آهي، قديم زماني کي ته ڇڏيو پر اسلام جي اچڻ کان پوءِ به ڪيترائي مشرڪ ۽ مختلف مذهبن سان تعلق رکندڙ ماڻهو هن جيت کي مقدس ديوتا، زندگي ۽ موت جو مالڪ، اميري ۽ غريبيءَ جو ذريعو ڪڪرن ۽ برسات وغيره جو حڪمران، سمجهي سندس پوڄا ڪندا هئا. حالانڪه خدا تعالىٰ جي هيءَ مخلوق به دستور موجب انسان ذات جي خدمت ۾ مشغول آهي، هن جو زهر هڪ طرف زندگي ڪش ته ٻئي طرف وري زندگي بخش به آهي، نانگ جي زهر تي تجربن ۽ تحقيق ڪندي معلوم ٿيو آهي ته هن کي هلڪو ڪري سندس سيون لڳائڻ سان بيماريءَ سبب پيدا ٿيندڙ تڪليفن کي حيرت انگيز فائدو پهچي ٿو. رت جي هلڪي هئڻ سبب جن ماڻهن جي بدن مان ٿوري ئي چير سان تمام گهٽي رت وهي ٿي تن لاءِ نانگ جي زهر جون سيون بيحد مفيد ثابت ٿيون آهن، هن انجيڪشن لڳڻ سان رت

جُمي گهاٽي ٽئي ٽي ۽ گهٽي مقدار ۾ وهڻ بند ٿيو وڃيس، نانگ جهڙو جيت جنهن کي خطرناڪ سمجهيو پئي ويو آهي، سو به عظيم فائدن کان خالي ناهي ته پوءِ ٻي هيڏي ساري مخلوق جي پيدائش ڪيئن بيڪار هوندي. ثابت ٿيو ته ڪائنات جي هر ڪا شيءِ فطري تقاضائن مطابق آهي ۽ انسان لاءِ منجهس مسرت جا لازوال خزانا لڪائي رکيل آهن. محققن نانگن جا ٽي هزار قسم بيان ڪيا آهن، جن مان صرف ٻه سو زهريلا آهن باقي سمورا قسم عام مفاد لاءِ مصروف عمل آهن ۽ خاص ڪري زرعي زمين لاءِ وڏا فاعدي مند آهن.

انسان کي ته رب العزت اشرف المخلوقات جو لقب بخشي عظيم صلاحيتن سان نوازي دنيا جون سموريون قوتون سندس قبضي ۾ ڏيئي ڇڏيون آهن، دنيا ۾ موجود جيت جيڪي سندس فصلن ۽ ڪاڌ خوراڪ واريون سموريون شيون کائي زيان ڪن ٿا، شروع کان وٺي سندس مٿي جو سور بڻيل آهن، تن کي هو پنهنجي طاقت وسيلي ناس ٻه ڪري سگهي ٿو، مگر قدرت کيس يعني روحاني رهبريءَ وسيلي ائين نه ٿو ڪرڻ ڏئي، ان هوندي ٻه جيڪڏهن هو نادانيءَ کان ڪم وٺي مليل خدائي صلاحيتن وسيلي اهڙي غلطي ڪري وجهي ته ڪيس ان کان ٻه وڌيڪ نقصان سهڙو پوندو، جيترو هي جيت کيس پهچائن ٿا. هنن جي هر عمل ۾ ڪو نه ڪو راز ۽ سبق ضرور ملي ٿو.

انسان ته ٿهيو پر پکي ۽ جانور ٻه جيتن جا محتاج آهن. ننڍڙا جيت ۽ سندن آنا پکين ۽ انهن جي ٻچن جي خوراڪ جو اهم ذريعو آهن. جهرڪي، ڪانءَ، ڪبر ۽ ٻيا پکي پنهنجن نون ڄاول ٻچن جي خوراڪ لاءِ جيتن جي ڳولها ۾ هوندا آهن ۽ جڏهن ٻه پنهنجن ٻچن

کي خوراڪ پهچائڻ لاءِ آکيري وٽ ايندا ته سندن چهنب جيتن سان پريل هوندي، هن وهيءَ ۾ اهي جيت ئي آهن، جيڪي هن لاءِ قابل هضم ٿي سگهن ٿا. وڏا پکي خود سجو ڏينهن جيت کائي ڪري پنهنجو پيٽ پرين ٿا، ڏينڊن جا پکي جيتن تي ئي گذران ڪن ٿا، پي صورت ۾ ايترا بيشمار پاڻي توڙي خشڪي تي رهندڙ پکي، جن کي قدرت انسان لاءِ حلال بنايو آهي. اسان جو اناج ۽ غذائي فصل کائي ناس ڪري ڇڏين ها، يا وري بکن ۾ پاهه ٿي مري وڃن ها، جن ۾ انساني بقا جون اڪيچار ضرورتون لڪل آهن.

مڃين جي غذا تي ڪجهه نظر ڊوڙائبي ته معلوم ٿيندو ته سندن خوراڪ به پاڻي ۽ سمنڊ ۾ موجود جيت آهن، جيڪڏهن جيتن کي ماري ختم ڪيو وڃي ته انسان مڃيءَ جهڙي عظيم غذائي نعمت کان هوند محروم رهجي وڃي. گوشت ۽ مڃيءَ سان انسان کي طبي ۽ غذائي جزا، مثلاً : پروٽينس، وٽمنش، فولادي جزا ۽ فاسفيٽس وغيره ملن ٿا، جن کان سواءِ انساني صحت ۾ نشونما ناممڪن آهي. پٽ ڪيئن ۽ ماکيءَ جي مک جي اهميت کان ته هرڪو واقف آهي. پٽ ڪينئون ريشم پيدا ڪري نهايت قيمتي ضرورتون پوريون ڪري ٿو، جڏهن ته ماکيءَ جي مک وري ماکي پيدا ڪري ڪيترن ئي انساني مرضن جو علاج ڪندي رهي ٿي. حضور صلي الله عليه وسلم جن به ماکي واپرائڻ لاءِ چيو آهي ۽ ان کي شفا فرمايو ويو آهي. خاص ڳالهه ته، جيئت اسان جي زمين کي زرخيز بنائڻ ۾ رات ڏينهن مشغول آهن. اهو هينئن جو انسان کي اها خبر آهي ته هر جاندار کي پنهنجي بقاءَ لاءِ هوا ۽ آڪسيجن جي سخت ضرورت هوندي آهي، ٻوٽو به زمين ۾ تڏهن عمل ڪري

سگهي ٿو، جڏهن ڪيس آڪسيجن ۽ هوا ميسر ٿئي ٿي، ٻوٽن جي پاڙن کي زمين اندر هوا موجود ڪري ڏيڻ جو سمورو ڪم ڪنهن نه ڪنهن نموني جيت ئي سرانجام ڏين ٿا. اڪثر جيت زمين ۾ اندر رهن ٿا ڇاڪاڻ ته اتان جون حالتون انهن لاءِ وڌيڪ سازگار آهن، ان مقصد لاءِ کين پنهنجي رهائش بچاءَ ۽ اناج ذخيرو ڪرڻ لاءِ زمين ۾ ڪڏون کوٽي، يا سوراخ ۽ ٻر ناهٽا پون ٿا، ان سلسلي ۾ هڪ ته هوا انهن سوراخن وسيلي زمين ۾ اندر جذب ٿئي ٿي، ٻيو ته ڪڏن کوٽڻ سان اندرين مٽي ٻاهر نڪري ٿي، جنهن ۾ هوا سان گڏوگڏ ٻيا نائٽروجني جزا توڙي فاسفيٽي ۽ ڪاربونيٽس وغيره جذب ٿي ڪيس زرخيز بنائن ٿا. زرخيز زمين ۾ فصل توڙي وڻ ۽ ٻيا مختلف ٻوٽا صحتمند طريقي سان ايري سگهن ٿا، جيڪي سڌو سنئون انساني ضرورت جون شيون آهن. ٻوٽن مان پيدا ٿيندڙ گاهه چوپائي مال جي ڪم اچي ٿو جن مان کير، مکڻ، گوشت ۽ ٻيو ضروري سامان حاصل ڪريون ٿا.

ان حقيقت جو انڪار ڪير ڪري سگهندو ته موجوده تيز رفتار دور ۾ اهي ئي قومون باعزت، پروقار ۽ پرمسرت زندگي گذاري سگهن ٿيون، جيڪي سائنسي ايجادن ڪرڻ ۽ انهن مان مڪمل فائدو حاصل ڪرڻ جي اهليت رکن ٿيون، قومن جي عظمت ۽ استحڪام جو دارو مدار "علم" خصوصاً سائنسي علم تي آهي. دنيا جو هر فرد ان جو ضرورتمند آهي، علم سائنس هڪ عالمگير ضرورت آهي. ان کان سواءِ زندگي خطرن سان پريل آهي. جيتن تي تحقيق دوران محققن جيڪي ڪجهه معلوم ڪيو آهي، حالانڪ اهو اڃان اڻي ۾ لوڻ برابر به ناهي، پر انسان لاءِ تمام گهڻي اهميت رکندي

تسڪين جو پيغام پهچائي ٿو تہ انهن جيتن ۾ جيڪي خاصيتون ۽ نعمتون پوشيده آهن، سي ٻي ڪنهن مخلوق ۾ نہ ٿيڻ ملن، جيئن ڪن جيتن جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ هنن مان لاجواب طبي جزا ملن ٿا. مڪڙ جيڪو فصلن جو پڪو دشمن سڏجي ٿو ڪانئس پروٽيني جزا ملن ٿا. ماکي تہ طبي لحاظ کان بي مثال آهي جيڪا ماکيءَ جي مک وسيلي ئي تيار ٿئي ٿي. طبي مفادن کان سواءِ ماکيءَ جي ميڻ مان لکڻ جي مس، ڪاربان پنا ۽ بجليءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ شيون ٻاهي سگهبيون آهن. پوپٽ، پوڻر، ماکيءَ جي مک ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي جيت جيڪي خوشبودار ۽ حسين و جميل گلن جي ڳولها ۾ مست هوندا آهن، سي نہ رڳو پنهنجي تمنا پوري ڪرڻ ۾ مصروف آهن، پر ٻوٽن کي لڳ ۾ بہ مدد ڪندا رهن ٿا، جنهن کان سواءِ ميون جو پيدا ٿيڻ مشڪل اهي، اهو هينئن تہ هڪڙي گل تي ويهي واس ونڻ وقت ان گل جا ڪجهہ نر جزا سندن ٽنگن سان چهٽي پون ٿا، اتان وري اٽي ٻئي گل تي ويهڻ سان سندن ٽنگن کي لڳل نر جزا ٻئي گل جي مادي جزن سان ملي وڃن ٿا ۽ اهڙي نموني قدرتي طرح ٻوٽن ۾ لڳ جو عمل ٿئي ٿو. ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ هوا جي هلڻ سان بہ هڪڙي ٻوٽي جا نر جزا اڏامي ٻئي ٻوٽي تائين پهچي سندن مادي جزن سان ملي لڳ جو عمل سر انجام ڏين ٿا، پر جيت نہ هجن تہ لڳ واري عمل ۾ گهٽو رخنو پوي ۽ ڪافي نقصان ٿئي ها.

جيڪي جيت خطرناڪ آهن تن کان بچا جو بندوبست بہ قدرت اڳيئي ڪري ڇڏيو آهي، مثلاً: مچر لاءِ دشمن بنيوري ۽ ڪوريئڙو، نانگ جو دشمن نور ۽ جاهو وغيره. اهڙيءَ طرح بگهڙ، گدڙ ۽ سوئر

وغيره لاءِ ٻين دشمنن کان سواءِ کتو بہ پويون ڏينهن آهي. نور کي سر بچاءَ لاءِ چستيءَ ۽ حرفت جو سهارو مليل آهي. جاهو وري کنڊن وسيلي دشمن جا ڏند کٽا کيو ڇڏي. مطلب تہ هر خطري جو علاج قدرت پاڻ ئي کري ڇڏيو آهي. صرف ان جي صحيح استعمال جي ضرورت آهي. مٿين سيني ڳالهين کان علاوه جيت اسان جي فضا جي صفائيءَ جو کم بہ سرانجام ڏيندا رهن ٿا، مثلاً: کو جانور مري وڃي ٿو يا کو غليظ جسماني مادو وغيره پيدا ٿئي ٿو تہ جيت ان کي کائي ختم کري ماحول جي آسپاس واري فضا ۾ بدبوءِ پکڙجڻ کان روکين ٿا، ان ۾ کو شک ناهي تہ پکي ۽ ٻيا جانور، مثلاً: کتا ۽ ڳجهہ وغيره بہ سڻي مدد کن ٿا. پر جيتن جو کم بہ گهٽ اهميت وارو نہ آهي. انهن مثالن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ جيت بقاءَ انساني لاءِ کرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکن ٿا، تمام ٿورا جيت انسان لاءِ موتمار آهن ۽ انهن جي ئي سڃاڻپ کري کين مارڻ گهرجي، باقي سيئي جيت انسان دشمن سمجهڻ نہ گهرجن، اڄ کلهہ جيتن کان تنگ اچي انسان ويچاري کيترين ئي قسمن جا زهر ايجاد کيا آهن، پر زهر اهڙي نموني استعمال کرڻ گهرجي جيئن کو فائدي وارو جيت زيان نہ ٿئي. زهر ۽ ٻين دوائن جي استعمال کان کوشش کري پاسو کجي ڇو تہ جيکي جيت اهڙين دوائن جو ڏک پچائي وڃن ٿا تہ پوءِ اهي وڌيک نقصانکار ثابت ٿين ٿا، سو زهر جو بيجا استعمال سواءِ ضرورت جي نہ کيو وڃي تہ بهتر ٿيندو. ڈاڪٽر ايل ـ او هوارڊ (L.O Howard) نالي سائنسدان جيتن کي ٽن سون ٽولين ۾ ورهايو آهي، سندس دليل موجب انهن مان ۱۱۶ انسان لاءِ نقصانکار ۽ ۱۱۳ مفيد آهن، باقي ۷۱ انسان لاءِ

نقصانڪار هوندي بہ انتهائي ڪارگر آهن. اهڙا جيت انسان دشمن جيتن ڪي مارڻ ۾ مصروف آهن ۽ سندن گذران بہ انهن ئي جيتن تي آهي، ابتدا کان وٺي انسان کي پنهجي حفاظت، بقا ۽ استحڪام جو اونو پئي رهيو آهي، ان لاءِ محسوس ڪيائين تہ آسپاس وارين حالتن جي صحيح ڄاڻ رکي، انهن کان پاسو ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي جيڪي نقصان ڪار آهن.

اهوئي سبب آهي جو قرآن پاڪ ۾ بار بار علم حاصل ڪرڻ ۽ آسپاس وارين شين تي غور و فڪر ڪرڻ جو حڪم مليل آهي. قدرت اسلام کي دين فطرت بنائڻ سان گڏوگڏ سائنس کي بہ عين فطرت بنايو آهي. انهن ٻنهي ۾ تضاد صرف لالچ، حِرص، هوس، ضد، تعصب ۽ مفاد پرستي سبب ئي پيدا ڪيو پئي ويو آهي. نہ تہ ڳولها، جستجو ۽ تحقيق سان هر جسم جي اصليت معلوم ڪرڻ جو حڪم تہ قرآن پاڪ ئي ڏنو آهي. جيئن حالتون پرکي انهي جو صحيح صحيح فائدو حاصل ڪرڻ ۾ غفلت نہ ٿئي. جيت جيڪي انساني غذا جو تقريبا 30% ٿيهہ سيڪڙو ڪائي ناس ڪيو ڇڏين ۽ سندن وڌندڙ تعداد تباهہ ۽ پريشان ڪن ٿيندو وڃي ٿو، سائنسدانن جي اندازي مطابق سڄي دنيا ۾ جيترا ماڻهو آهن، هڪ چورس ميل ۾ جيتن جو تعداد انهن کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ آهي ۽ اڪثر جيتن کي پنهنجي وزن برابر خوراڪ جي ضرورت هوندي آهي، هي جيت انساني غذا تي ئي پلجن ٿا، هاڻي سوچيو تہ هو انساني غذا جو ڪيترو نہ زيان ڪندا هوندا؟ ڇا قدرت بہ ان ۾ راضي آهي تہ هيڏانهن انسان کي اشرف المخلوقات جو لقب بخشي هوڏانهن سندس منظم تباهيءَ جو سامان تيار ڪري ساري زندگي ڪيس پريشان حال

بنايو وڃي؟ نہ ائين هر گز نہ آهي، جيڪي جي نقصانن واريون متيون ڳالهيون ڪجهہ قدر تہ صحيح آهن، پر انهي هوندي بہ منجهن انيڪ ۽ املهہ فائدا آهن. جيئن اڳ بيان ڪيو ويو آهي تہ انسان دشمن جيڪي لاءِ وري قدرت قابل جيت بہ پيدا ڪيا آهن، جيڪي هاديءَ جي حڪم موجب پاڻ ئي اسان جي حفاظت ۾ مصروف عمل آهن. ڪرڙي، ڪوريئڙو ۽ ڏينيو وغيره جهڙا جيت گهرن ۾ توڙي باهر مڪين ميڙن ۽ بين غليظ جيڪي ڪائي انسان ڪي صحت برقرار رکڻ ۾ مدد ڪن ٿا. ڪي وري تمام ننڍڙا خوردبينيءَ ڪان سواءِ نظر نہ ايندڙ جيت پيدا ڪيا ويا آهن، جيڪي نقصانڪار جيڪي ڪي سڏو سنئون ڇڙڪائي نہ ٿا سگهن، پر سندن جسم سان چنبڙجي آهستي آهستي انهن جي رت ۽ ست چوسي نيٺ سندن انت آڻيو ڇڏين. لاک ڏيندڙ ڪينئون اسان جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ وٽن ۾ لاک جا انبار پيدا ڪري ٿو. هڪڙو ٻيو جيت جنهن مان اهڙو رنگ خارج ٿئي ٿو جيڪو دوائن ۽ ضرورت جي بين شين ڪي خوش رنگ بنائڻ ۾ ڪم ايندو آهي، ڪي وري اهڙا بہ جيت آهن، جن جو گذر سفر انهن ٻوٽن ۽ گاهن تي آهي، جيڪي انساني غذا لاءِ اهم ناهن ۽ صرف فصلن ۾ بيڪار ٻوٽن جي نشونما ڪي متاثر ڪن ٿا. تنهن ڪري هي جيت اهڙن گاهن ڪي ڪائي ختم ڪري اسان جي ڪيتن جي حفاظت ڪن ٿا. ڪي جيت وري چمڙو پچائي تيار ڪرڻ ۽ ۽ خميرجڻ ۾ مدد ڪن ٿا. گهٽن جيتن مثلا مڪڙ وغيره ڪي تہ مزي سان ڪائيندا آهيون. جيئن تہ جيت تمام گهٽي انداز ۾ آهن ۽ زمين اندر، تڏن ۽ نرم تهن ۾ ئي رهندا آهن، تنهن ڪري سندن موت بہ زمين اندر ئي ٿئي ٿو. هن جي مرڻ ۽ ڏرتيءَ اندر ڳري جذب ٿيڻ

سان فصل کي نائٽريٽ، فاسفيٽ ۽ زمين کي زرخيز ڪندڙ مختلف جزا فراهم ٿين ٿا. جن سان زمين وڌيڪ اناج ڏيئي سگهي ٿي. ٻيا ان کان سواءِ جيٽن کي تحقيقي مرڪزن ۾ استعمال ڪري انهن بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي. آزاد نائٽروجن گئس فصلن لاءِ نقصانڪار آهي، پر کيس زمين ۾ جذب ڪري يوريا (Urea) توڙي ٻين نائٽرين ۽ ڪيميائي مرڪبن ۾ تبديل ڪرڻ ۾ جيٽن جو وڏو هٿ آهي. مٽيءَ ۾ گندرف جو جيڪو انداز آهي، جيٽ ان کي سلفيٽس ۾ تبديل ڪري زمين جي زرخيزي لاءِ رستو هموار ڪن ٿا. ڪاڻ، گند گاهه، وٿاڻ جو ڄاڻ مطلب ته هر نباتات ۽ حيوانات کي جيٽ ئي زمين ۾ ڀاري مختلف نامياتي مرڪبن ۾ تبديل ڪن ٿا، جنهن سان نه صرف زمين سٺو فصل ڏئي ٿي، پر منجهس گيس، تيل ۽ ڪوئلو وغيره پيدا ٿيندو رهي ٿو. ڪير مان مکڻ ۽ ڏڏ پيدا ڪرڻ ۾ به تمام ننڍڙن جيٽن جو وڏو هٿ آهي، جن جي ڪري ڪير ۾ ڪيميائي تبديلي اچي ٿي.

قدرتي آفتن جو علاج قدرتي شين وسيلي ئي وڌيڪ بهتر ۽ اثرائتي نموني ڪري سگهجي ٿو. مصنوعي طريقا مهانگا پون ٿا دنيا جي ڪارخانن ۽ تحقياتي مرڪزن ۾ فصلن کي تباهه ڪندڙ جيٽن کي مارڻ لاءِ ڪيترين ئي زهريلين دوائون تيار ڪيون ويون آهن ۽ نين ڪوجنائن جو سلسلو اڃان جاري آهي، هنن جي استعمال سان خاطر خواهه نتيجا نه نڪتا آهن ۽ گهڻي قدر جيٽ گهٽجن به ٿا، ليڪن هي طريقا مڪمل ۽ مستقل طور ڪامياب نه ويا آهن. جيڪي جيٽ انهن دوائن جو اثر هڪ دفعو برداشت ڪري وڃن ٿا ته سندن قوت مدافعت وڌي وڃي ٿي ۽ پوءِ ڪنهن به طريقي سان کين ختم

نہ ٿو ڪري سگھجي. اهڙا ڪيترائي ظاهري مثال ملن ٿا ۽ هر آبادگار جو پڻ اهڙو مشاهدو آهي. توڙي جو نوان نوان بج ايجاد ڪيا ويا آهن، تڏهن بہ ڪين ڪو نہ ڪو موسمي مرض لڳي ٿو، يا وري اهي ڪنهن نہ ڪنهن جيت جي پسنديده خوراڪ ٿين ٿا، تنهن ڪري انهن سيني امڪاني حملن جي بچاءَ طور اهڙا جيت ڳوليا وڃن، جن جو گذر صرف انهن جيتن تي هجي، جيڪي فصلن لاءِ نقصانڪار آهن، هي طريقو وڌيڪ بهتر ٿيندو. هن وقت مصنوعي دوائن وارو طريقو ايترو ڪارگر نہ رهيو آهي، جيترو ڪجهہ عرصو اڳ هيو. ان سان ظاهر آهي تہ جيتن ۾ بہ قوت برداشت وڌندي وڃي ٿي. وبائي مرضن، مثلا :ماتا ۽ ڪالرا جو علاج بہ سندن جيوڙن سان ڪيو ويندو آهي. انهن بيمارين جا ڪمزور جيوڙا صحتمند ماڻهوءَ ۾ داخل ڪرڻ سان ڪمزوريءَ سبب ڪو نقصان نہ ٿا پهچائي سگهن، پر جسم جا دفاعي جزا هنن جي ڪري اهڙا تہ متحرڪ ٿيو وڃن جو انهن ڪمزور جيوڙن کي تہ ختم ڪريو ڇڏين، پر آئنده مضبوط ۽ صحتمند جيوڙي جو مقابلو ڪرڻ لاءِ بہ سندن قوت مدافعت وڌي وڃي ٿي ۽ ماڻهو انهن بيمارين کي برداشت ڪري، ڪائنات بي فڪر ٿيو وڃي. ان طريقي تي ئي عمل ڪندي ماتا جهڙي موذي مرض تي ضابطو آندو ويو، آمريڪا ۽ دنيا جي ٻين ترقي يافتہ ملڪن مصنوعي طريقا ڇڏي قدرتي طريقا يعني جيتن کي جيتن وسيلي مارڻ وارو نمونو اختيار ڪري، ڪيترن ئي مسئلن کان چوٽڪارو حاصل ڪيو آهي. اهڙي طريقي سان هنن پنهنجن باغن ۽ مختلف قيمتي فصلن کي محفوظ بنائي، اسان سيني لاءِ حاضر ۽ عملي مثال قائم ڪيو آهي. سائنسي ترقيءَ جي اها رفتار رهي تہ انشاءَ الله اهو ڏينهن پري ناهي، جو انسان ڪائنات جي هر ڪا شي

مسخر ڪري بنا ڪنهن خرچ ۽ اهنج ايذاءَ جي پنهنجا مسئلا الاهي اصولن موجب حل ڪري سندس خوشنودي حاصل ڪري سگهي.

ماڪيءَ جي مڪ جي فائدن بابت ته ڪافي بحث ٿي چڪو آهي، باقي سندس طرز زندگيءَ تي ڪجهه بحث ڪرڻ به مناسب سمجهجي. هوءَ ڪاڏي جي تلاش ۾ پري پري تائين گلن جي ڳولها ڪندي آهي، هڪ ئي وقت مختلف قسم جي گلن رس ڪڏهن نه ٿي چوسي، اها ساڳئي وقت فقط هڪ ئي قسم جي گلن جي رس چوسڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، باقي رهيل ٻئي قسم جي گلن جي رس جي وري پنهنجن ٻين ساٿين کي مختلف طريقن سان اشارا ڏيئي، اهڙي خزاني جي خوشخبري ڏئي ٿي، سندس اهڙي عمل مان ظاهر آهي ته ڪيس هر قسم جي گل اندر طبعي ۽ ڪيميائي خاصيتن جي مڪمل ڄاڻ آهي، هن کي اها به خبر آهي ته ساڳئي قسم جي شين جون خاصيتون هڪ جهڙيون ۽ مختلف قسم جي شين جون خاصيتون مختلف ٿين ٿيون. جيئن سائنسدانن ظاهر ڪيو آهي ته هڪ ئي قسم جي عنصرن جا ائٽم هڪ جهڙا ٿين ٿا، پر مختلف عنصرن جي ائٽمن جون خاصيتون مختلف ٿين ٿيون.

گرمين ۾ ڪوليون رڦابندي ڪري هڪ صاف ۽ وڏو ڪمرو ناهيندیون آهن، جنهن ۾ راڻي رهندي آهي، هي شاهي خانو گئلرين سان هر طرف ڳنديل هوندو آهي، ڪن گئلرين ۾ آئيءَ ويل لاءِ ڪاڏو ذخيرو ٿيل هوندو آهي ته ڪن ۾ وري پورهيت ۽ نوڪر ڪوليون رهنديون آهن. گئلرين سبب سندن رهائش گاهه ۾ هوا جو لنگهه تيز ۽ عين ضرورت مطابق رهي ٿو. تنهن ڪري گهربل ٿڌ پيدا ٿيڻ سان فرحت جو وقت گذارين ٿيون، ڪي ڪوليون وري وڻن جي پٽن ۾ هوادار گهر ناهي رهنديون آهن، ڪجهه خانه بندوش ۽ فوجي قسم

جون ڪوليون وري رات جي وقت ڪنهن ٻوٽي جو سهارو وٺي اهڙي نموني گڏبيون آهن، جو گئلريون ٺهي پون ٿيون، جن مان هوا جو بهترين گذر ٿي سگهي. اهڙي نموني گهربل تازي هوا ۽ آڪسيجن پڻ ميسر ٿئي ٿي. ائين معلوم ٿيندو آهي ته جڏ اهي ساهه ڪٽڻ جي سائنسي اصول کان پوري طرح واقف آهن. ڪولين ۽ ماکيءَ جي مک جي انهن عملن مان اسان جي انجنئيرن ۽ ماهرن کي ڪليل ۽ هوادار جايون سائنسي طرز تي ٺاهڻ جو واضع سبق ملي ٿو.

گهرو مادي مک پنهنجي نر جوڙيوال کي پاڻ ڏانهن متوجهه ۽ راغب ڪرڻ لاءِ پنهنجي جسم مان خاص قسم جي بوءِ وارو ڪيميائي مادو خارج ڪري، ڪيس پاڻ ڏانهن ڪشش ڪري ٿي. پتنگ جو به ساڳيو ئي حال آهي، مادي پتنگ ڪڏهن به ڪنهن ظاهري آواز سان پنهنجي عاشق کي قرب جي ڪوٽ نه ٿي ڏئي. هوءَ صرف خاموشيءَ سان پنهنجي بدن مان خوشبوءِ جون لهرون هر طرف پکيڙي ٿي، سائنسي اصول آهي ته ڪنهن جسم مان خارج ٿيندڙ لهرون هر طرف هڪ ئي رفتار سان سفر ڪنديون آهن، اهڙي طرح جڏ پتنگ به ان حڪمت پريي اصول کان باخبر آهي. مادي پتنگ جي جسم مان خارج ٿيندڙ ٿهرون جڏهن هر طرف پکڙجي نر پتنگن تائين پهچن ٿيون ته هر طرف کان انهن جا ٽولا پري پري کان اچي پهچندا آهن. ڇا سندس نر جي مغز ۾ ڪو وائرليس سيٽ يا ڪو مصنوعي سيارو (سٽلائيٽ) لڳل آهي، جنهن کان هو خبر رسائيءَ جو ڪم وٺي سگهي؟، ائين چوڻ سراسر درست ٿيندو ته هو فطرتا ريڊيو، وائرليس ۽ سٽلائيٽ جي اصول کان باخبر آهي. سائنسدانن به پتنگ جهڙن جيتن کان سبق حاصل ڪندي موجوده قسم جي ريڈئي، وائرليس ۽ سٽلائيٽ جي ايجادن وسيلي گهڻن ئي

مشڪلاتن کي حل ڪيو آهي.

مڇيون ۽ پنهنجي جسم مان خطري وقت هڪ قسم جو مادو خارج ڪنديون آهن جنهن جي بوءِ سان ٻين مڇين کي هڪدم خبر ملڻ شرط اهي ڪنهن نہ ڪنهن محفوظ طرف ڏانهن پهچي جان بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿيون، تحقيق ۽ ڪوجنا سان معلوم ٿيو آهي تہ اڪثر جيت انسانن ۽ جانورن وانگر پنهنجن ٻچن کي مسلسل خوراڪ نہ ٿا پهچائن، ان جي عيوض هو سوچي سمجهي ماحول ۽ حالتن کي پرکي پوءِ اهڙي هنڌ ٻچا، يا آنا ڏيندا آهن، جتي ٻچن بعد سندن ٻچن کي خوراڪ حاصل ڪرڻ ۾ ڪابہ تڪليف محسوس نہ ٿئي. هو اهڙي هنڌ آنا ڏيندا جتي آنن مان نڪرندڙ ٻچن کي خوراڪ جون سهوليتون ميسر هجن. انهن سيني مثالن مان ظاهر آهي تہ ٻين جاندارن وانگر جيت ٻہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني ذهني صلاحيتن، سمجهہ ۽ حواسن جو سهارو وٺي، هر روز پيش ايندڙ مسئلن جو حل ڳولهڻ تي مجبور آهن ۽ سندن هر عمل ۾ ڪو نہ ڪو سائنسي ۽ حڪمت پريو سبق ملي ٿو. ڇٽيءَ طرح واضح ٿو ٿئي تہ تخليق جو هر ذرو سراسر حڪمت ۽ نعمت آهي.

ايل ۽ سامن مڇين جي رهڻي ڪهڻي ٻہ قابل ذڪر ۽ دلچسپ آهي. هي مڇيون صرف جنوبي برمودا جي علائقن ۾ ٿين ٿيون، برمودا جا ٻيٹ يورپ ڪان هزارين ميل پري آهن. خالق جي هيءَ عجيب و غريب مخلوق دريائن، ساموندي ڪنارن وارن علائقن ۽ ڏينهن ۾ پنهنجي جوين کي پهچي واپس دنيا جي هر حصي ڪان پنهنجي ساڳي ئي منزل ڏانهن رخ رکن ٿيون، جتي انهن جنم ورتو هيو. اترين علائقن ڪان هزارين ميل ڊگهو سفر ڏورينديء، ڪشالا ڪاٽيندي برمودا جي ڏاکڻي علائقن ۾ سمنڊ جي بي انتها اونهائين

۾ وڃي پهچندیون. ان هنڌ پهريائين ٻچا ڏيئي پوءِ پاڻ مري ويندیون. سندن ٻچا اتي مقرر عرصو گذارڻ کان پوءِ وري ساڳين اترين علاقن جو رخ رکندا، جتان سندس ٻيءُ ماءُ آيا هئا ۽ ساڳئي ماڳ پهچي اباڏو وطن وسائيندا آهن، اهڙي طويل المعياد سفر دوران کين خوراڪ ۽ حفاظت جي ڪهڙي نہ مشڪل مسئلن سان منهن ڏيڻو پوندو هوندو؟ قدرت کين اهڙين تڪليفن مان چوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ مضبوط ۽ حساس "سنگهڻ جي حواس" سان نوازيو آهي، هو غذا ۽ پنهنجي جنس جي سڃاڻپ لاءِ اڪ جي بجاءِ نڪ کي ئي استعمال ڪندیون آهن، ڪڏهن ب ڪابي ڪناري واري آيل ميڇي ساڃي پاسي وارو ڪنارو نہ ونندي، پنهنجي ڊگهي سفر دوران مختلف سمندن مان گذرندي پيدائش واري جڳهہ ڳولهڻ لاءِ هر هڪ ساڳئي توڙي مختلف سمندن جي ڏار ڏار حصن واري پاڻيءَ جي بوءِ، طبعي حالتن، ٻوٽن ۽ معدني جزن جي جدا جدا خاصيت جو اندازو نڪ جي مدد سان سنگهڻ وسيلي لڳائي، صحيح منزل جي سڃاڻپ ڪري سگهندي آهي. سائنسدانن ميڇن جي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ هجرت ڪرڻ جو هي سبب ٻڌايو آهي تہ سمنڊ ۾ برقي لهرن پيدا ٿيڻ سبب ميڇيون هڪ علاقي کان ٻئي علاقي ڏانهن هليون وڃن ٿيون ۽ برقي لهر جي رخ متجھ سان وري پنهنجي ساڳئي ماڳن موٽيو اچن ٿيون، سندن قابل تعريف حرفت جو هر قسم جي تبديليءَ جي باوجود اهي موزون ۽ موافق علاقو ڳولهڻ ۾ دير نہ ٿيون ڪن! ڇا هي سارو عمل خود بخود ٿيندو هوندو ۽ اهڙي مخلوق جو ڪو خالق نہ هوندو؟.

باب پنجون

جانورن ۾ سائنسي نشانيون

هيءَ جاندارن وانگر خالق حقي رب العزت جانورن کي به حساس حواس ۽ تيز ذهانت سان نوازيو آهي جن کان ڪم وٺي اهي سکون واري زندگي گذارن ٿا. ڊاڪٽر مئڪگو وٽن، پولڙن تي تجربا ڪندي ثابت ڪيو آهي ته پولڙا فن مهارت ۾ قابل تعريف ذهانت کان ڪم وٺي پنهنجي استعمال لاءِ، ڪن وٽن جي پٽن مان ڳاڙهو ۽ سائو شراب ناهي سياري جي موسم لاءِ، هٽ جي ٽهيل ٽڪر جي ٽانون ۾ سانديي رکندا آهن، ان مان ظاهر آهي ته کين شراب جي استعمال جي صحيح وقت جي ڄاڻ به آهي. هيو هو اهو به سمجهن ٿا ته هٽ جي ٽهيل ٽڪر جي ٽانون ۾ شيون گهٽ خراب ٿين ٿيون. قدرت حواس ۽ دماغ ڏنائي سوچڻ لاءِ آهن، هڪ هاٿيءَ کي ڪنهن پل تان گذاربو ته اهو پنهنجا پير ساهي ساهي، آزمائي پوءِ رکندو چو ته هو اهو ٿو سوچي ته پل ٽاهڻ وقت ٿوري وزن واري انسان پنهنجو وزن ته ذهن ۾ رکيو هوندو پر هاٿيءَ جهڙي جسم ۽ وڏي وزن واري جانور کي متان نظر انداز ڪري ويو هجي.

چمڙو جيڪو ڏينهن جي وقت تيز روشنيءَ کان ٽارو ڪري اونداهن آکيرن ۾ لڪل رهندو آهي، سو رات جي وقت پنهنجي خوراڪ ۽ شڪار جي ڳولها ۾ باهر نڪرندو آهي، ڏٺو ويو آهي ته رات جي وقت تمام تيز پرواز دوران چمڙو ماڻهن، جانورن ۽ هيءَ شين کي تمام ويجهو ايندي به انهن سان ٽڪرجي نه ٿو. توڙي جو سندس

نظر رات جي وقت ۾ اڏڻي تيز ڪانهي، ان جو سبب صرف هي آهي تہ پرواز دوران هو ڪي خاص لهرون خارج ڪري ٿو. جيڪي اسان ٻڌي ۽ محسوس ڪري نہ ٿا سگهون. اهي لهرون جڏهن آسپاس وارين شين سان ٽڪرجي واپس سندس ڪن تائين پهچن ٿيون تہ انهن جي پڙاڏي مان چمڙو اهو اندازو لڳائي سگهندو آهي تہ، سندس اڳيان ڪهڙي قسم جي شي ڪيتري مفاصلي تي آهي، ڇاڪاڻ تہ چند فوٽن جي مفاصلي تان ۾ هو ڏسي نہ ٿو سگهي، پنهنجي ان عمل سان هڪ تہ هو حادثن کان محفوظ رهي ٿو ٻيو تہ پنهنجي پسند جي شڪار محسوس ٿيڻ تي ڪيس پڪڑي وٺي ٿو. هر چمڙو مختلف قسمن جون لهرون خارج ڪندو آهي، ان اصول تي اڄ ڪلهہ سائنسدانن رادار سسٽم ناهيا آهن، جن جي بنائڻ ۽ جوڙي ڪم آڻڻ جو سبق انسان کي ابتدا کان ئي مليل آهي، نہ فقط ايترو پر محقق ڪجهہ اڳتي وڌي آواز پيدا ڪندڙ جديد اوزار پڻ ايجاد ڪري، انهن وسيلي سمنڊ جي تري بابت ڪافي معلومات حاصل ڪئي آهي. ان جو فائدو حاصل ڪندي هو هاڻي سمنڊن تي حڪمراني ڪرڻ جي قابل ٿي چُڪا آهن.

عمودي وڻ، ٻيٽ يا ٻئي ڪنهن لسي ۽ هموار ايپي سطح تي ڪرڙي، ڳوهہ ۽ ٻين اڏڻ جانورن جو چڙهڻ ۾ حڪمت کان خالي نہ آهي. اڏڻي هموار اوچائيءَ واري جاءِ تي چڙهڻ وقت پنهنجي ٻيٽ ۽ پٺي وچ ۾ هڪڙي قسم جو خال پيدا ٿئي ٿو. اُنهي خال سبب ٻاهرين هوا پنهنجي داب سبب ڪين ٻيٽ يا ٻئي اڏڻي هموار سطح تي ڏکي چبڙڻ تي مجبور ڪريو ڇڏي ٿي تنهن ڪري ڪين پنهنجا ٻير ٻئي ڪنهن سهاري ۾ ڦاسائي بيهڻ جي ضرورت ئي نہ ٿي پوي، ان

عجيب و غريب فن جي مدد سان هي حيوان ڪيتري به تيزي سان پٽ توڙي ڇت تي حرڪت ڇو نه ڪن، پر سندن ڪري پوڻ جو ڪو خطرو نه هوندو آهي، سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته مڪڊيبرگ نالي سائنسدان انهن ئي جاندارن مان عبرت ۽ سبق حاصل ڪري، هوا جي داب بابت اهم انڪشاف ڪيا. هن ڏاتوءَ جا به اڏ گول ناهي ڪين بنا ڪنهن بولٽ (Bolt) نٽ (Nut) يا پيچ وغيره جي هڪ ٻئي سان ملائي سندن وچ واري هوا ڪڍي ڇڏي،. پوءِ چار گهوڙا هڪ طرف ته چار گهوڙا ٻئي طرف ٻڌي ڪين خوب هڪليو، ليڪن انهن اٺن ئي گهوڙن جي مجموعي قوت به انهن کي جدا نه ڪري سگهي، هي اڏ گول اڄ به هوا جي تجربي لاءِ اسڪولن ۾ استعمال ٿيندا رهن ٿا. هنن نادان حيوانن وسيلي هوا جي اهڙي اهم ترين خاصيت جي حاصل ٿيڻ سبب مشينري ۽ ٻين روز مره جي معاملن ۾ ڪافي سهوليت پيدا ٿي آهي. خالق جون ڪيڏيون نه اسان تي عنايتون آهن، جو اسان جي هر قسم جي امڪاني مونجهارن جو حل سڏي يا اڻ سڏي طرح مختلف مخلوقات ۾ موجود ڪري ڏنو آهي. ڪجهه وقت اڳ جو واقعو آهي ته هڪ مدرسي جا طالب رات جي وقت ماني کائڻ کان پوءِ باقي بچيل کاڌو ٻئي ڏينهن جي نيرن لاءِ محفوظ رکي ڇڏيندا هئا. هڪڙي ڏينهن صبح جو اتي ڏسن ته ڪو سندن سمورو کاڌو کائي ويو آهي. ڪيترائي ڏينهن ائين ٿيندو رهيو، آخر تنگ اچي اهو فيصلو ڪيائون ته رات جو جاڳي اهو ضرور جانچجي ته سندن ماني ڪير ٿوکائي وڃي، هڪ ڏينهن هڪڙو طالب اوٽ ۾ ويهي کاڌي کي تاڙيو ويٺو هو ته ٻه باندر اچي مانيءَ کي کائڻ لڳا، طالب انهن کي ڪجهه به نه چيو ۽ صبح ٿيڻ تي اهو سمورو قصو ٻين

کي ٻڌايائين، اهو ٻڌڻ بعد سيني متفقہ فيصلو ڪيو تہ ڪاڏي ۾ زهر ملائي ڇڏجي جيئن ان جي ڪائڻ سان باندر مري وڃن ۽ ڪائنڪ هميشه لاءِ جند ئي ڇڏي پوندي. ٻئي رات جو هو ائين ڪري، وينا تہ، نتيجو ڇا ٿو نڪري ساڳين هريل باندرن مان ٻن ٻي رات ٻہ اڇي مانيءَ ڪائڻ شروع ڪئي پهرين لقمي سان ئي هنن محسوس ڪيو تہ منجهس ڪجهہ ملايل آهي. هڪڙو باندر اتي وينو ۽ ٻيو واپس هليو ويو ٿوري وقت ڪانپوءِ باندرن جو هڪ وڏو ٽولو آيو ۽ هر ڪنهن انفرادي طور ڪاڏي ڪي جاچڻ شروع ڪيو. ڇڳيءَ طرح ڇڪاس ڪان پوءِ ٻہ باندر هليا ويا ۽ ٻيا سيئي اتي وينا رهيا، ٿوري دير بعد انهن ٻنهي ڄڻن ڪن ٻوٽين جا پن ڪجهہ مقدار ۾ آڻي سموري ڪاڏي ۾ ڇڳيءَ طرح ملائي ڇڏيا ۽ ۽ سيني باندرن اهو ڪاڏو ڪائڻ شروع ڪيو. اهڙيءَ طرح ڪاڏي ۾ ملايل زهر جو اثر هنن جڙي ٻوٽين وسيلي فطرتا سائنسي ۽ طبي اصول مطابق بيڪار بنائي ڇڏيو*. ڏسو هي اٻوجهہ حيوان ڪيڏا نہ عظيم حڪيم سمجهجن، ٻيو تہ ان مان هيءَ مراد ٻہ وٺي سگهجي تہ خالق حقي اهڙن اٻوجهہ حيوانن ۽ ٻين مختلف طريقن سان اشرف المخلوقات انسان کي پرحڪمت اشارا ڏيئي ڇڏيا آهن، جيئن ٻين شين سان ڳڏوگڏ جڙي ٻوٽين جو ٻہ وڌ ۾ وڌ فائدو وٺون، جيڪي انسانن لاءِ نهايت ڪارگر آهن.

ڪتي جو عمل ٻہ نظر انداز ڪرڻ جهڙو ناهي. انسان جي جسم ۾ تہ پگهر خارج ڪرڻ جا غدود آهن، جن جي وسيلي گرميءَ جي موسم ۾ زائد ۽ وافر پاڻي خارج ٿي وڃي ٿو. جنهن سان نہ فقط

---

* اهو قصو محسن استاد جناب عبدالرحمان ڪنيار جن هڪ محفل ۾ ٻڌايو.

جسم ۾ پاڻيات جو مقدار متوازن رهي ٿو، بلڪ گرميءَ جو درجو ب موافق ٿي وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته ڪنهن هنڌان پاڻيات جي ٻاڦ ٿي اڏامي وڃڻ سان اتي ٿڏ پيدا ٿئي ٿي، جيئن هٿ جي تريءَ تي پيٽرول يا اسپرٽ وجهڻ سان اهي يڪدم بخارات ۾ تبديل ٿي وڃن ٿا ۽ تريءَ تي ٿڏ محسوس ٿيندي آهي. ڪتي جي چمڙيءَ ۾ پگهر نيڪال ڪندڙ سوراخ ڪونهن ۽ پاڻي توڙي گرمي خارج ڪرڻ جو واحد ذريعو هن لاءِ صرف سندس زبان ئي آهي. اهوئي سبب آهي جو گهٽي ڊوڙڻ يا پونڪڻ سان خصوصا اونهاري جي موسم ۾ ڪتي جو وات سدائين ڪليل هوندو آهي ۽ سندس وات مان پاڻي پيو ٽمندو آهي. پاڻي جي بخار ٿي نڪري وڃڻ سان سندس بدن جي گرميءَ جو درجو ۽ پاڻيات جو انداز ضرورت مطابق رهي ٿو مطلب ته الله پاڪ سندس حرارت ۽ توانائيءَ کي سائنسي طرز جي گهرجن مطابق برقرار رکي ٿو. هاڻي ڏسون ته ڪتو مختلف جسمن ۾ فرق ڪيئن ٿو محسوس ڪري هو اهو سڀ ڪجهه پنهنجي سنگهڻ واري حس يعني نڪ وسيلي ڪري ٿو ته، هتان ڪير نڪري ويو آهي؟، يا ڪهڙي قسم جو انسان يا حيوان سندس سامهون آهي؟، اونداهين راتين ۾ هو بنا ڪنهن آواز ٻڌڻ يا ڪجهه ڏسڻ جي پري کان هر هڪ شي جو اندازو لڳائي سگهي ٿو ۽ چوطرف منهن ڦيري نڪ وسيلي، هوا جي لهرن جو بغور جائزو وٺي پورو پورو اندازو لڳائي پوءِ ئي ڪا ڪارروائي ڪندو آهي.

ڪتي کي قدرت سنگهڻ جي حس تيز بنائڻ لاءِ ڪو اهڙو جزو عطا ڪيو آهي جنهن جي وسيلي هو پهريائين ساڃي ئي قسمن جي جاندارن جي سڃاڻپ، سندن بيهڪ واري جڳهه، پيرن جي نشان ۽

آسپاس وارين شين جي سنگهڻ سان ڪري ٿو. ان کان پوءِ ئي انهي خاص ماڻهو، يا خاص جانور ۽ جيت وغيره جي پرک ڪندو آهي جنهن جي ڳولها ڪرڻي هوندي اٿس. ياد رهي ته انسان جي بوءِ جيتن جي بوءِ کان الڳ هوندي آهي. انهن جي بوءِ وري حيوانن ۽ ٻوٽن کان مختلف ٿئي ٿي. اهڙي نموني انسانن ۾ به هر ڪنهن جي بوءِ ڌار ڌار قسم جي ٿئي ٿي. حد اها آهي ته ڪتو هر هڪ جاندار جي قدمن جا نشان سنگهڻ سان صحيح صحيح ماڻهو يا جانور ۽ پکي وغيره جي سڃاڻپ ڪري سگهندو آهي، ان ڪري قديم زماني ۾ هن کي عام طور چورن جي سڃاڻپ لاءِ استعمال ڪبو هو ۽ هن وقت دنيا جون فوجون ۽ تحقيقي ادارا ڪتن کي اسمگلنگ رهزنن جي پڪڙ، زلزلن جي معلومات وغيره ۽ جاسوسي لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي، ان ۾ انسان لاءِ هي مقصد رکيل آهي ته هو به پنهنجي عظيم الاهي نعمت يعني دماغ جو فائدو وٺي اهڙا اوزار ايجاد ڪري، جيڪي ڪتي جي هن حس کان به وڌيڪ بهتر نموني ڪم سرانجام ڏيئي سگهن. ڇاڪاڻ ته مضبوط حواسن جي عيوض انسان کي حساس دماغ سان نوازيو ويو آهي. سائنسدان ان ڪوشش ۾ آهن ته ڏسجي ڪتي ۾ اهو ڪهڙو جزو آهي، جيڪو سنگهڻ جو ڪم ڪري ٿو، جيئن ان کي مصنوعي طريقن سان طاقتور بنائي زياده فائدا حاصل ڪري سگهجن. اهو ان ڪري جو ڏينهون ڏينهن حالتن جي تبديلي سبب اها ضرورت تيزيءَ سان وڌندي ٿي وڃي. انشاءَ الله اهو ڏينهن پري ناهي جنهن ڏينهن انسان پنهنجي ذهني صلاحيتن وسيلي ائين ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو، تنهن هوندي به سائنسدانن اهڙو اوزار ايجاد ڪيو آهي، جنهن کان سنگهڻ جو ڪم

وٺي سگهجي ٿو پر ان ۾ اڃان به وڌيڪ سڌاري جي شديد ضرورت آهي. هن کان سواءِ آمريڪي ماهرن هڪ اهڙو اوزار پڻ ايجاد ڪيو آهي جنهن جي وسيلي ڪوڙ ڳالهائيندڙ يا چور وغيره کي مڃائي سگهجي ٿو. ۽ حاصل ٿيندڙ نتيجا گهڻي ياڳي صحيح ثابت ٿيا آهن. اهڙا اوزار پوليس کاتي ۽ ٻين تفتيشي ادارن ۾ استعمال ٿين ٿا.

جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي ته جيتن ۽ جانورن کي هڪ نه هڪ حس سان نوازيو ويو آهي، تيئن خالق دوجهان رب العزت انسان کي مٿين سيني حواسن جي عيوض عظيم ذهن بخشي، بر تر جاندار بنائي اشرف المخلوقات جو لقب ڏيئي ڇڏيو آهي. موجوده دور جي انسان ٻي مخلوق تي غور و فڪر کان ڪم وٺندي خواب حقي کي عملي جامو پهرائڻ خاطر، پنهنجي مهارت، سوچ، سمجهه ۽ تحقيق جي روشنيءَ ۾ رابر سسٽم ناهيا آهن، جن جي وسيلي هر قسم جي حالتن جو اڳواٽ اندازو لڳائي سگهجي ٿو. انسان جي ٻڌڻ جي حس جيڪڏهن ايترو طاقتور ناهي، ته هن وري پنهنجي بهترين دماغي صلاحيتن وسيلي اهڙا اوزار ايجاد ڪيا آهن، جن جي مدد سان هو هزارين ميلن تان پيدا ٿيندڙ آواز ائين ٻڌي سگهي ٿو جڻ ته روبرو ڳالهيون ٿي رهيون آهن. ٽيليفون، ٽيليويزن ۽ وائرليس ان جا اکين ڏٺا مثال آهن. اهڙيءَ طرح توڙي جو انسان جي نظر اهڙي تيز ناهي جو دنيا جي هر ڪنهن پري واري شي کي ڏسي سگهي پر ذهن جو سنهارو وٺندي اهڙيون دوربينيون ايجاد ڪيون اٿس جو زمين ته ٿهيو آسماني دنيا ۾ موجود هر ڪا شيءِ مثلاً "سياري" ۽ ستاري وغيره کي ڏسي ان جي بناوت، چر پر، خاصيت ۽ ڪم ڪرڻ جو طريقو اهڙي نموني جانچي سگهي ٿو، جو جڻ ته خود اتي آهي، نه

صرف ايترو پر ايڪسي ريز (ايڪس ڪرڻا X-Rays) بيٽا ريز (بيٽا ڪرڻا(B-Rays) ۽ گاما ريز (گاما ڪرڻا - (Y-Rays) دريافت ڪري، خوردبيني ۽ ٻيون اهڙيون مشينون جن ۾ الٽرا سائونڊ به شامل آهي، ناهي انسان توڙي حيوان جي اندروني جزن ۽ عنصرن کي اکين ڏسي سندن طريقءِ ڪار جو مشاهدو ڪري، انهن جا نقص دور ڪرڻ جا طريقا ڳولهي ڪڍيا آهن. ۽ طبي دنيا ۾ هي اوزار علاج واسطي انقلابي شيون ليکجن ٿيون. قادر جو اهڙو به نظام آهي جو ذهن جي عيوض ٻين جاندارن کي مضبوط حواس ڏنا ويا آهن، شڪاري پکيءَ کي ڏسڻ جي طاقت ڏنائين، ڪتي، بگهڙ ۽ گدڙ وغيره کي سنگهڻ جو حواس ته وري جيتن کي ٻڌڻ ۽ محسوس ڪرڻ جا حواس بخشيائين، يعني هر ڪنهن کي سندس جسامت، بناوت ۽ فطري ضرورتن مطابق صلاحيتون ڏنل آهن. انسان وري اهي سمورا ڪم عقلي عنايت وسيلي ڪري ٿو. اڄ اها نوبت رهي آهي جو هزارين ميلن جون تصويرون هو مواصلاتي سياري وسيلي ٽيليويزن تي ڏسي سگهي ٿو، ڏش انٽينا هن سلسلي ۾ وڏو انقلاب آندو آهي. قدرت ڪنهن به جاندار کي مٿيون سيئي خاصيتون يعني سمورا حواس يڪجا ڪري ڪونہ ڏنا آهن. صرف انسان کي خاتم النبين حضور سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن جي صدقي خاص رعايتون ڏيئي عظيم نعمتون عطا ڪري شرف وارو بنايو ويو آهي جيئن هو پنهنجو اشرف المخلوقات وارو لقب ثابت ڪري ڏيکاري سگهي.

خالق اڪبر نعمتن جي ورهاست وقت ٻليءَ کي به نوازيو آهي هي، سائنسي اصول آهي ته ڪنهن جسم جا ماليڪيول (جزا) جيئن

هڪ ٻئي کان پري ۽ ڏور هوندا، تيئن اهو جسم ڦلهڙو ۽ نرم هوندو، ان ڪري منجهس آواز بہ گهٽ پيدا ٿيندو، قدرت ٻلي‌ءَ جي چنبن کي اهڙي ئي نموني بنايو آهي، سندس گذران گهڙو ڪري شڪار تي رهي ٿو، چاڪاڻ تہ هي هڪ گوشت خور جانور آهي ان ڪري هن جا چنبا نرم رکيا ويا آهن جيئن آواز پيدا نہ ٿئي سبب شڪار بي خبر رهي ۽ هوءَ ان تي ڪامياب خوني حملو ڪري سگهي ٻيو تہ قدرت سندس ٻڌڻ جي حس اهڙي تہ مضبوط رکي آهي، جو هو معمولي کان معمولي آواز بہ سولائيءَ سان ٻڌي سگهي ٿي، سندس نظر بہ نسبتاً تيز هوندي آهي تنهن ڪري هي ٻئي خاصيتون کيس شڪار ڪرڻ ۾ سڀي مدد ڪن ٿيون، جيئن تہ ٻلي گوشت خور جانورن ۾ شمار ٿئي ٿي. تنهن ڪري وقت بوقت چنبن کي ڪاٽ، وڙ، پٽر يا ٻي ڪنهن شئي سان مهٽيندي رهندي آهي، جيئن اهي تيز ۽ نوڪدار رهن، ائين ڪرڻ سان کيس شڪار کي پڪڑي جهلڻ ۾ سولائي ٿئي ٿي، ظاهر آهي تہ قدرت کيس هر فني اصول کان واقف ۽ باخبر ڪري ڇڏيو آهي.

اسڪنڪ جهڙي نحيف جانور کي تہ ڏسو هي فقط اتر آفريڪا ۾ ليي ٿو. سندس بدن چمڪدار ڪاري رنگ تي هوندو آهي ۽ مٿس اڇا پٽا يعني ليڪا ٿين ٿا، جسامت جي لحاظ کان ٻلي‌ءَ جي مقابلي ۾ ڪجهہ هلڪو ٿئي ٿو، ڊوڙڻ جو تمام سست (جڏو) هوندو آهي، ۽ بچاءَ لاءِ جسم تي ڪنڊا بہ ڪونہ ٿينس، تنهن ڪري اهڙن عيبن سبب کيس دشمن جي بچاءَ لاءِ وري ٻيا ذريعا يعني ڳوڙها آڻيندڙ گئس (Tear Gas) جا بہ غدود مهيا ڪري ڏنا ويا آهن، جن سان اڻ وٽندڙ ۽ تيز بوءِ واري گئس خارج ڪندو آهي، دشمن

جي حملي وقت ڦوڪ هڻڻ سان منجهائنس اهڙي گئس جي نڪرڻ سبب جنهن جو اثر ڏهن، ٻارهن فوٽن تائين ٿئي ٿو. دشمن کي مجبوراً عارضي طرح پنهنجون اکيون بند ڪرڻيون پونديون آهن، ان موقعي جو فائدو وٺندي، هي ڪمزور ۽ لاچار جانور پاسو وٺي پنهنجي جان بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي، سندس عمل بلڪل ائين آهي جيئن اڄ ڪلهه استعمال ٿيندڙ ڳوڙها گئس آٿيندڙ گئس جو. اهڙي نموني قدرت هر معمولي کان معمولي جانور ۾ به اسان لاءِ سبق ۽ نصيحت جو نمونو رکيو آهي.

شينهن جنهن کي جهنگل جو بادشاهه سڏيو ويندو آهي، تنهن جو گذر سفر فقط جهنگلي جانورن جي گوشت تي رهي ٿو، هي به پنهنجي ڏندي، يعني شڪار جي سائنسي اصولن کان فطرتاً واقف آهي. هڪ آمريڪي ماهرِ حيوانات جارج شالر شينهن تي تحقيق ڪندي چوي ٿو ته، ٻين مختلف فني طريقن سان گڏوگڏ شڪار تي ڪامياب حملو ڪرڻ لاءِ جنهن طرف کان هوا جو رخ هوندو شينهن ان طرف کان ڪڏهن به نه ايندو، يعني هوا جي مخالف يا پاسيري طرف کان ايندو، هو سمجهي ٿو ته مختلف قسم جا جزا هوا جي وسيلي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچي سگهندا آهن، ۽ سندس بوءِ هوا جي وسيلي شڪار تائين پهچي ويندي ته هو باخبر ٿي جان بچائي يڇي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو، تنهن ڪري سمجهي سوچي حالتون جانچي هوا جي مخالف طرف کان حملو ڪندو آهي، خاص ڪالهه ته شينهن پالیل جانور جو شڪار ڪڏهن به نه ٿو ڪري جڏهن هفتن جو بکايل هوندو ته پوءِ لاچار ئي اهڙو ڪو ورلي شڪار ڪندو نه ته مڙيئي خير. سندس هي عمل پڻ سراسر حڪمت پريو آهي،

جهنگلي جانور سڃو ڏينهن جهنگ ۾ گشت ڪري ميلن جا ميل گهمي ڦري تازي ۽ قسمين قسمين طبيعت موافق گاهه چري، مختلف هوتا ڪائي پالیل جانور جي مقابلي ۾ وڌيڪ چست ۽ صحتمند هوندا آهن. چاڪاڻ ته ان دوران هو اهڙا به هوتا ڪائن ٿا، جيڪي طبي لحاظ کان تمام گهٽا ڪارگر آهن. ان ڪري سندن گوشت نسبتا وڌيڪ لذيذ ۽ صحت لاءِ فائديمند آهي، تنهنڪري ڪائنس بهتر غذائي جزا ملن ٿا. شينهن جهڙو وحشي جهنگلي جانور به جڏ ته اهڙي طبي ۽ سائنسي اصول کان واقف آهي. سندس ان عمل مان اسان کي جڙي ٻوٽين جي خوبين جانچڻ بابت سبق ملي ٿو. جيئن ڪين انسان ذات جي وڏ ۾ وڏ مفاد لاءِ ڪم آڻي سگهجي. ٻي ڳالهه ته شينهن ۽ بگهڙ جهڙن شڪاري جانورن کي قدرت مضبوط چنبا ۽ تيز ڏند عطا ڪيا آهن، جيئن پنهنجي مرغوب شڪار تي ڪامياب حملو ڪري، ڪيس پڪڙي چير ڦاڙ ڪري سگهن. شينهن جو سامهون وارو حصو اهڙو ته دهشت پريو بنايو ويو آهي جو شڪار ڪيس ڏسڻ سان ئي مرعوب ٿيو پوي، ويتر سندس گجگوڙ ٻڌڻ سان ڏندڻ پئجيو وڃنس، ان ڪري ڪسڪي جان بچائڻ جي ڪا ناڪام ڪوشش به نه ٿو ڪري سگهي. هن کي اهڙي نفسياتي بيهڪ ۾، خالق ئي بخشي آهي، جيئن پنهنجن ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ ڪيس ڪابه رندڪ نه ٿئي.

هاٿي، جيڪو خشڪي وارن جانورن ۾ سڀ کان وڏو جانور آهي سو به طبي نعمتن سان مالا مال آهي. عظيم جسامت سبب ڪيس مارڻ به نهايت دشوار لڳندو آهي، ويتر خطري وقت جنگهلن ۽ ٻيلن ۾ ٽولا ناهي گهمن ٿا. منجهس قدرت وڏا خزانا لڪائي رکيا

آهن، هن جا هڏا خصوصا ڏند عاج جو سامان تيار ڪرڻ ۾ ڪم اچن ٿا،هيءَ عالم آشڪار چوٽي آهي تہ: " هاٿي جيئري لهي هڪ لک تہ مئي ۽ لک"

اهڙيءَ طرح بگهڙ جهڙو، انسان دشمن وحشي جانور، حلال جهنگلي توڙي پالیل جانور کائي زيان ڪريو ڇڏي ٿو، جيئن ئي کيس موقعو ٿو ملي تہ، سڏو سنئون انسان تي ۽ حملي ڪرڻ کان نہ ٿو گسي، وري سندس فائدي وارو پاسو ڏسنداسين تہ ان جي گوشت، هڏن ۽ چربي وغيره ۾ ڪي اهڙا قيمتي ۽ اثلب طبي جزا ملن ٿا، جيڪي ٻي ڪنهن ۽ ذريعي سان حاصل نہ ٿا ٿي سگهن. ٻيو تہ نهيو سندس کل ۽ نفسياتي مريضن لاءِ اڻ لپ موتيءَ مثل آهي، هن مثالن مان چٽي طرح ظاهر ٿو ٿئي تہ خالق حقي بيڪار شين خلقڻ کان پاڪ آهي.

حلال چوپائي مال ۾ کير، مکڻ، چمڙي ۽ گوشت وغيره جهڙيون سهوليتون ۽ ٻيون ڪيتريون ئي نعمتون لڪل آهن. سوچ ۽ ويچار بعد مفڪرن هي پڻ معلوم ڪيو آهي تہ مال جي پاڻ مان گئس ناهي ٻارڻ جي مسئلي کي حل ڪري سگهجي ٿو. اهڙي انوکي گئس شڪاگو جي ٻيپاس گئس ڪمپنيءَ تيار ڪئي هئي جنهن کي "بايو گئس" جو نالو ڏنو ويو آهي. جيڪا مختلف ملڪن جي عوام کي وڏي پئماني تي استعمال لاءِ مهيا ڪئي وئي آهي تجربي مان ثابت ٿيو آهي، تہ هڪ لک ڏورن مان روزانو پنج هزار ٽن پاڻ حاصل ٿئي ٿو، ڪمپنيءَ جو اهو پاڻ هڪ پروسيسنگ پلانٽ (Processing plant) ۾ منتقل ڪيو وڃي ٿو، جتي ڪيميائي عمل سان امونيا، ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ ميٿين (Methane) گئسون تيار ٿين ٿيون،

جيڪي پائيپ لائين ۾ منتقل ڪئي ويندي آهي، ساڳئي وقت انهيءَ عمل دوران جيڪو ڦوڳ باقي بچي ٿو، اهو صاف پاڻ طور زمين ۾ ڪتب اچي ٿو ۽ پروٽين سان شامل ٿي، ڦوڳ وري چوپائي مال کي چاري طور ڪم اچي سگهي ٿو.

وحشي جانور واڳونءَ کي ته گهٽن ڏنو به هوندو، پر ان بابت ايترو هر ڪنهن ضرور ٻڌو هوندو ته ڪيترو به ننڍو توڙي وڏو جانور سواءِ ٽڪرن ڪرڻ جي، سڌو سنئون ڇڙڪايو ڇڏي ۽ ان کي بنا تڪليف جي سولائيءَ سان هضم به ڪري سگهندو آهي.هن جو اهو نمونو ڏسي سائنسدان سندس هر جزي جي تحقيق ۽ تشخيص ۾ لڳي ويا ته اها ڪهڙي شي آهي، جيڪا چگي پلي جانور کي واڳونءَ جي پيٽ اندر سڄي جو سڄو ڳاري هضم ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي، ٻيو ته هن جي اکين مان سدائين پاڻي ڇو وهندو آهي؟. ايتري پاڻيءَ ٽمڻ جو سبب ڪهڙو؟. آخرڪار گهٽي جاکوڙ کان پوءِ حقيقت اکين اڳيان عيان ٿي پئي ۽ خبر ملي ته واڳون جي بدن ۾ تمام گهٽي تيزابيت آهي، اها ئي تيزابيت واڳونءَ کي هاضمي ۾ مدد ڪري ٿي ۽ هر قسم جي جانور کي سڄي جو سڄو منٽن ۾ ڳاريو ڇڏي، سندس اکين مان به تيزابي پاڻي ئي وهندو آهي. جيڪڏهن سندس اکين مان ان تيزابي پاڻيءَ جو وهڻ بند ٿي وڃي ته هوند واڳون ڇٽن پهرن ۾ ڳري ختم ٿي وڃي. مطلب ته قدرت هر ڪنهن جاندار جي بناوتِ ۾ وڏي حڪمت رکي آهي.

باب ڇهون

پکين ۾ سائنسي عمل

سموري تخليق تي اونهو فڪر ڪري ڏسنداسين تہ، هر هڪ شيءِ جي بناوت ۽ عمل ۾ اسان کي ڪو نہ ڪو سائنسي سبق ضرور ملندو. پکين ۾ گهر واپس اچڻ جي سمجهہ تمام گهٽي هوندي آهي. ڪونج پکي سرديءَ جي موسم ۾ اترئين برفاني علائقن کان اڏامي، جابلو ۽ ميداني علائقن مان ٽيندو ڏاکڻي گرم علائقن ۽ ميدانن ۾ پهچي ڏينڊن ۽ تلاون ۾ اها سردين جي موسم گذاري، بهار جي اچڻ سان وري پنهنجي وطن جو رخ رکن ٿا، ڪهڙي مجال جو پنهنجي هن ڊگهي سفر دوران هڪ فوٽ بہ رٽيل رستي تان ٽڙي وڃن. سائنسدانن جو خيال آهي تہ ٻين لاڏائو جانورن وانگر پکين ۾ بہ هڪ خاص قسم جي حس ٿئي ٿي، جنهن جي وسيلي هو پنهنجو گهر ڳولهي سگهن ٿا، گالٽيورنٽي نالي سائنسدان جو چوڻ آهي تہ لاڏائو ۽ اڻ لاڏائو پکين جي حواس ۾ فرق آهي. ڪن ٻين محققن جو چوڻ آهي اهي تہ ڌرتيءَ جي مقناطيسي دائري کي ذهن ۾ رکي مقناطيسي سئي (Magnatic Needle) وانگر مقرر طرف ۾ ڦرندا، پنهنجو گهر ڳولهيندا آهن. ڪن جو وري خيال آهي تہ پکي ڪجهہ خاص نشان مثلاً آباد علائقا، جبل، سمنڊ، واريءَ ۽ مٽيءَ جا ڍڳا، جهنگ ۽ ٻيٽ وغيره پنهنجي ذهن ۾ رکي اڏامن ٿا. سندن لڏ پلاڻ جو خاص فائدو هي ٿو رهي تہ مختلف علائقن جا پکي پاڻ ۾ ميلاپ (لڳ) ڪندا آهن، جنهن مان مختلف قسم جا پکي پيدا

ٿين ٿا. سفر جي سلسلي ۾ ساڳيوئي نمونو پيغام پهچائيندڙ ڪبوترن جو آهي. ڪبوتر کي ڪٽي ۽ ڇڏي ڏيندؤ تہ اهو مٿي فضا ۾ ۽ چار چڪر لڳائي طرف سمجهي، پوءِ ڪونج واري اصول تي پنهنجي اصلي گهر جو رخ رکندو. عام طرح ڏٺو ويو آهي تہ گهٽا پکي پنهنجي شڪار يعني، جيت وغيره جي ڳولها جي خيال سان هوا ۾ پرواز ڪري، زمين جو فضائي جائزو ونندا رهندا آهن، اهڙو پکي هوا ۾ ۽ ۽ چار چار منٽ هڪ ئي هنڌ پنهنجي پرن جي زور تي قيام ڪري، هيٺ ڇگيءَ طرح هر شيءِ جاچيندو آهي تہ ڪٽي سندس ڪائڻ جي ڪا شيءِ يا ڪو جيت وغيره تہ ڪونهي، سائنسدانن خصوصاً طبعيات جي ماهرن ان کي حڪمت سمجهيو ۽ پکين جي هن عمل تي وڏي سوچ ۽ فڪر ۾ پئجي ويا تہ اها ڪهڙي قوت آهي جيڪا کين هوا ۾ هڪ هنڌ ٽڪڻ ۽ پرواز ڪرڻ توڙي لامارا ڏيڻ ۾ مدد ڪري ٿي. تہ اسان ۽ ان الاهي عنايت جي نشاندهي ڪري سندس ڄاڻ رکي ان ئي قوت جي مدد سان طويل محروميءَ کان چوٽڪارو حاصل ڪرڻ لائق ٿي سگهيا آهيون ذهني عنايتن سبب مشيني پر ايجاد ڪري پکيءَ وانگر پرواز جو عمل خود ۽ ڏهرائي سگهي ٿو، آخرڪار گهڻي تحقيق ۽ انتهائي دشوار تجربن بعد هنن پکيءَ جي هوا ۾ پرواز بابت بنيادي سبب معلوم ڪري ورتو. نتيجو هي نڪتو تہ پکي پنهنجي پرن وسيلي هوا کي هيٺ ۽ پوئتي ڌڪائن ٿا، هوا وري مخالف طرف ۾ کين مٿي ۽ اڳتي اڇلائي ٿي. جنهن جي نتيجي ۾ هو پنهنجي مرضيءَ مطابق فضا ۾ اڏامي سگهن ٿا.حرڪت جو طرف متائڻ لاءِ پرن کان سواءِ پکي پنهنجي پڇ جو ۽ سهارو ونن ٿا. پکيءَ جو اهو عمل ذهن ۾ رکي سائنسدانن بلڪل

اهڙي ئي نموني هوائي جهاز ۽ هيليڪاپٽر وغيره ايجاد ڪيا، جن جي مدد سان انسان هوائن تي حڪمراني ڪرڻ لائق ٿي سگهيو آهي. هيليڪاپٽرن کي مٿان ۽ پويان پکا ٿين ٿا جيڪي هوا کي تيزيءَ سان هيٺ ۽ پوئتي ڌڪين ٿا ۽ هوا وري رد عمل ظاهر ڪندي ان کي مٿي ۽ اڳتي اوتري ئي قوت ۽ تيزيءَ سان مخالف طرف ۾ اڇلائي ٿي. اهڙي نموني هوائي جهاز ۾ پڻ پکا لڳل هوندا آهن جن جي ڦرڻ سان هوا هيٺ ۽ پوئتي ڌڪجي ٿي ۽ هوا ان جي ابتڙ زور ڏيکاريندي جهاز کي مٿي ۽ اڳتي اڇلائي ٿي. ماهرن جي سوچ اتي دنگ نہ ڪيو ۽ اڳتي وڌي پنهنجي تخليق کي عملي جامو پهرائيندي هاور ڪرافٽ (Hover Craft) ايجاد ڪيو. هاور ڪرافٽ به پکيءَ جي هڪ هنڌ ٽکڻ ۽ پرواز جي اصول تي ئي بنايا ويا آهن، هن ۾ پڻ ڦرٽيون ۽ پکا وغيره لڳل هوندا آهن جيڪي هوا تي داب ڏيکارين ٿا.

پکيءَ جي انهن مٿين خوبين تي فڪر ڪرڻ بعد سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته، نيوٽن سائنسدان حرڪت بابت جيڪي ٽي قاعدا بيان ڪيا آهن، تن مان ٽيون قاعدو پکيءَ جي ان ئي عمل مان واضح ڪيو ويو هوندو. هن قاعدي مطابق هر عمل جو برابر رد عمل ٿئي ٿو. انگريزيءَ ۾ هن جي وصف آهي:

(To every action there is an equal and apposite reaction)

يعني، ڪنهن به جسم تي جيترو زور لڳائبو ته اهو برابر قوت سان ان کي مخالف طرف ۾ ڌڪيندو، پکي ۽ هوائي جهاز وغيره به نيوٽن جي ٽئين قاعدي مطابق هوا ۾ اڏامندا آهن. هي معاملو ته هوا تائين محدود آهي، يعني هوا کي ئي ڏبائي سندس رد عمل واري قوت سان اڏامي سگهجي ٿو سائنسدانن نہ صرف اتي بس ڪئي پر کين

خيال ٿيو ته ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان هوا کان مٿي خلا ۾ سفر ڪري ڪهڪشائي نظام کي زير ڪجي. ان مقصد لاءِ به هن حرڪت جي ٽئين قاعدي جو سهارو ونندي راڪيٽ ايجاد ڪيا. هوائي جهاز ۾ تيل وغيره کي ٻارڻ لاءِ آڪسيجن گئس هوا مان ئي ملندي آهي، تنهن ڪري اهو صرف هوا ۾ ئي اڏامي سگهي ٿو پر راڪٽ ۾ ائين ناهي، هن ۾ تيل وغيره کي جلائڻ لاءِ آڪسيجن راڪيٽ ۾ ئي موجود هوندي آهي، تنهن ڪري هوا جي محتاجي نه ٿي رهي. ٻارڻ يعني تيل جي جلڻ سان ڪيميائي توانائي حرارتي (گرميءَ جي) توانائيءَ ۾ تبديل ٿئي ٿي، جيڪا پوءِ مڪينيڪل توانائيءَ ۾ تبديل ٿي راڪيٽ کي اڳتي ڌڪجڻ ۾ مدد ڪندي آهي، ٻيو ته راڪيٽ جي پوئين حصي سان تيز ۽ طاقتور دونهون خارج ٿئي ٿو، جيڪو به ڪيس تيزيءَ سان اڳتي ڌڪڻ ۾ اهم ڪم سرانجام ڏئي ٿو. طرف مٽائڻ لاءِ ڪيس پڪيءَ وانگر ڦيچ جو سهارو ونڊو پوندو آهي. زمين تان اڏامڻ وقت ڏنو ويو آهي ته پکي پهريائين پنهنجو اڳيون ڏڙ هيٺ ۽ پويون ڏڙ ڦيچ سميت مٿي ڪري پوءِ هوا ۾ اڇل کائيندو آهي، اهڙيءَ طرح هوائي جهاز به رن وي (Run Way) تان فضا ۾ ايڻ وقت ائين ئي ڪندو آهي. سوچيو ته سهي جو حرڪت جو ٽيون قاعدو ۽ هوائي جهاز جو ايجاد ٿيڻ ايزدي اشارن جو نتيجو نه آهي، راڪيٽن جي پرواز لاءِ هڪ ٻيو قاعدو به رهبري ڪري ٿو. هي حرڪت جي ٽئين قاعدي مطابق عام رواجي ٽوڪٽي واري اصول تي اڏامندو آهي. هڪ ٽوڪٽو هوا سان ڀري پوءِ سندس منهن کولي ڏسندا ته، هن جي منهن مان تيزيءَ سان پوئين طرف هوا نڪري ويندي ۽ ٽوڪٽو اوتري ئي رفتار سان اڳتي

ڏکجي اچل کائيندو. اهڙي نموني ٿوڪٽي ۽ پکيءَ واري اصول تي غور ڪرڻ سان هاڻي انسان ان قابل ٿي ويو آهي تہ، هو آسماني عنصرن تائين پهچي انهن کي عام فائدن لاءِ استعمال ڪري سگهي ٿو، هن وقت هو خلائي اسٽيشنون ۽ رسد گهر ناهي، گهٽي وقت تائين خلا ۾ رهڻ جي قابل ٿي سگهيو آهي. پنهنجي پيرن ۾ لڳل ڪشش ثقل جون ڪڙيون پڄي پرزا پرزا ڪري ڇڏيون اٿس. چند جو سفر تہ هن لاءِ هينئر معمولي ڪم ٿي پيو آهي. پنهنجي پيرن کي ڏرتيءَ جي دز کان پاڪ ڪري، ڪنهن ٻئي آسماني جسم تي گذارڻ جي ست ٿي رهيو آهي. مذهب ۽ اسان کي ائين ڪرڻ لاءِ بجاءِ همٿائي ٿو جيئن انهن مان وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪريون.

پاڻيءَ ۾ رهندڙ پکين جي فطرت ۽ طرز زندگي ۽ ڪنهن مفهوم ۽ دلچسپيءَ کان خالي ناهي. خالق حقي سندن جسم ۾ سٽيڪ جا اڻ کٽ ۽ ججها خزانا پيدا ڪرڻ جا ذريعا جوڙي ڇڏيا آهن. اها سٽيڪ انهن جي جسم ۾ سٽيڪ پيدا ڪندڙ غدودن مان ملي ٿي، جنهن کي هو وقت بوقت پنهنجي چهنب وسيلي سڄي بدن ۾ پکيڙي جسم کي چمڪدار بنائين ٿا. سٽيڪ سبب سندن ڪنب پڄن ٿي ڪونہ ٿا. ان ڪري کين اڏامڻ ۾ ڪا ۽ تڪليف نہ ٿي ٿئي ۽ جسم سدائين صاف رهين ٿو. پي صورت ۾ پاڻي اندر گذاري نہ سگهن ها، چاڪاڻ تہ کنين جي آلاڻ سبب سندن ٻڏي مرڻ جو امڪان هو. انهن جو پاڻيءَ ۾ ترڻ ۽ حڪمت پريو آهي. پنهنجي پيرن ۽ ٻين عضون وسيلي پاڻيءَ کي هيٺ ۽ پوئتي ڌڪن ٿا. حرڪت جي ٽئين قاعدي مطابق هوا وانگر پاڻيءَ ۾ ۽ اچل جي خاصيت آهي، تنهنڪري استعمال ٿيل قوت جي رد عمل ۾ هي کين مٿين طرف ۽ اڇتي

اڇلائي ٿو، اهڙي نموني پکي پاڻيءَ ۾ ترن ٿا. انهيءَ بنياد تي ئي تارو پاڻيءَ ۾ ترندا آهن. پکين ۾ قدرت وري انسان لاءِ گرم ۽ طاقتور غذائي جزا رکيا آهن کين گرم ۽ توانو رکڻ لاءِ خالق سندن هاضمي جو سرشتو تيز ۽ درست رکيو آهي. سندن کاڌو جلد هضم ٿيڻ سبب سڄو ڏينهن ان جي ڳولها ۾ هوندا آهن. گهٽي کم کار ۽ غذائي مصروفيتن سبب خود بخود هن جي گرميءَ جو درجو وڌي ٿو. جيئن ماڻهو گهٽو کم کندو تيئن اندرين مشينري وڌيڪ چر پر سبب زياده گرم رهندي، اهوئي نمونو پکين جو آهي. گهٽي کم کرڻ سبب کين ساهه کڻڻ لاءِ به زياده آڪسيجن جي ضرورت پوي ٿي. تنهن ڪري سندن ڦڦڑ نسبتاً وڏا هوندا آهن، ڏاند ۽ جهرڪيءَ جي جسامت جي مدنظر انهن جا ڦڦڑ پيٽي ڏسندا ته جهرڪي گوءِ کڻي ويندي. اهو ان ڪري جو کين حرارت جو درجو برقرار رکڻ ۽ زياده خوراڪ کي هضم ڪرڻ لاءِ وڌيڪ گرمي ۽ آڪسيجن جي ضرورت پوي ٿي، تنهن ڪري زياده آڪسيجن جلائڻ لاءِ وڏا ڦڦڑ ئي اهم ڪم ڏيئي سگهن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو خالق حقي پکين کي نسبتا وڏا ڦڦڑ بخشيا آهن، جيئن جلدي جلدي ساهه کڻڻ سان گهٽي هوا ۽ آڪسيجن ڦڦڑن سان گذاري سگهن.

پکين تي تحقيق دوران معلوم ٿيو آهي ته مادي اٺ پکي جي آنن ڏيڻ کان پوءِ نر اٺ پکي آري تي ويهندو آهي، ليڪن هي به چوويهه ئي ڪلاڪ آري تي نه ٿو ويهي. ڪجهه وقت ويهڻ بعد آنن کي واريءَ سان ڍڪي- داڻي پاڻيءَ جي ڳولها ۾ نڪرندو آهي، جڏ ته کيس قدرتا ان سائنسي اصول جي جاڻ مليل آهي ته واري گرميءَ جو سنو پسرائيندڙ (Good Counductor) آهي. تنهن ڪري آنن مٿان

واري هئڻ سبب سج جي گرمي سرجڻ (Conduction) واري عمل وسيلي آنن تائين پهچندي ۽ سندس غير موجودگيءَ ۾ ٻه ساڳي ئي گرمائش بهتر نموني ۽ ضرورت مطابق آنن کي پهچندي رهندي. آسٽريليا ۾ رهندڙ پکي مائوند (Mound) ۾ آنا لاهڻ بعد مختلف قسم جا ڪک ۽ پن گڏ ڪري کين ڏکي هليو ويندو آهي، جيئن ڪکن مان گرمائش ۽ توانائي حاصل ڪري ٻچا پيدا ڪري سگهن. آفريڪا جو هڪ ٻيو پکي (Crocodilebita) ٻه واريءَ ۾ آنا لاهي انهن کي اتي ئي پوري چڏي ويندو آهي ۽ پاڻهي ئي ٻچا گهربل وقت تي نڪرندا آهن. ڪجهه ڪمزور ۽ سست رفتار پکي، جيڪي اڏامڻ جهڙا نه هوندا آهن، جو دشمن جو مقابلو ڪري سگهن يا پاڻي جند ڇڏائي سگهن، سي وري سمجهي سوچي تمام ٿڏن اترين برفاني علائقن خصوصاً سائبيريا جهڙن سرد علائقن ۾ وڃي رهندا آهن، جتي شڪارين يا ٻين دشمن جانورن جي اچ وچ ۽ رهائش گهٽ هجي.

عقاب آنا لاهڻ وقت نر ۽ مادي وڻ جون سنهيون سنهيون شاخون ڳولهي پنهنجي آکيري لاءِ گڏ ڪري تمام گهٽي اوچائيءَ تي ڪنهن قدآور وڻ وغيره جي چوٽيءَ تي پنهنجو انوکو ۽ فني آشيانو اڏيندا آهن. سندن آکيرو گول، نهايت اونهون ۽ نرم ٿئي ٿو. منجهس نرم پن، ڪک ۽ ڪنب پيل هوندا آهن، اهي ڪنب هو پنهنجي جسم مان پٽي اتي رکندا آهن جيئن آني مان نئين سر نڪرندڙ نازڪ بدن وارو ٻچو وٽندڙ، نرم ۽ گرم بستري تي سڪ سان ويهي سگهي، پر گهربل گرمائش ٻه ڪيس آکيري ۾ ئي ملندي رهي.

قادر جي ٻي مخلوق وانگر پکين جي ٻه ڪيتري ئي تعريف ڪجي گهٽ آهي. جيئن اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته، پکين ۾ ٻين

حيوانن کي مضبوط حواس عطا ڪيا ويا آهن، جن سان هو آسپاس جو ماحول پرکي نہ صرف پاڻ، پر انسان ذات کي بہ ان کان باخبر رکندا آهن، جڏهن انڌا ڏنڊ مينهن ۾ طوفان جو امڪان هوندو ته، هو سپ ڪجهہ هوا جي داب ۾ فضائي جائزي مان يڪدم اندازو لڳائي ويندا آهن ته ڪيتري وقت ۾ اها مصيبت اچڻ واري آهي، سو جلدي جلدي هيڏانهن هوڏانهن تيزيءَ سان اڏامندي، مختلف هوليون هوليندي، اسان کي ان جي خبر ڏيندا آهن. نہ صرف ايترو بلڪ اسان کي حفاظتي تدبيرن جو اشارو ڏيندي پاڻ بہ ڪنهن محفوظ جڳهہ جي ڳولها ۾ لڳي ويندا آهن. هن وقت ته سائنسي ترقيءَ سبب ريڊار ۽ ٻيا تحقيقي خواهہ مواصلاتي مرڪز قائم ڪري زلزلن، هوڏ ۽ مينهن توڙي طوفانن جون خبرون اڳواٽ ئي حاصل ڪري سگهون ٿا، پر اڳئن زماني ۾ جڏهن ايتري ترقي ڪانہ هئي ۽ وسيلا محدود هئا، ان وقت موسمي حالتن خصوصاً طوفان ۽ مينهن جون خبرون پڪين ڪان ئي ملي سگهنديون هيون. پڪين جو هڪ خاص فائدو هي بہ آهي ته هو ڪيترن ئي نقصان ڪار جيتن کي ڪائي اسان جي فصلن ۽ خود اسان جي جسماني صحت جي حفاظت ڪن ٿا.

قدرت پکين جي حرارت جو تقريباً ۱۰۶ کان ۱۱۰ درجا فارن هائيٽ تائين رکيو آهي، ان جو هڪڙو مکيہ سبب هي بہ آهي ته، هو پنهنجي آنن کي ڦوڙي انهن مان ٻچا پيدا ڪري سگهن، ڇاڪاڻ ته ان کان سواءِ انهن کي گهربل گرمائش ۽ توانائي نہ ملي سگهندي. جيئن اڳ بيان ڪيو ويو آهي ته پکين، جانورن ۽ جيتن جون ذهني صلاحيتون محدود آهن، تنهن ڪري قدرت سندن زندگي گذارڻ جي

طريقن کي مد نظر رکندي، انهن جي جسماني جوڙجڪ ڪئي آهي، مثلاً سانبو دشمن کان جند ڇڏائڻ لاءِ مختلف رنگ متائيندو آهي، جيئن آسپاس شين ۾ لڪي سگهي. ٻاڙو ۽ تتر وغيره جو رنگ ۽ ميرانجهڙو چٽڪمرو هوندو آهي ۽ اڪثر ڪري هو اهڙي قسم جي گاهن ۾ ئي لڪي ويهندا آهن، طوطن جو رنگ سائو ۽ ان ڪري ئي بنايو ويو آهي، جو سندن گذران سرسبز وڻن ۽ ٻوٽن مان پيدا ٿيندڙ ميون تي آهي سندن رهائش ۽ ساون پٽن وارن باغن ۾ ٿئي ٿي سو طوطي ۽ ٻوٽن جو رنگ هڪ جهڙو هئڻ سبب کيس بچاءُ ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي، برفاني چيري جي بدن تي شروع ۾ پورا ليڪا هوندا آهن، پر جوانيءَ ۾ اهي ليڪا ختم ٿي وڃن ٿا ۽ چيرو صرف اڇو لڳندو آهي، سندس اهڙي رنگ سبب کيس برف ۾ دشمن کان لڪي وڃڻ لاءِ سازگار حالتون ملي سگهن ٿيون. جهرڪيءَ جو هڪڙو قسم ٿئي ٿو، جنهن کي عام طرح ٻوڙي ۽ ٻبر نالن سان سڏيو ويندو آهي. هي جاندار عموما ٻوڙن جي پٽن ۾ فني طريقي سان اونڌا آکيرا ٺاهي رهندو آهي، هن لاءِ هڪ چوٽي خصوصاً مشهور آهي ته "ٻبر بي خبر جنهن جو اونڌو آکيرو" کيس بي خبر ۽ ان ڪري ئي سڏيو وڃي ٿو ته هي هڪڙو سادو پکي آهي، ان سادگيءَ جي باوجود قدرت کيس پنهنجي محفوظ زندگي گذارڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ تي ڪاربند رکيو آهي، پوءِ اهو سپ ڪجهه جاڻي واڻي يا اڻ جاڻائي ۾ چو نه هجي پر قدرت سندس فطرت اهڙي نموني بنائي آهي جو، هي پکي پنهنجي سر بچاءَ لاءِ اهڙي جڳهه ناهيندو، جتي ڪو نانگ ۽ ٻيو ڪو دشمن جيت حملو نه ڪري سگهي، ڇاڪاڻ ته هي نهايت ڪمزور ۽ سادو آهي.

باب ستون

جاندارن کي صفائيءَ جي ضرورت

قدرت جي بنايل هرڪا شيءِ ۾ هرڪو اصول اسان جي فطري تقاضائن مطابق آهي. ان ۾ اسان کي پنهنجي نفسياتي توڙي روحاني خواهشن کي پوري ڪرڻ لاءِ بهترين سبق ملي ٿو. جيڪو زندگيءَ کي هر قسم جي خطرن کان محفوظ بنائي ٿو، مثال طور: نماز اسان تي فرض ڪئي وئي آهي، ان جي ۾ اهم مقصدن مان هڪڙو مقصد صفائيءَ ۾ ورزش آهي. پنج وقت نماز پڙهڻ سان ڪپڙن توڙي بدن جي مڪمل پاڪائي ۽ صفائي رکڻي پوي ٿي. طب ۽ سائنس جو به اهوئي اصول آهي ته ڪپڙو، بدن ۽ رهائش گاهه مطلب ته هر شيءِ جي پاڪائي رکڻ گهرجي، سيني حڪيمن جي گڏيل راءِ آهي ته "صحت اڌ حياتي آهي"، جيڪا صفائيءَ کان سواءِ برقرار رهي نٿي سگهي. اسلامي تعليم مطابق صفائي اڌ ايمان آهي، ائين چوڻ بلڪل درست ٿيندو ته سڀ کان وڏو حڪيم خود الله آهي، جنهن اسان تي نماز فرض ڪري ۾ مقصدن سان گڏوگڏ اسان کي پنهنجي بدن توڙي گهرو ساز و سامان جي صفائي رکڻ لاءِ پابند بنايو آهي. ڪپڙن ۽ جسم جي پاڪائي سان هڪ ته وچڙندڙ بيمارين جا جيوڙا هڪڙي ماٿهو ۽ جسم کان ٻئي تائين نه ٿا پهچي سگهن ۽ ٻيو ته اسان جي جسم مان خارج ٿيندڙ پگهر، پيشاب ۽ ٻيو بيڪار مادو جنهن ۾ مختلف قسمن جون غلاظتون هوندين آهن ۽ جن مان قسمين بيمارين جي پکڙجڻ جو امڪان هوندو آهي، تن

کان محفوظ رهي سگهون.

جيئن تہ اسلام فطرت جو دين آهي، تنهن ڪري ان ۾ اسان جي هر ضرورت جو خيال رکيو ويو آهي. صفائيءَ جو مطلب اهو ناهي تہ صرف وهنجي سهنجي ڪپڑا ڏوتا تہ صفائي ٿي وئي، پر ان لاءِ جسم جي اندروني صفائي بہ ضروري آهي، جيئن معدي جي صفائي ضروري آهي، اندر کي اجاڑڻ ۽ بيڪار مادو جسم مان خارج ڪرڻ لاءِ اسان تي سال ۾ هڪ مهينو روزا فرض ڪيا ويا آهن. مذهبي فرض سان گڏوگڏ حڪيمن ان جي طبي اهميت بيان ڪئي آهي. طبي اصول مطابق جيترو کائجي ان کان وڌيڪ ڪم ڪجي، جيئن غذائي جزا مڪمل طرح استعمال ٿي ججهي انداز ۾ گڏ نہ ٿي سگهن. هي صورت ۾ گهٽي انداز ۾ عُمدا طعام کائڻ ۽ گهٽ جسماني ڪم ڪرڻ سبب جسم ۾ غذائي جزن جا انبار لڳي ويندا ۽ بيڪار چربيءَ جو مقدار گڏ ٿيڻ لڳندو نتيجي طور ماڻهو ٿلهو ٿيڻ لڳندو آهي ۽ اکيون چربيءَ سبب پورجڻ لڳنديون آهن، ڳل پنهنجي چستي ۽ تازگي وڃائي ٿلها ٿي لٽڪڻ لڳندا آهن ۽ چهرو پنهنجي پرڪشش رونق چڏڻ لڳندو، اهڙي نموني صاحب صورت انسان بہ بدصورت ٿيو پو،، سٽپ وڌي وڃڻ ڪري سند نجو بلڊ پريشر (Blood Pressure) جو مريض ٿيڻ اڻ تر ٿيو پوي، رت جو دباءُ وڌي وڃڻ سبب دل جون بيماريون پيدا ٿي پونديون آهن ۽ اهڙي ماڻهوءَ کي دل جا دورا پون ٿا. رات ڏينهن فڪر ۾ رهندو آهي حضور سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن بہ هميشه اهائي تاڪيد ڪندا هئا تہ گهٽ کائو، پيٽ جو هڪڙو حصو فڪر لاءِ ڇڏيو ۽ وڌ ۾ وڌ جسماني ڪم ڪري حلال روزي کائو. ڏنو ويو آهي تہ هاري ۽

مزدور طبقو عام طور وڌيڪ صحتمند هوندو آهي، ان جو ب اهوئي سبب آهي ت هو جسماني ڪم وڌيڪ ڪندا آهن، ان ڪري سندن جسم جي مضبوطي سان گڏ قوت ارادي ب مضبوط ٿي ويندي آهي، جيڪا هر انسان لاءِ عظيم نعمت آهي. باڪٽر اڪثر ڪري جلاب جي تلقين ڪندا آهن ۽ حڪيم ت گهٽو ڪري دوا کان اڳ جلاب ضرور ڏينداجيئن گذريل وقت جون سپ غلاظتون معدي ۽ آندن مان خارج ٿي وڃن ۽ دوا کي مڪمل اثر ڏيکارڻ جو پورو پورو موقعو ملي.

انسان ت ڏهيو سيئي جانور پڻ خدائي اصول مطابق پنهنجي جسم کي فرحت بخش ۽ صاف ستڙو بنائڻ لاءِ صحت ۽ صفائيءَ واري اصول تي پابندي سان مصروف عمل آهن. ڪانءَ، جهرڪي ۽ ٻيا ڪيترائي پکي وقت بوقت پاڻيءَ جي ڏورن، واهن ۽ شاخن ۾ وهنجي پرن وسيلي چگيءَ طرح، پاڻي پنهنجي سڄي جسم کي پهچائي پوءِ چندي، پنهنجو بدن ڏوئي صاف ڪندا آهن. نانگ کي ڏسو جو قدرتي طرح سندس صفائي پاڻهي ٿيندي رهي ٿي، مقرر عرصو گذرڻ کان پوءِ سندس بدن تان کل جو هڪڙو پڙدو لهيو پوي، اهڙيءَ طرح هن جي صفائي برقرار رهي ٿي. مينهوڳي جي موسم ۾ سيهڙ (سهو)، بلي ۽ ٻيا ڪيترائي جانور بي انداز پوسل ۽ گپ هوندي ب صاف ستڙا نظر ايندا آهن، سندن بدن جي ڪنهن ب حصي تي مٽي، گپ يا گندگي نظر نه ايندي. ڪن پکين ۽ جانورن جي بناوت ئي قدرت اهڙي نموني ڪئي آهي جو اهي پنهنجي جسم مان زهريلو مادو خارج ڪري بدن ۾ موجود جونءَ ۽ جيت وغيره ماري پنهنجي صحت برقرار رکندا آهن، ان کان سواءِ هو پنهنجي

جسم کي صاف رکڻ لاءِ کيترائي ٻيا طريقا ٻ ڄاڻندا آهن. ڏنو ويو آهي تہ، ڪڏهن ڪڏهن گهوڙا، گڏهيون، ڪڪڙ ۽ ٻيا پکي توڙي جانور پنهنجي جسم مان جيت خارج ڪرڻ خارش وغيره ختم ڪرڻ لاءِ متيءَ ۾ ليٽڙيون پائي ڪنهن نہ ڪنهن نموني اها متي سڄي بدن ۾، پکيڙي انهن جيتن وغيره کي ماري، پنهنجو جسم هر قسم جي بيقراريءَ کان پاڪ رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. مطلب تہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني قدرت کين سائنسي ۽ طبي اصولن کان واقف ڪري ڇڏيو آهي، هن ساري ڪائنات جي خالق الله جل جلاله هڪ سهڻو نظام ٺاهيو آهي، هر ڪنهن جي فطرت ائين بنائي ڇڏي آهي جو سيڪو پنهنجي ضابطئہ حيات تي ڪار فرما آهي، ڪوبہ پنهنجي طريقہ زندگيءَ ۾ تر جيترو ٻ فرق نہ ٿو رکي. انسان پنهنجي ذهانت وسيلي عظم ۽ سوچ رکي، زندگيءَ جا اصول قائم ڪري ٿو. انسان جون اڪثر غذائي ضرورتون پي حلال مخلوق مان پوريون ٿين ٿيون جيڪا صفائي ۽ رهائش جي قدرتي عمل ۽ ماحول مان گذري ٿي.هي اکين ڏنو مشاهدو آهي تہ جانور، مثلاً: ڳئون، مينهن وغيره جي بدن جي صفائي نہ ٿيندي تہ سندس چمڙيءَ ۾ ڳوڙها پيدا ٿيندا، جيڪي ڏينهون ڏينهن وڌندا ويندا ۽ وڏن ڏڪن جي صورت اختيار ڪندا آهن ۽ آخرڪار اهي ڏور ڏٻرا ٿي ڪم کان رهجي ويندا آهن. هيءُ پڻ ڏنو ويو آهي تہ اهڙن جانورن جي بدني صفائي برقرار نہ رکڻ سان انهن جي کير تي ڏاڍو برو اثر پوي ٿو، ٻيو تہ ٺهيو پوتن ۽ وٽن کي ٻ صفائيءَ جي سخت ضرورت پوي ٿي. ٻن هڪ جهڙن ۽ جيڏن پوتن مان جيڪڏهن هڪڙي جي صفائي نہ ڪبي ۽ ٻئي کي صاف ستڙو رکبو تہ صاف پوتي جي واڌ جي رفتار، گندگيءَ سان پريل

ٻوٽي جي نشونما جي رفتار کان گھٽو وڌيڪ ھوندي ۽ بھتر غذائي جزا صاف ۽ صحتمند ٻوٽي مان ئي ملي سگھندا. تنھن ڪري الله تعاليٰ مينھن وسائي ٿو جنھن سان وڻ ۽ ٻوٽن جي صفائي خودبخود ٿئي ٿي. ان جو ھڪڙو سبب ھي بہ آھي تہ، جيئن تہ ٻوٽا پنھنجي مرضيءَ مطابق چرپر ڪري ڪونہ ٿا سگھن، ان ڪري قدرت سندن ضرورتن جو خيال رکندي، پنھنجو قانون اھڙي نموني بنايو آھي، جو ڪائنات جي ٻين شين وانگر ڪين خودبخود ھڪجھڙو فائدو پھچندو رھي.

مٿي جيڪي بہ مثال بيان ڪيا ويا آھن، سي تہ ھڪ جاندار شين بابت پر جيڪڏھن بيجان شين جي صفائي ۽ سڻائيءَ جو خيال نہ رکبو تہ، انھن کي بہ نقصان پھچندو. ڪاٺ جو ٽڪر گند ڪچري ۾ ڦٽو ڪري ڇڏبو تہ اھو جلد ڀُري پنھنجي پائداري گھٽائي ڇڏيندو، لوھہ جھڙي مضبوط ڌاتوءَ جو ٽڪر ائين اڇلائي ڇڏبو تہ جلدي ڪٽجي ڀُري ويندو. ان جي ابتڙ ڪيس وقت بوقت صاف ڪري حفاظت سان رکبو تہ وڌيڪ عرصو ھلندو، مطلب تہ جاندار ھجي توڙي بيجان، ھر ڪنھن کي صفائيءَ جي سخت ضرورت آھي.

باب اٺون

تخليقن ۾ نعمتون ۽ راز

قدرت جنهن انداز ۾ زمين اندر خزانا رکيا آهن سمنڊ ۾ وري ان کان ٻه وڌيڪ تحفا محفوظ کيا آهن، جاکاڻ جو اونهائي توڙي پکيڙ مطلب ته، هر لحاظ کان سمنڊن جي ماپ زمين کان ڪافي وڏي آهي ۽ زمين جو ٽي پاڳي چار حصو سمنڊن سان ڍڪيل آهي. محققن جي راءِ مطابق زمين جا ذخيرا انساني آبادي۽ ۾ واڌ سبب اڄ پورا ٿيندا ٿا وڃن ۽ انسان کي نيٺ وڃي سمنڊ جو سهارو وٺڻو پوندو. سمنڊ جيڪي خشڪي جي مقابلي ۾ ٽيٽي پکيڙ ۾ آهن، تن جو کارو پاڻي معدنيات ۽ نمڪيات جو اڻ کٽ خزانو آهي. منجهس اهي سيئي عنصر موجود ۽ محفوظ آهن، جيڪي زمين ۾ دفن آهن اهڙو ڪو ٻه عنصر ڪونهي جيڪو سمنڊ ۾ نه هجي.

قدرت انسان جي پلي لاءِ هر وقت، هر قسم جون تدبيرون بنائيندي رهي ٿي، جيئن هو فڪر ڪري. سمنڊ پنهنجي چاڙهه سبب کناري وارن ملڪن ۽ شهرن کي مڙئي نقصان پهچائيندا رهن ٿا، برطانيا ۽ ڪن ٻين ملڪن ۾ سمنڊ جي ڪنارن کي کاڌ کان بچائڻ لاءِ سيمينٽ ۽ بجري وغيره جا بلاڪ ٻڌي، سمنڊ جي اهڙي نقصان کان بچاءَ جون گهڻيون ئي تدبيرون هلايون ويون آهن، پر بي انتها طاقت واري سمنڊ جي چولي۽ اڳيان اهو سڀ ڪجهه بيڪار ۽ ضعيف آهي، جيئن اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته قدرتي آفتن جو علاج مصنوعي طريقن سان مشڪل آهي، تنهن ڪري انهن کي

قدرتي طريقن سان ئي وڌيڪ اثرائتي نموني منهن ڏيئي سگهجي ٿو. انسان جي هن بي پناهه نقصان کي نظر ۾ رکندي خالق حقي سمنڊ جي ڪنارن وٽ اهڙا هوٽا پيدا ڪيا آهن، جن جي سختي سبب ڪنارن تي پاڻيءَ جي لهرن ۽ ڪاڇ جو ڪوبه اثر نه ٿو ٿئي، اهو نمونو ڏسي انجنيئرن به دريائي ڪاڏ کان بچاءُ لاءِ خطري وارن هنڌن تي گاهه وغيره ۽ سخت هوٽا پوکي هوڏ کان محفوظ رهڻ وارو طريقو اختيار ڪيو آهي. ڪوشش اها هوندي اٿن ته، دريائي ڪنارن ۽ حفاظتي بندن وٽ جتي ڪٽي ڇڄر ۽ وڻ وغيره پوکيل هجن جيئن کين گهٽ نقصان ٿئي.

انسان توڙي جانورن جي وڌندڙ آبادي سبب دنيا ۾ خوراڪ جو خاص مسئلو پيدا، ٿيندو ٿو وڃي، سوچيو پيو وڃي ته اهڙي حد اچي ويندي جو زمين جا وسيلا نيٺ ختم ٿي ويندا. ان امڪاني صورت بابت اڳوات سوچڻ لاءِ سائنسدان تحقيق ۾ لڳي ويا آهن ۽ انهي ڪوشش ۾ آهن ته مڃين کان سواءِ ٻيا ڪهڙا سامونڊي وسيلا آهن جن سان خوراڪ جو مسئلو حل ٿي سگهي ٿو. گهٽي کوجنا کان پوءِ معلوم ٿيو آهي ته اُهي هوٽا جيڪي سامونڊي اٿل کان انسان جو بچاءُ ڪن ٿا، سي نه رڳو انسان بلڪ چوپائي مال کي پڻ خوراڪ طور ڪم اچي سگهن ٿا، منجهن اهڙا غذائي جزا موجود آهن، جيڪي هر جانور توڙي انسان لاءِ ڪارگر آهن. هنن کي ڪائڻ سان چوپايو مال وڌيڪ چست ۽ توانو رهي ٿو، ۽ ان جي کير ۾ به خاطر خواهه واڌ ٿئي ٿي ۽ پڻ ان گاهه ۾ اهڙا ڪي جزا آهن جو کير مان گهڙو مکڻ پڻ پيدا ٿئي ٿو. هن سامونڊي گاهه مان حاصل ڪيل اٽو غذائيت

جي لحاظ کان عام ڪڪ جي اڻي جي مقابلي ۾ وڌيڪ بهتر چيو وڃي ٿو. سمندن مان اهڙا به گاهه ۽ ٻوٽا لڌا ويا آهن، جن جي پوکڻ سان ڪلراٹي ۽ سم واري زمين مان تيزابي لوڻيائو اثر ختم ڪري ڪيس وڌيڪ بهتر نموني آبادي۽ لائق بنائي سگهجي ٿو.

ساري مخلوق وانگر قدرت ٻوٽن کي به نعمتن سان مالا مال ڪيو آهي. اڄڪين مسلمان طبيبن تقريبا سيني مرضن جا علاج ٻوٽين مان ناهيل دوائن وسيلي ئي ڪيا آهن. هي طريقا ايترو ته ڪامياب رهيا جو هزارين سال گذرڻ بعد به دور جديد جا ڊاڪٽر ٻين طريقن سان ايترو ڪامياب علاج نه ڪري سگهيا آهن، توڙي جو هن وقت سائنس کي عروج تي سمجهيو وڃي ٿو. مسلمان ئي ٻوٽن جي اهميت محسوس ڪرائيندي کين گمنامي۽ واري دنيا مان ڪڍي سندن خاصيتون نمايان بنائي، دنيا وارن کي انهن جي فائدن کان باخبر ڪيو. اهڙا به ٻوٽا آهن جن جي استعمال سان پائي۽ ۾ صابڻ وانگر گج پيدا ڪري منجهن بهتر نموني ڪپڑا ڌوئي سگهجن ٿا. ٻهراڙي۽ ۾ رهندڙ گهٽا ماڻهو اهڙن ئي ٻوٽن مان ڪپڙن ڌوئڻ جو ڪارو صابڻ ناهيندا آهن، سنڌ ته ڇا پوري ملڪ ۾ دڪانن تي وڪامجندڙ ڪارو صابڻ ٻوٽن مان نهيل آهي. ڪن ٻوٽن جون پاڙون سڪائي ڪٽي پائوڈر بنائي مٽي جي جونئن کي مارڻ لاءِ استعمال ڪبو آهي، وري ڪن ٻوٽن مان خاص قسم جي ناس ناهي، مٽي جي سور، زڪام ۽ اهڙين ٻين بيمارين جو علاج ڪبو آهي.

ٻوٽن جا به سوين بلڪ هزارين قسم ٿين ٿا، جن مان انسان ذات هر روز لکين فائدا حاصل ڪري رهي آهي. هتي نموني طور هڪ

---

* سنڌ جي ڪن علاقن ۾ جواڻ به چون

ٻئي ٻوٽي *جاڻ ۾ موجود طبي خاصيتن جو مختصر بيان حاضر ڪبو. هي ٻوٽي گهٽو ڪري هر ڪنهن ڏني هوندي سندس ٻج وڏ کان ڪجهه ننڍو ٿئي ٿو. خوشبودار پر ذائقي ۾ ڪڙو ۽ اگرو ٿيندو آهي. فارسي ۾ هن کي "نانخواه" چوندا آهن. هن جي استعمال سان تمام گهٽي بک لڳندي آهي ۽ کاڌو سولائيءَ سان هضم ٿي وڃي ٿو. اهوئي سبب آهي جو قديم ايراني هن کي تنوري ماني تي لڳائي استعمال ڪندا هئا. جاڻ جو ٻج توڙي عرق معدي جي سور، پيٽ ۾ وٽ، بدهاضمي، بک جو نه لڳڻ ۽ پيٽ تي بار وغيره لاءِ مفيد آهي. جگر جي سوج ۽ پراڻي بخار لاءِ پڻ ڪارگر ثابت ٿيو آهي، هن کان سواءِ پيشاب جي بند ٿيڻ،حيض جي بندش ۽ جلندر لاءِ پڻ فائديمند آهي. سرسام يعني سرديءَ کان بخار لاءِ ٻه جاڻ کي تيل ۾ ساڙي پوري بدن تي مالش ڪرڻ سان فائدو پهچي ٿو. چانهه جي ڪوپ ۾ جاڻ جو هڪ ماسو ملائي صبح جو پيئڻ سان سياري ۾ سيءَ کان محفوظ رهي سگهجي ٿو.

قدرت هر ڪنهن شيءِ کي ڪنهن نه ڪنهن نموني پرڪشش ۽فائديمند بنايو آهي جيئن ٻيو ڪو هن ڏانهن راغب ٿي سگهي، سهٽا ٿوهه وٽندڙ لڳندا آهن توڙي جو ڪوڙا زهر ڇو نه هجن. اهوئي حال گوشت خور ٻوٽن جو آهي، بيهڪ ۽ بناوت جي لحاظ کان سندس پن ۽ گل بي مثال آهن. مطلوب کي منٽن ۾ قيدي ڪريو وٺن. گلن مان رس پيئڻ لاءِ جڏهن جيت هنن ٻوٽن جي گلن ۽ پنن تي ويهندا آهن، تڏهن هنن جا گل ۽ پن جيڪي ٻوٽي کي شڪار جي خوشخبري ڏين ٿا. اهي پن ٻن ٿهن جا ٿهيل هوندا آهن، جيت جيئن ئي انهن کي ڇهي ٿو ته پن جا ٻئي ٿهه ڪلي پوندا آهن، جيڪي جيت کي ڦاسائي اندر

ڳڙڪايو ڇڏين. اهڙي نموني هي ٻوٽا اڪل بازيءَ سان پنهنجو گذر سفر ڪن ٿا. قدرت انهن جي ضرورت کي نظر ۾ رکي انهن ٻوٽن ۾ فني بيهڪ رکي آهي.

خالق جي هر تخليق ۾ نظام ۾ انسان لاءِ مڙيئي فائدا ئي فائدا آهن، جيڪڏهن انسان کي ان تحقيق مان ڪو نقصان پهچي ٻه ٽو ته اهو سندس ئي غفلت ۽ اعمال جو نتيجو آهي . مينهن جو مثال وٺو، جتي گهٽو مينهن وسي ٽو اتان جي زمين زرخيز رهي ٿي، گهٽي مينهن کي عام ماڻهو آفت ۽ قهر وغيره سمجهندا آهن، ليڪن ان ۾ ڪيترائي فائدا آهن. ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته ڪنهن به شيءِ جي تمام گهڻائي وقتي طور نقصان جو سبب بنجي ٿي ۽ اهڙا ڪافي مثال ملن ٿا، ليڪن ان جا نتيجا اڳتي هلي بيحد مفيد نڪرن ٿا. يورپ جو ئي مثال وٺجي ته اتي اڪثر مينهوڳي هوندي آهي. ڪنوڻ جي چمڪاٽ سبب هوا ۾ موجود "نائٽروجن" ۽ " آڪسيجن" پاڻ ۾ ميلاپ ڪري پهريائين "نائٽرڪ آڪسائيڊ" ۽ پوءِ "نائٽروجن پرآڪسائيڊ" ناهي ٿي، "نائٽروجن پرآڪسائيڊ" هوا ۾ ئي مينهن جي پاڻيءَ سان ملي هلڪو "نائٽرڪ ائسڊ" ناهي ٿي." نائٽرڪ ائسڊ" زمين تي پهچڻ وقت حل تي "نائٽريس" ۾ تبديل ٿئي ٿو. جنهن زمين ۾ نائٽريس گهٽي انداز ۾ آهي اها بيحد زرخيز رهي ٿي. عام طرح زمين ۾ ڦرين وارا فصل، مثلاً : لوسڻ، مٽر، چٽا ۽ گوار وغيره پوکيا ويندا آهن، چاڪاڻ ته هي فصل زمين کي گهٽي مقدار ۾ نائٽريس مهيا ڪن ٿا، مٽر يا لوسڻ وغيره جون پاڙون پٽي ڏسبو ته سندس پاڙن ۾ ننڍڙيون ننڍڙيون ڳوڙهيون نظر ايندیون اهي نائٽريس جون ڳوڙهيون هوندیون آهن، جيڪي زمين ۾ ئي ڳري ان کي

وڌيڪ طاقتور ۽ زرخيز بنائن ٿيون. گهٽي مينهن سبب هي جڳا زمين ۾ وڏي انداز ۾ نهن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو يورپ واري زمين هتان جي زمين کان وڌيڪ زرخيز رهي ٿي. ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ اتان جا ملڪ مشيني لحاظ کان گهڻو اڳتي وڌيل آهن ۽ اعليٰ قسم جا بج، پاڻ، دوائون ۽ مشينون وغيره استعمال ڪري، زمين جا زهريلا جڳا نيڪال ڪري منجهائنس وڌيڪ اناج حاصل ڪن ٿا، سمنڊن جو پاڻي سج جي تپش سبب صاف ٿي ڀاڦ جي صورت اختيار ڪري هوا ۾ مٿي اڏامي وڃي ٿو ۽ موسمي حالتن پٽاندر ڪڪرن جي صورت ونڊي ٿو. ٿڌ پهچڻ تي وري پاڻيءَ جي صورت اختيار ڪري هوا ۾ موجود مختلف قسم جي ڪيميائي جزن کي پاڻ ۾ جذب ڪري موٽي زمين تي مينهن جي صورت ۾ وسي ٿو. خالق کي اهو ڪم ڪرڻ لاءِ ڪو گهڻو عرصو نہ ٿو لڳي. برسات جو پاڻي درياڻن، واهن ۽ شاخن مان وهندي زمين آباد ڪندو، وري وڃي سمنڊ ۾ واپس ڪري ٿو، ٿڌ پهچڻ تي فضائي حالتن سبب ٻيهر ڪڪرن ۽ مينهن جي صورت ونڊي زمين کي مالا مال ڪرڻ لڳي ٿو. مينهن جي هر هڪ ڦڙي کي زمين ۾ جذب ٿي ان کي گلزار بنائڻ لاءِ ڪيتريون ئي منزلون طئي ڪرڻيون پون ٿيون،

ڏٺو ويو آهي تہ پکي هجي توڙي ڪو ٻيو جانور، سيئي پنهنجي جسم مان مٿي، گندگي جيت ۽ پاڻي وغيره خارج ڪرڻ لاءِ پنهنجي جسم کي زور سان ڇنڊبيندا آهن، ڪنهن پکيءَ جا ڪنپ ڀڳل هوندا آهن تہ، ٻہ چار دفعا کين زور سان ڇنڊي بنا دير کين سکائيندو آهي. جانورن جو هي عمل ڏسي نيوٽن سائنسدان اچلنا جو اصول (Principle of Inertia) واضح ڪيو. حرڪت جو پهريون قاعدو

(First Law of Motion) بہ اچلتا جي اصول وانگر ئي آهي. هن اصول موجب هر ڪو جسم پنهنجي متحرڪ يا غير متحرڪ حالت قائم رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جيستائين ڪا باهرين قوت مٿس اثر انداز نہ ٿئي، جانور ۽ پکي پنهنجي جسم کي چندڻ يعني چر پر ۾ آڻڻ سان ان ۾ موجود مٿي ۽ پاڻيان وغيره کي بہ متحرڪ بنايو ڇڏين، هو پنهنجي جسم کي هڪدم بيهر سڪون اختيار ڪرائين ٿا پر پاڻي ۽ مٿي وغيره ۾ پنهنجي حرڪت واري حالت قائم رکندي باهر نڪري وڃن ٿا. اهڙي نموني سندن جسم صاف ٿيو پوي، جيئن تہ هن قاعدي موجب هر ڪا شيءِ پنهنجي چر پر يا سڪون واري حالت قائم رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، تنهن جي معنيٰ تہ جيڪڏهن ڪو سائيڪل سوار سائيڪل کي تيز هلائي پوءِ پئدل ڦيرائڻ ڇڏي ڏئي، يا ٻيو ڪو ماڻهو پٺ، پٽر يا بال وغيره اڇلائي ڇڏي ڏئي تہ اهو بہ جيڪر حرڪت جي پهرين قاعدي ۽ اچلتا جي اصول موجب پنهنجي حرڪت قائم رکندي هميشه لاءِ هلندو رهي. يقيناً ائين ئي ٿيڻ گهرجي پر ڏٺو ويو آهي تہ پئدل نہ هلائڻ سبب سائيڪل ڪجهہ مفاصلو طئي ڪرڻ کان پوءِ بيهي وڃي ٿي. اهو ان ڪري جو چر پر دوران هوا جا تهہ سائيڪل جي حرڪت جي مخالفت ڪن ٿا. ٻيو تہ زمين تي هلڻ وقت سائيڪل ڌرتيءَ سان ڪجهہ گسندي بہ آهي، ان ڪري سائيڪل ۽ زمين جي وچ ۾ گاڻ جي قوت پيدا ٿئي ٿي، جيڪا بہ سندس حرڪت جي مخالفت ڪندي آهي،ان کان سواءِ ڪشش ثقل جو عمل ئي سائيڪل کي روڪي ٿو، تنهن ڪري انهن بنهي مخالف قوتن جي زير اثر سائيڪل ڪجهہ مفاصلو طئي ڪرڻ کان پوءِ بيهي رهي ٿي.

اچلايل بال، پتر ۽ پٿر وغيره ۾ ساڳين ئي مخالف قوتن جي رڪاوٽ سبب ڪجھ مفاصلو طئي ڪرڻ بعد بيھجي وڃن ٿا. عام طرح تيز رفتار گھوڙن، لارين، موٽر ڪارن يا ٻي سواريءَ تي چڙھيل ماڻھو ان جي اوچتي روڪجي وڃڻ سان اڳتي ڏڪو کائن ٿا، ان جو ۾ ساڳيو ئي سبب آھي جڏھن گھوڙو، لاري ۽ موٽر ڪار وغيره چر پر ۾ آھن تہ منجھس سوار ماڻھو ۾ انھن جي مناسبت سان متحرڪ رھي ٿو، سندن يڪدم بيھجي وڃڻ سان انسان پنھنجي اھا نسبتي حرڪت جاري رکندو اڳتي ڏڪو کائي ٿو، جيستائين ھو آھستي آھستي وڃي پاڻ کي روکي غير متحرڪ بنائي. تيز رفتار گاڏيءَ مان لھڻ وقت گاڏيءَ جي رخ ۾ ڊوڙڻو پوندو آھي، مخالف طرف ڏانھن لھڻ سان ماڻھو پوئتي يعني گاڏيءَ جي حرڪت جي طرف ڏڪو کائي ڪري پوندو، ان جو ۾ ساڳيو ئي سبب آھي، سائنسدانن اھڙن ئي اصولن کي مد نظر رکندي مختلف مشينن جي طرز عمل جي اصلاح ۽ بناوٽ ڪئي آھي.

موسيقي جنھن کي مذھبًا (اسلام ۾) بدعت ۽ حرام سمجھيو وڃي ٿو تنھن جا ڪجھ اھم فائدا ھتي بيان ڪرڻ ۾ مناسب ٿيندو پر ان جو اھو مطلب ھر گز نہ ونڻ گھرجي تہ مصنف ۾ ان کي مذھبي لحاظ کان جائز قرار ڏئي ٿو. جانور تہ ڇا انسان تي ۾ موسيقيءَ جو گھرو اثر ٿئي ٿو، جنگ جي ميدان واري "بئنڊ" سان ويڙھ لاءِ جوش ۽ جذبو پيدا ٿئي ٿو. ساز وسيلي نفسياتي ماھر گھڻن ئي مرضن جو علاج ڪن ٿا. اڄ ۾ آفريڪا ۾ ساز وسيلي علاج ڪرڻ جا ڪيترائي مثال ملن ٿا. مغربي جرمنيءَ وارن انسان جي دماغي برقي وھڪري تي سازن جي اثرن جو جائزو ونڊي معلوم

ڪيو آهي تہ، هر هڪ ساز ڏار ڏار عضوي تي اثر رکي ٿو. ساز ٻڌڻ سان ساهہ ڪڍڻ جي رفتار تيز ٿيو پوي ۽ جذبا ايرندا آهن، ذهني مريضن جو علاج موسيقيءَ وسيلي وڌيڪ ڪارگر ثابت ٿيو آهي، آمريڪا جي هڪ ڊاڪٽر رابرٽ هوورڊ "پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيسنس" جو هڪ ايڊيٽوريل لکندي پنهنجي پيشي سان لاڳاپيل ٻين ڊاڪٽرن کي صلاح ڏني تہ مريضن کي آرام جي دوائن ڏيڻ بدران موسيقيءَ وسيلي وڌيڪ اثرائتي ۽ بهتر نموني علاج ڪري سگهجي ٿو، ساز جو اثر انسانن وانگر حيوانن ۽ ٻوٽن تي پڻ ٿئي ٿو، جيئن تہ اهي بہ جاندار آهن، تنهن ڪري انهن جو موسيقيءَ کان متاثر ٿيڻ هڪ قدرتي ڳالهہ آهي. اڪثر نباتات جي ماهرن جو چوڻ آهي تہ ساز وسيلي زمين مان بهتر فصل حاصل ڪري سگهجن ٿا. نہ صرف ايترو پر فصل اندر موسيقي وڄائڻ سان ڪئين جيت ان کي چڏي سلي مان ٻاهر نڪريو اچن ۽ فصل جيتن جي خطرن کان محفوظ رهي سگهي ٿو.

اثارتي طرفان ڇپايل ڪتاب

ڪتاب جو نالو	مصنف جو نالو	قيمت روپيا
سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	500-00
سبي جي هولي	ڊاڪٽر داد محمد بروهي	25-00
اسان جون اکيون	علي مرتضيٰ ڏاريجو	25-00
سنڌ ۾ فقهي تحقيق جو ارتقاء	ڊاڪٽر قاضي يار محمد	35-00
ماٽيلي- اپاوڙي جي هولي	پروفيسر شيخ محمد فاضل	35-00
شڪارپور جي هولي	ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي	28-00
جواهر لغات اکيچار	آخوند عبدالرحيم عباسي	250-00
سنڌي هوليءَ جو آڳاٽو ذخيرو	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	120-00
ٽر جي هولي	هدايت پريم ۽ عبدالجبار جوٽيجو	40-00
ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي هولي	حافظ حبيب سنڌي	50-00
هوڻن جي واڌ ويجهه	حاجي اسلام الدين مجيداڻو	25-00
شاهه جو رسالو	مرزا قليچ بيگ	100-00
لغات لطيفي	مرزا قليچ بيگ	50-00
هندوستان جي زبانن جو جائزو	جان بيمز: مترجم ڊاڪٽر نواز علي شوق	15-00
سنڌي پرائمر ۽ ريڊر (استادن لاءِ هدايتون)	قادر داد افغان	10-00
سنڌو لکت جو بين الاقوامي	هنٽر : مترجم عطا محمد پنهور	200-00
لکڻ سان لاڳاپو		
سنڌو لکت	ايس - آر - راءِ: مترجم عطا محمد پنهور	90-00
سنڌي براهوي هوليءَ		
جو تقابلي جائزو	ڊاڪٽر داد محمد بروهي	50-00
خالق جون سائنسي ڪاريگريون	عزيز الله "عزيز" بروهي	50-00
رشف الزلال	مخدوم محمد هاشم ٺٽوي	30-00
	مترجم عبدالرسول قادري بلوچ	
هرگنيو	آخوند عبدالرحيم عباسي	40-00

ڇپائي هيٺ

سنڌ جو مهراڻ	رپورٽي: مترجم عطا محمد پنهور	-
سنڌوءَ جو ڇوڙ وارو علاقو	هيگ: مترجم عطا محمد پنهور	-

سنڌي هوليءَ جو بااختيار ادارو - حيدرآباد سنڌ

فون نمبر : 652457